سنڌ رتيپو

سال
2025
2026

سنبت
٢٠٨٢

500/-

پيتا



سرڳواسي
مهراج تيجو رام شرما

سنڌ رشيوا منڊلي

ڪوٽڙي حيدرآباد

سنڀاليندڙ:
مائو سنتوش ليلارام خانواڻي
b# +923332601943
+923203957027
02222720960
wamandlikotri
mail.com

برانچ آفيس: نيو يونائيٽڊ هوٽل جي پويان، حيدر چوڪ حيدرآباد

سنڌ شيوا منڊلي
ڪوٽڙي

Scanned with CamScan



Scanned with CamScanner





جن پلئه پار ايا لال جا، لال ڪارج سنوار پاڻ جا
رڪ جوتين واري تي پاڻيهي پوري ڪندو

سندر ٽپڻو

سنبت ٢٠٨٢ سال 26_2025

سينگاريندڙ: مانوسنتوش ليلارام خانواڻي

سندر شيوا منڊلي
ڪوٽڙي

Mob: 0333-2669877

سندر شيوا منڊلي

ڪوٽڙي ايٽ حيدرآباد

نيو يونائيٽڊ هوٽل جي پويان، حيدرچوڪ حيدرآباد.

فون: 0333-2601943,022-2720960,0320-3957027

وشئہ سوچي (فهرست)

Scanned with CamScanner

پنهنجي سُندر ٽپڻي ۾ ڇا آهي؟

جڻ جهولي لال: پريہ پانڪو: جيئن تہ نئين سال جو سندر ٽپڻو توهان اڳيان حاضر آهي اميد تہ اسان جي ڪوشش سان سينگاريل سندر ٽپڻو توهان کي پسند پوندو.

اڳيان لکڻ کان پهرين ڪجهہ دنياداري جي ڳالهہ ڪري وڃا جو اِها تمام ضروري آهي اڄ ڪلهہ توهان سڀ ڄاڻو ٿا تہ ملڪ ۾ اقتصادي حالتن جي ڪري مهنگائي تمام گهڻي چوٽ چڙهي ويئي آهي، جنهن جو اثر پڻ اسان تي بہ ٿيو آهي جو ڪاغذ، مس،ڇپائي، بائنڊنگ ۽ ٻين ڪافي شين ۾ مهانگائي جو اثر تمام گهڻو پيو آهي جنهن جي ڪري اسان کي سندر ٽپڻو جي پيسا پڻ وڌائڻ اٿر تي پيو آهي. انهيءَ لاءِ اسان توهان پاٺڪن کان شمع جا طلبگار آهيون ۽ اميد ٿا رکون تہ جيئن ٦٠ سالن کان توهان **"سندر شيوا منڊلي"** جو ساٿ ڏيندا آيا آهيو اڳيان بہ ائين ئي پنهنجو ساٿ ڏيندا رهندا. اسان جي ٽين پيڙهي هن شيوا جي ڪم ۾ آهي. آئون اميد ٿو ڪريان تہ توهان جي سهڪار سان گڏ توهان جي همٿائڻ جي بہ اسان کي ضرورت آهي.

هندو ڌرم جو نہ پر ڪرم جو نالو آهي. جو ڪرم اسانکي چار ويد سيکارين ٿا. رُگ ويد، يَجُر ويد، سام ويد، اٿر ويد. ويدن ۾ جوتش، رمل، سامودرڪ شاستر، تنتر وغيره جو گيان ڀريل آهي، ويدن ۾ جُدا جُدا گهڻن ئي وديائن جو مثال آهي. ويدن مان ٦ شاستر ٿيا جن ۾ جوتش شاستر هڪ آهي.

جوتش (ASTROLOGY) صرف اسان هندن ۾ نہ پر مسلمان، ڪرستان، جئين ۽ ٻڌن ۾ بہ ميجيو وڃي ٿو. هرڪ هڪ ڌرم ۾ جوتش کي پنهنجي پنهنجي نالي سان سڏيو وڃي ٿو پر جوتش ۾ هرهنڌ ٢٧ نڪشتر، ١٢ راسيون، گرهہ ۾ هيءُ جوتش جو ڦهلاءُ آهي اُن سيني کي ڏسڻ لاءِ ٽپڻو جي ضرورت پوي ٿي.

پهرين اچو تہ سمجهون ٽپڻو آهي ڇا؟

نوٽ (ٽپڻي کي سنسڪرت يا هنديءَ ۾ پنچاڳ چيو ويندو آهي) پنچانگ جو مطلب آهي پنگ انگ جوتش جا (١) تٿ (٢) وار (٣) نڪشتر (٤) يوگ (٥) ڪرڻ اُنهن پنجن جي هٽ ۾ هيءُ سندر ٽپڻو آهي اُن ۾ اسان تٿ، وار، نڪشتر جو ورڻن ڏيون ٿا تنهنڪري اُن کي ٽپڻو چون ٿا. سندر ٽپڻي جي مهينن وارن ٽيبلن ۾ توهين ڏسندا تہ اُن ۾ ڏهہ خانا آهن (١) وار (٢) سنڌي تاريخ (٣) انگريزي تاريخ (٤) تٿ دي (٥) تٿ شراڌ (٦)نڪشتر (٧)چندرما (٨) سج اُڀرڻ (٩) سج لهڻ (١٠) وڏا ڏڻ وغيره گهڻن ئي پاٺڪن جي هنن ٻن سوالن کي ڄاڻائجي تٿ شراڌ ۽ ديو ۾ ڇا فرق آهي؟ ڪهڙو نڪشتر گهڻي وقت تائين هلي ٿو؟

ٿو تہ ڏسي ديو تٿ جو مطلب آهي جا تٿ سورج اُڀرڻ وقت آهي. شراڌ تٿ خاص الگ گهڙين پلن جي انوسار الگ ٽين ٽيون، شراڌ ۾ ديو تٿ ٻئي الگ پوي ٿي. شراڌ جو مطلب آهي ٿي پهر ۾ پوي ٿي. نوٽ: پتر اُنهن کي ڇئبر ٿي، جنهنڪري جڏهن پترن جو ڪاريہ هجي تہ شراڌ تٿ ضرور ڏسجي. پترن جي لاءِ ڪُتب اچي ٿي، جنهنڪري سڏارِيندا آهن اُنهن کي پتر ڇئبو آهي.

آهي جيڪي اسان جا وڏا هن دنيا مان پرلوڪ سڌاريندا آهن اُنهن کي پتر ڇئبو آهي. ڪهڙو نڪشتر گهڻي وقت تائين هلي ٿو انهيءَ پاٺڪن جي گهڻي گهرج ڏسي هن سال نڪشتر جو وقت ڏنو ويو آهي مطلب تہ گهڻي وقت تائين ڪهڙو نڪشتر هلي ٿو اُن ڪانپوءِ ٢٥، ٢٦، ٢٧ جي ڄاڻ توهان کي ملندي، اِهو ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ رات ١٢_٠٠ کان ٢٤_٠٠ ۽ اُن کانپوءِ ٢٥، ٢٦، ٢٧ وغيره وقت ڏيکاريو ويو آهي. مثال طور ڪنهن هنڌ ٢٢_٢٧ لکيل آهي اُن جو مطلب آهي رات جو ٢٢_٣ تائين آهي. ساڳي ڏهہ نمبر ڪوٺي ۾ سورج ڏکڻ ۾ يا اُتر ۾ آهي نموني چندرما واري ڪُنڊي ۾ بہ وقت جو ساڳيو طريقو ڏيکاريو ويو آهي.

سنڌي ڪن بزرگن کي اڄا مسلماني مهينا ياد آهن جنهنڪري سنڌي، انگريزي ۽ مسلم مهينن جا نالا ۽ تاريخون ڏنيون ويون آهن ٽيون، وڏن ڏڻن ۾ پڊرا، پنچڪ، سنڌي ۾ منائيندڙ وارن جو خاص خيال رکيو ويو آهي.

پريہ پاٺڪو جيڪڏهن توها سندر ٽپڻي لاءِ ڪا نئين صلاح ڏيڻ چاهيو ٿا تہ توهان جو ڀليڪار آهي ڇو جو هي ٽپڻو توهان جو آهي.

شيوا ۾: **سنتوش ڪمار ليلارام خانواڻي**

انچارج سندر شيوا منڊلي ڪوٽڙي

سنبت ٢٠٨٢ سال 26_2025 جو ڦل

پرٿوي کي جملي ١٩٥٥٨٨٥١٢٦ سال ٿيا آهن جن مان ست جُڳ جي عمر ١٧٢٨٠٠٠ سال، تريتا جُڳ جي عمر ١٢٩٦٠٠٠ سال، دواپر جُڳ جي عمر ٨٦٤٠٠٠ سال ۽ ڪلجُڳ جي عمر ٤٣٢٠٠٠ سال جن مان ٥١٦٦ سال گذري چڪا آهن باقي ٤٢٦٨٣٤ سال اڃا پورا ٿيڻا آهن. هن وقت ست ڪرم ۽ ڌرم گهٽجي رهيو آهي، پاپ جا نيچ ڪرم ۽ اڌرم وڌي رهيو آهي، شريمان وڪرماجيت مهاراج جي راڄ ڪرڻ کان وٺي سنبت ٢٠٨٢ جي سال جو راجا سوريه، منتري سوريه، ذراعت جو مالڪ ٻڌر، اناج جو مالڪ چندرما، بادلن جو مالڪ سوريه، رس جو مالڪ شڪر، ڌاتوءَ جو مالڪ ٻڌر، ڦل جو مالڪ شني، ڌن دولت جو مالڪ منگل، فوج لشڪر جو مالڪ شني، ورش نام مارگ، شرش، روهڻي جو نواس سنڌو، سميه نواس ويش جي گهر سميه واهن يعنيٰ سواري گهوڙو جل ترڻ، ٢سوموتي اُماس پنچ سوموتي پنچمي، ١ اڱارڪي چوٿ، ٢ بانو ستمي، ٢ ٻڌ اشمي، ٥ روي ڏسمي، ١ سميه مورت، ٣٦٠ سميه ڏناني، ٣٥٥ ڪيه ٿٿي، ١٦ ورد ٿٿي، ١١ اتپت واسوا، ١٩ ڪپت وسوا، ٩٣ ورش وسوا، ١١ ڏايم وسوا، ١١ تيج وسوا، ١٧ وايو وسوا، ١٣ وزوڌ، ١٥ ڇيه، ١٥ ترشنا، ١١ نندا، ٩ آلس، ١٣ اوگم، شانت، ٣ ڪروڌ، ٩ ڏنڊ، ١٥ مترتا، ٩ استوا، ٧ پاپ، ٧ پنيچ، ٣ اوگهڙتو، ١٥ رس تپت، ١٧ ڦل تپت، ٧ ويادي، ٧ ويادي ناس، ٥ اُچارڻ، ٥ ان اُچارڻ، ١١ مرتيو، ٩ جنم، ١٩ چوري، ٩ اگن پيُ، ٥ اگن شانت، ١٥ ڌرم، ١ پاپ، ١٨ شني درشٽي، اُتر، ٢ گرهڻ، هن سال وڪرماجيت مهاراج جي نئين سنبت ٢٠٨٢ ۾ راجا ۽ منتري هڪ گرو هڻ ڪري ملڪ ۾ خطرناڪ قسم جا واقعا ٿين، ملڪ جا گهڻو ڪري ليڊر مطلب پرست، خودمختيار ۽ من ماني وارو ورتاءُ رکندا ملڪ جي ڪجهه حصن ۾ آگ زني، ڀونچال، سيلاب وغيره ۽ آسماني قهر ڪٿي ڦرڪا وار فصاد ٿيڻ جو انديشو آهي، ڪٿي برسات جي ڪمي، ڪٿي گرمي وڌيڪ ٿئي، گهڻو ڪري ماڻهن ۾ ڪاوڙ جي ڪري قتل عام جو وارداتون ٿين. دماغي بيماريون دهشتگرديءَ جو وارداتون ٿين. برهمڻ ۽ ويد پاٺي ماڻهون ڌرمي ڪمن ۾ توجه ڏيندا، هن سال ڪڻڪ، چڻا، ٻاجهري، مڪئي، سورج مُکي وغيره جي پيداوار سٺي ٿئي، هن سال مردم شماري جي تعداد ۾ خاص ڪري اضاسو ٿئي. سياري جي فصل جيئن چانور، ڪمند، ڪير، ڪپهه وغيره جي ٺهڻ ۾ اضافو ٿئي، ڪپڙو چندن، سون، چاندي، ٽامو، پٽل، لوهه وغيره ڌاتون جا اگهه تيز رهن هن سال ڦلدار وڻن ۾ ڦل جي پيداوار گهٽ رهي پهاڙي علائقن ۾ بي موسمي برسات جي ڪري سيلاب جي ڪري گهڻو نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي، ملڪ ۾ چوري ٺڳي بئماني، بدامني، مارڌاڙ ڦر لٽ جا واقعا درپيش اچن، هوا جي پئلوشن جي ڪري ساهه ۽ دماغي بيمارين جي ڪري ماڻهون پريشان رهن وڌيڪ ڀڳوان جي ڪلا ڀڳوان ڄاڻي. اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جي رکشا ڪندو.

سناتن ڌرم ڪي جئه جئه شري رام، هري ڪرشنا

Scanned with CamScanner

شب ڏوٽا ٻارهي

٢	١٢
ميک	مين
مٿن	ورک
شنگھ	ڪرک
ڪنيا	شنگھ
تلا	ڪنيا
ڏن	ورشچڪ
ڪنڀ	مڪر

شب اٽ ڄاڪو

٦	٨
ميک	ورشچڪ
مٿن	مڪر
شنگھ	مين
تلا	ورک
ڏن	ڪرک
ڪنڀ	ڪنيا

شب نوپنج

٩	٥
ميک	شنگھ
مٿن	تلا
شنگھ	ڏن
تلا	ڪنڀ
ڏن	ميک
ورک	ڪنيا
ورشچڪ	مين
مڪر	ورک

اَشُڀ سٽ سٽ

٧	٧
ڪرک	مڪر
شنگھ	ڪنڀ

اَشُڀ ٻه چار

١	١٠
ورک	شنگھ
ڪرک	تلا
ڪنيا	ڏن
ورشچڪ	ڪنڀ
مڪر	ميک
مين	مٿن

اَشُڀ ڏوٽا ٻارهي

٢	١٢
ورک	ميک
ڪرک	مٿن
ورشچڪ	تلا
مڪر	ڏن
مين	ڪنڀ

اَشُڀ اٽ ڄاڪو

٦	٨
ورک	ڏن
ڪرک	ڪنڀ
ڪنيا	ميک
ورشچڪ	مٿن
مڪر	شنگھ
مين	تلا

مڌيم نوپنج

٩	٥
ڪنڀ	مٿن
ڪرک	ورشچڪ
ڪنيا	مڪر
مين	ڪرک

اَشُڀ سٽ سٽ

٧	٧
ميک	تلا
ورک	ورشچڪ
مٿن	ڏن
ڪنيا	مين

عمل ڪريو: (١) جيڪي سپاتر ماتا پتا کي مساڻن تائين ڪلهو ڏي ٿا اُهي انهن جي قرض کان ڇٽڪارو پائين ٿا (٢) ساسترن موجب استري ماسڪ ڌرم کانپوءِ پنجين ڏينهن شڌ ٿيئي ٿي. پنجين ڏينهن پلي شراڌ ڪرم، پاٺ پوڄا ۽ مندر ۾ وڃي سگهي ٿي. (٣) برهمڻ کي سوتڪ پاتڪ ۾ يجمان کان دان نہ وٺڻ گهرجي. (۴) پرائي استري ۾ ۽ ڪنيا کي پنهنجي ماتا ۽ ڀيڻ سمان سمجهجي.

اَشُڀ لها ڏيڻي ۾ مڃي مانئتي نہ ڪجي

Scanned with CamScanner

پنهنجي راس پنهنجي نالي جي پهرين اکر سان ڳولهڻ

ڪماتي ڙالن لاءِ	راس جو نالو	راسين جا نالا	راس سوامي	ڪماتي مردن لاءِ
(۱)	۱۔ ميک	چو چي، چو ل، لا، لي، لُ، لي، لو آ، ع ۽ آ	منگل	(۱)
(۸)	۲۔ ورک	اِ، اُ، اي، او و وا، وي، و ب، ٻ، ٻا ۽ ڪي	شُڪر	(۵)
(۷)	۳۔ مٿن	ڪَ، ڪا، ڪي، ڪُ، گ، گ، ڳ، ڇ، ڪي، ڪو ۽ ها	ٻُڌ	(۹)
(۹)	۴۔ ڪرڪ	ھ، ھي، ھُ، ھي، ھو ڊ، ڊا، ڊي، ڊُ، ڊِي، ڊو ۽ ح	چندرما	(۲)
(۴)	۵۔ شنگهه	م، ما، مي، مُ، مو ٽ، ٽا، مي، ٽي، ٽُ، ۽ ٽي	سوريه	(۶)
(۳)	۶۔ ڪنيا	ٽو ڦ، پا، پي، پو ش، ڻ، ٿ، نا، ٽو ۽ پي	ٻُڌ	(۱۰)
(۶)	۷۔ تُل	ر را، ري، رو ري، رُ ت، تا، تي، تو ۽ تي	شڪر	(۳)
(۲)	۸۔ ورشچڪ	نو ن، نا، ني، لو لُو ني، ي، يا، بي، طو ۽ يَوءِ	منگل	(۷)
(۱۰)	۹۔ ڌن	بي، يو يي، يا، يي، يو ڌ، ڌا، ڦ، ڦا، ڍ، ڍا، ڍو ۽ ڦ	گرو	(۴)
(۱۲)	۱۰۔ مڪر	يو ج، جا، جي، جو ڪ، ڪي، ک، کا، خو خا، گ ۽ ذ	ڇنڇر	(۸)
(۰)	۱۱۔ ڪنڀ	گ، گي، گو س، سا، سي، سو ش، شا، ص، صا، ڏ ۽ ڏا	ڇنڇر	(۱۱)
(۱۲)	۱۲۔ مين	د، دِي، د، ٿ، ٿا، جهه، جها، ڇا، دي، دو ڇ، ڇا ۽ ڇي	گُرو	(۱۲)

باقاعدي نالا: مولچند نالو ڌن راس، اسنر، هاسانند، آسانند ۽ آسو مل اِهي نالا، **ڪرڪ راس**، ڇيتانند، چين مل، ڇيتو مل، ورشچڪ راس، مينگھراج، منگھن مل، ۽ منگهارام، **شنگهه راس**، ڪيانتو مل، **مٿن راس**، گيانچند ۽ گيلارام، **مُڪر راس**، سمجهڻ گهرجي.

وڃايل شيءِ جو سوڻ ويچار

جنهن وقت وڃايل شيءِ جو سوال ڪيل هجي اُن ڏينهن جيڪا ٽٿ هجي تنهنجو اَنگ جيستائين نڪشتر هجي تنهنجو اَنگ ۽ ۸ پهرين مان جيڪو هلندڙ هجي تنهنجو اَنگ سَيني جو جوڙ ڪري تنهن کي ۸ سان ونڊ ڪريو ۽ جيڪڏهن پاڇي ۱ بچي ته زمين اندر، ۲ بچي ته باسڻ ۾ ۳ بچي ته پاڻيءَ اندر ۴ بچي ته ماڙيءَ تي، ۵، ۶، ۷ بچي ته ڪچري ۾ اِهڙي طرح شيءِ ملندي سمجهڻ گهرجي.

چنڊ جي تاريخن ۾ جنم جو ڦل

هزارين سال پهرين چنڊ (چندرما) جي اثرن تي اعتماد ڪيو ويندو هو انهي زماني ۾ چنڊ وارو ڪئلنڊر رائج هو انڪري قديمن بزرگن انهن تاريخن ۾ جنم بابت جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن اهي حيرت انگيز حقيقتون آهن جيڪي ماڻهو علم جوتش تي يقين نٿا رکن اهي هيٺ ڏنل تاريخن ۾ جنم واري اثر کي پاڻ ۽ پنهنجي عزيزن ۽ دوستن تي آزمائي ڏسن ته کين حيرت انگيز حقيقتون ملنديون.

١ تاريخ يعني چنڊ جي ٢۴ ڪلاڪن ۾ جنم وٺندڙ ٻالڪ خاص طور تي ڀاڳوان ۽ وڏي عمر وارو ٿيندو آهي.

٢ تاريخ تي جنم وٺندڙ ٻالڪ چوري يا گم ٿيل شين جي تلاش ۾ خاص قابليت رکندڙ هوندو اثار قديمه جي علم جو ماهر هوندو.

٣ تاريخ اعلىٰ عهدن وارن ماڻهن مان فائدو حاصل ڪندڙ ۽ بااختيار پوزيشن جو مالڪ هوندو.

۴ تاريخ ٻين ماڻهن جي پيٽ ۾ وڏيڪ متاثر ٿيندڙ هوندو.

۵ تاريخ هر ڪم جي شروعات سٺي نموني ڪندو مگر نقصان واري حالت ۾ جلد ختم ڪري ڇڏيندو.

٦ تاريخ اصول، قانون ۽ حڪم جو پابند ۽ احترام ڪرڻ وارو هوندو.

٧ تاريخ وڏي عمر وارا گهڻا انقلاب ڏسي، سٺي جسم جو مالڪ هوندو.

٨ پنهنجي محنت ۽ همت سان پنهنجو ڀاڳ ٺاهي.

٩ تاريخ ڪاروبار ۾ خوش قسمت ۽ ٻين ڪمن ۾ عزاز حاصل ڪري.

١٠ تاريخ سفر وڌيڪ ڪري جڳهه جڳهه گهمندڙ هجي.

١١ تاريخ مذهبي ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيندڙ.

١٢ روشن ضمير، غيب جو علم ڄاڻڻ وارو ۽ مهاتما بڻجي.

١٣ تاريخ تيز شعور، فلسفانه ذهن جو مالڪ ٿئي ٿو.

١۴ ٻين کان مدد حاصل ۾ آنند محسوس ڪري.

١۵ تاريخ جسماني طور تي نزاڪت رکندڙ با اعتماد دوست، حق پرست مددگار حاصل ڪري.

١٦ تاريخ تقرير جي فن جو ماهر، واپار واپار ۾ جيون ٺاهي.

١٧ تاريخ مغرور ۽ پنهنجي راءِ رکڻ وارو ۽ بيوفا ٿئي.

١٨ تاريخ باهمت ۽ صنعتڪار، وڏي عمر وارو مشڪلون گهٽيون اچن.

١٩ تاريخ طاقتور دُشمن ٿين (جيڪڏهن چندرما خراب اثر هيٺ هجي).

٢٠ تاريخ خراب صحبت ڏانهن جلد وڃي جڏهن ته عقل وارو هوندو.

٢١ تاريخ سٺو جسم، سٺي صحت وارو، ارادن جو پڪو، هر شيءِ پاڻ پسند ڪندڙ.

٢٢ تاريخ هٺ وڏائڻ وارو، دلاسا ڏيڻ وارو، محبوب ۽ دوست گهڻا هُجن.

٢٣ تاريخ ٻاهرين ملڪن جو سفر ڪندڙ پنهنجو مقامناهي، بدمزاج ٿئي.

٢۴ تاريخ غير معمولي هوشياري جو مالڪ، هوشياري مان فائدو حاصل ڪندڙ.

٢۵ تاريخ خطرن سان کيڏيندڙ، ثابت قدم مغرور ۽ ضدي.

٢٦ تاريخ امير ماڻهو ٿئي يا ٿي سگهي ٿو، اعلىٰ عزت جو مالڪ بشرطيڪ ڪنهن شعبي ۾ قابليت جو مالڪ هُجي.

٢٧ تاريخ سنت مهاتما جي پد حاصل ٿئي ملڻ سار ۽ خوش اخلاق ٿئي.

٢٨ تاريخ دوستن ۽ عزيزن مان لاڀ پرائي.

٢٩ تاريخ گهڻن مسئلن ۽ مشڪلن کي منهن ڏيندڙ شادي ۾ خوشي ڏسي يا سٺو ڪريئر حاصل ٿئي.

٣٠ تاريخ آرٽ يا سائنس ۾ ماهر، شاديون ۽ خوش قسمتي ڏسي.

Scanned with CamScanner

نو گرهن جو لت هڻڻ

(۱) **سوريا:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي، ان کان ۱۲ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۲) **چندرما:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۲۲ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۳) **منگل:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۳ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۴) **ٻڌر:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۷ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۵) **گرو:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۸ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(٦) **شڪر:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۵ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۷) **ڇنڇر:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۷ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۸) **راهو:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۹ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

(۹) **ڪيتو:** جنهن نکشتر ۾ ويٺل هجي ان کان ۹ نکشتر کي لت هڻي ٿو.

نو گرهن جي لت هڻڻ جو ڦل

(۱) **سوريا:** جي لت کان ڌن دولت جو ناس يا هاني ٿئي ٿو.

(۲) **چندرما:** جي لت کان تراس ٿئي ٿو.

(۳) **منگل:** جي لت کان موت ٿئي ٿو.

(۴) **ٻڌر:** جي لت کان تراس ٿئي ٿو.

(۵) **گرو:** جي لت کان ٻاءُ جو ناس ٿئي ٿو.

(٦) **شڪر:** جي لت کان دک ڏي يا ٿئي ٿو.

(۷) **ڇنڇر:** جي لت کان ڪٽنب جو ناس ٿئي ٿو.

(۸) **راهو:** جي لت کان پنهنجو ناس ٿئي ٿو.

(۹) **ڪيتو:** جي لت کان پنهنجو ناس ٿئي ٿو.

سمجهاڻي لاءِ مثال طور:

توهان ڏسندا تہ سوريا اشوني نکشتر ۾ ويٺل آهي تہ اشوني نکشتر کان ۱۲ نکشتر اتراڦالگني آهي. سمجهو تہ سوريہ اتراڦالگني کي لت هڻي ٿو. جيڪڏهن سوريہ ڀرڻي نکشتر ۾ ويٺل آهي تہ ڀرڻي نکشتر کان ۱۲ نکشتر هست ٿيو تہ سوريہ هست نکشتر کي لت هڻي، اهڙي طرح سڀ گرهڻ جو حساب سمجهڻ گهرجي.

چنڊي وجهڻ جي ريت

(١) لاڪڙو: لاڪڙي ۾ اوراٽو نه ڏبو آهي. فقط چوٿين ڏينهن شام جو لولا پچائي پنجين ڏينهن صبح جو اڪرين ٽڪريون ست دفعا اکين، مک ۽ بدن تي ڇهائي. (اڪڙيون ست ٽيڏيون آهن. اڪڙين تي براهمڻ ست سندور جا تلڪ ڏئي.) ڪچو کير ۽ پاڻي گڏي گاهه سان برهمڻ لاڪڙي واري کي ست ڇنڊا هڻندو. ڪي يت ڪتل ڇڙيون ڪاڪڙ کي ست ٽڪر ڪري اکين، مک ۽ بدن تي ڇهائيندا آهن. لاڪڙي واري ٻالڪ کي ۽ سندس ماتا کي يا جيڪا اُن ڏينهن ٽدو رکي، برهمڻ پنهي کي سندور جو تلڪ ڏئي. لاڪڙي واري کي برهمڻ لولو يا ڪتل ۽ ڪاڪڙ پرساد ڪري ڏي. ٻالڪ جي ماتا برهمڻ کي لولو يا ڪتل، ڪاڪڙ ڏڪڻا ڏئي. (نوٽ: منگل، جمعو ۽ ستين تٿ ديوي ماتا جي آهي. سومر وسپت يا ڇٺ ڏينهن لولا ۽ اڪڙيون ٽڪريو پچائيبجن.) لاڪڙو يا ننڍي ماتا جيڪڏهن موٽ نه ڪادي هجي ته منگل جمعو يا ستين تٿ تي ڪُنهگاري جا پئسا ڪڍجن لاڪڙو يا ننڍي ماتا گهٽو ڪري پنجين ڏينهن موٽ ڪائيندا آهن. ڇهين ڏينهن لولا پچائي، ستين ڏينهن چنڊو وجهجي.

(٢) ننڍي ماتا: پنجين ڏينهن پرڻ ۾ پاءُ، ڪلو جوئر ۽ ڏڪڻا وجهجي، جنهڪي ماتا نڪتي هجي اُن کي اڳيان ويهاري شام جو برهمڻ اوٽ جا اوراٽا ڏيئي. پوءِ جيڪا ٽدو رکي اُن کي برهمڻ پلهڙا ناهي ڏي يعنيٰ وڏو لوٽو ۽ اُن مٿان ننڍي لوٽي، پرڻ واري جوئر چار چپٽيون وڏي ۽ ننڍي لوٽي ۾ وجهي ۽ ٿوڙي مصري به وجهي ٽدي رکڻ واري ڳاڙهي ڪنيي پوتي پائي وڏي لوٽي مٿا ننڍي لوٽي رکي ٻاهر نل کوهه يا تلاءُ مان وڏي لوٽي ۽ ننڍي لوٽي ۾ باقي وجهي اچي. ٽدي واري نڪرڻ ۽ اچڻ مهل ڪنهن سان به نه ڳالهائي پوءِ گهر اچي ماتا واري جي چوڌاري لوٽو ۽ لوٽي جو پاڻي ڇڻڪاري، خالي لوٽو ۽ لوٽي ڪپڙي سان ڍڪي ماتا واري جي سيراندي (مٿين پاسي) رکي. ٻئي ڏينهن صبح جو موٽ جا اوراٽا ڏئي ماتا واري کي چنڊو هڻجي.

(٣) وڏي ماتا: وڏي ماتا ۾ ست ڏينهن پرڻ ۾ پاءُ ڪلو جوئر ۽ ڏڪڻا وجهي، ٧،٨،٩ ڏينهن برهمڻ وٽ جا اوراٽا صبح ۽ شام جو ڏئي. ٻئي وقت ٽدي واري جا پلهارا ناهي ڏجن جي نل، کوهه يا تلاءُ تان پاڻي ڀان ڀري ماتا واري جي بستري جي چوڌاري پاڻي وڏي لوٽي ۽ ننڍي لوٽي مان ڇڻڪاري. پلهارا ماتا جي سيراندي پاسي رکجن ڏهين ڏينهن صبح جو اوٽ جا اوراٽا ۽ شام جو موٽ جا اوراٽا ڏجن ٽدي واري لولا ۽ اڪڙيون ٽڪريون پچائي. ڪوشش ڪري ٽڪر صبح جو اوٽ جا اوراٽا ۽ شام جو موٽ جا اوراٽا ڏجن جي لوهه جي تئي تي پچائي ته اُن ڏينهن اُن تي ٻيو ڪجهه نه پچائبو باهه ٺاري دانگي ۽ يا تئي تي ست دفعا سندور جا تلڪ ڇڻي. ٽدي واري پاڻ کي سندور جو تلڪ ڏئي پنج سڪا دانگي يا تئي اڳيان رکي مٿو ٽيڪي ۽ رات جو پنج ڪٽورا ڪٽي اُنهن ۾ پاڻي وجهي هڪ ڪٽوري ۾ سيتلاماتا (چانديءَ جي پتري تي سَت پُتليو هونديون آهن) وجيهي ٻئي ڪٽوري ۾ پٽر ٽئي ڪٽوري ۾ چٺا چوٿين ڪٽوري ۾ گونت (گئو مُوتر) ۽ پنجين ۾ ڪچو کير وجهي پنج ڪٽورن ۾ ڏڪڻا پڻ وجهي. يارهين ڏينهن صبح جو برهمڻ کي گهرائجي ماتا واري کي ٿالهه ۾ ويهارجي. ماتا واري جي پاسي پير هيٺان پُسيل پٽر رکي سيتلا ماتا کي تلڪ ڏئي ڳچيءَ ۾ وجهجي. اڪڙين ٽڪرين کي کي تلڪ ڏئي ماتا واري جي اکين، مُک ۽ سڄي بدن تي ڇهائجن. (برهمڻ اڪڙيون ٽڪريو ماتا واري کي ست ست دفعا ڇهائيندو) ماتا واري کي اڇو ڪپڙو وچ ۾ ڦاڙي اُن جي ڳچيءَ ۾ وجهي ٽدي واري ماتا واري ٻالڪ مٿان پرڻ جهلي برهمڻ پُسيل چٺا ست دفعا پرڻ ۾ ڇڏي. گئو مُوتر ۽ کير پاڻي ست دفعا پرڻ ۾ ڇڏي سيئي مٿ مائٽ ماتا واري مٿان پئسا گهوري پرڻ ۾ وجهن. پوءِ برهمڻ ماتا واري ٻالڪ ۽ ٽدي واري کي تلڪ ڏئي ۽ کين للا ڏئي. ڪٽورن وارا پئسا پرڻ ۾ پيل گهور ۽ ڪنهگاري جا پئسا برهمڻ کي ڏيئي. پرڻ واري سامگريءَ، پلهڙا سمنڊ، دريا يا نديءَ ۾ پرواڻ ڪجن. ٽدي واري لولو ڪائي ۽ پاڻي پيءُ گهر ۾ اچي. وري ١٢ ڏينهن پچائي ١٣ ڏينهن چنڊو هڻي ١٤ ڏينهن پچائي ١٥ ڏينهن چنڊو هڻي.

”اِت سيتلا ماتا جي لؤڪڪ پوڄا پوري ٿي“

انگ ڦڙڪڻ ۽ ان جو ڦل

انگ ڦڙڪڻ	ڦل
١ـ متو	مسافريءَ نو يوگ
٢ـ ڏائي اک	اِستريءَ جو ڏک يا جدائي
٣ـ ساڄي اک	خوشي ملندي
٤ـ ساڄو ڳٽو	لاڀ ٿيڻ
٥ـ کاٻو ڳٽو	خرچ ۽ نقصان
٦ـ ساڄيون ڀرُون	عزت ۽ ڌن ملي
٧ـ کاٻيون ڀرون	خوشي يا پُٽر سُک
٨ـ ساڄو ڪن	ترقي ملي
٩ـ کاٻو ڪن	پريشاني ٿئي
١٠ـ ڳچي	لاڀ، زال ملي
١١ـ چپ	جهيڙو، جهڳڙو
١٢ـ مٿيون چپ	ترقي ملي
١٣ـ ساڄو ڪُلهو	چنتا ٿئي
١٤ـ کاٻو ڪُلهو	دشمن مٿان جيت
١٥ـ ساڄي ٻانهن	لاڀ ٿئي
١٦ـ کاٻي ٻانهن	رنج ٿئي
١٧ـ ساڄو بگل	ڌن ملي
١٨ـ کاٻو بگل	ڌن جي هاڃي
١٩ـ نڪ	خوشي ٿيڻ
٢٠ـ پُٺي	خراب سماچار ملي
٢١ـ پيٽ	خوشي ملي
٢٢ـ چيلهه	مسافري ٿئي

شرير تي ترن جو نشان ۽ ان

ترجو نشان	ڦل
١ـ مٿي جي ساڄي پاسي	مال وڌندو ويندو
٢ـ مٿي جي کاٻي پاسي	پريشانيءَ سان جيون گذري
٣ـ ڀنهي ڀرُن تي	مسافري ٿيندي رهي
٤ـ ساڄي اک تي	استريءَ سان پريم رهندو
٥ـ کاٻي اک تي	چنتا لڳي رهي
٦ـ ساڄي ڳل تي	ڌنوان ٿيندو
٧ـ کاٻي ڳل تي	غريب ٿيندو
٨ـ چپ تي	ننڍي عمر ٿيندي
٩ـ چپ جي هيٺان	آرام ملي
١٠ـ ڪن تي	عزتُ ملي
١١ـ ڳچيءَ تي	پُٽ ڄمي
١٢ـ ساڄي ٻانهن	ياترائون ٿين
١٣ـ کاٻي ٻانهن	زال سان پريم
١٤ـ نڪ تي	ڌنوان ٿيندو
١٥ـ ڇاتيءَ جي ساڄي	زندگي پريشان تي گذري
١٦ـ ڇاتيءَ جي کاٻي	آرامي زندگي گذري
١٧ـ چيلهه تي	ٻڌيمان ٿئي
١٨ـ ڇاتيءَ جي وچ ۾	ڀڄٽو ٿئي
١٩ـ دل وٽ	ياترا ٿيندي رهي
٢٠ـ پيٽ جي وچ ۾	وڏوا يا پترهين يا غريب
٢١ـ پُٺيءَ تي	*****
٢٢ـ استريءَ جي زناني عضوي تي	*****

سنڪراتين موجب ڦل واپارين لاءِ

ميک سنڪرات: آرتوار، سومر، چنڇر يا منگل ڏينهن هجي تہ اُن مهيني ۾ اناج جو اگهہ ڪريل رهي ۽ ماڻهون خوشيون منائين ٿا. ٻڌر يا وسپت ڏينهن لڳي تہ اُن مهيني ۾ خراب ڪم ٿين ٿا ۽ ڪامي جيو خوب آنند منائين ٿا.

ورک سنڪرات: چنڇر يا منگل ڏينهن هجي تہ اُن مهيني ۾ مهانگائي ۽ تڪليفون درپيش اچن ٿيون آرتوار يا سومر ڏينهن مهانگائي ٿئي تہ پرجا آنند ۾ رهي ۽ سڄو مهينو سُک سان گذاري ٿو. ٻڌ يا وسپت ڏينهن ٿئي تہ سارو مهينو رنج ۽ تڪليفون، بيماريون، باهيون ۽ چوريون وغيره دُک ٿين ٿا، پر جرڪڏهن شُڪر ڏينهن ٿئي تہ دنيا جهيڙن ۽ فصادن ۾ تنگ گذارين.

مٿن سنڪرات: آرتوار يا شني ٿئي تہ اُن ۾ گرڀيڻن استرين کي تڪليف پوڳٽي پوي ٿي. مطلب تہ سندس گرڀ سُکي وڃي ٿو. گرڀ پات (ڪرن) ٿين ٿا پر چانور گهٽا ٿين ٿا. سومر ڏينهن ٿئي تہ اِهو مهينو تمام خوشي ۾ گذاري ٿو. منگل يا ٻڌر ٿئي تہ سڄو مهينو دنيا ۾ تڪليفون، فساد، مهانگائي ۽ رنجش ٿئي ٿي شُڪر يا وسپت ڏينهن ٿئي تہ اُن مهيني ۾ اناج جي خوب پئدائش ۽ مهانگائي ٿئي ٿي.

ڪرک سنڪرات: آرتوار منگل ياشُڪر ڏينهن هجي تہ اُن مهيني ۾ هر قسم جو اناج مهانگو ٿئي ٿو ۽ اُن جي خريداري گهٽ ٿئي ٿي. مينهن ٿوڙي پوي بيماري وڌيڪ ٿئي ٿي. جيڪڏهن سومر ٻڌر يا شُڪر وار ڏينهن هجي تہ اَن مهانگو ٿئي ٿو.

سنگهہ سنڪرات: آرتوار شني يا منگل ڏينهن ٿئي تہ اُن مهيني ۾ سڀ قسم جو اناج مهانگو ٿئي ٿو. منش ۾ بي آرامي ٿئي ٿي. سومر، ٻڌر، وسپت يا شُڪر ڏينهن هجي تہ اِهو سڄو مهينو اَناج سهانگو ٿئي ٿو. سڀ ساهہ وارا سُکي ۽ آرام زندگي گذارين ٿا.

ڪنيا سنڪرات: آرتوار يا شُڪر ڏينهن هجي تہ اِهو مهينو ساهہ وارن لاءِ تمام سُکيو گذري ٿو. منگل ڏينهن لڳي تہ اناج سهانگو ٿي وڃي، ٻڌر ڏينهن ٿئي تہ سڄو مهينو ڪپهہ ۽ ڪپڙو مهانگو ٿئي ٿو شني يا وسپت ڏينهن هجي تہ هر ڪا شي مهانگي ٿئي جيڪڏهن سومر ڏينهن هجي تہ شي گهٽ پئدا ٿئي ۽ مهانگي وڪامي ٿي.

تُل سنڪرات: شني، آرتوار يا منگل ڏينهن هجي تہ اِهو مهينو گرڀين زالن لاءِ سُکيو گذرندو. سومر يا منگل هجي تہ هر قسم جو اناج سهانگو ٿئي ٿو ۽ پئدائش گهٽي ٿئي ٿي ۽ ماڻهون خوش رهن ٿا وسپت ڏينهن هجي تہ مهانگائي ٿئي ٿي ۽ ساهہ وارا اِهو مهينو دُک پائين ٿا. جيڪڏهن شُڪر هجي تہ اِهو وقت سهانگائي ۽ خوش ۾ گذري ٿو.

ورشڇڪ سنڪرات: آرتوار ڏينهن سڄو مهينو خوشين ۽ سُک ۽ آنند ۾ گذري ٿو. سومر ڏينهن تہ اناج سهانگو ٿئي ٿو. منگل ڏينهن تہ چورين، خون ريزين ۽ باهين جو بازار گرم رهي ٿو ۽ ٻُڌر يا شُڪر ڏينهن هجي تہ هر قسم جي شين ۾ مهانگائي ٿئي ٿي. جيڪڏهن وسپت ڏينهن هجي تہ اِهو خوشين ۽ آنند ۾ گذري ٿو.

ڌن سنڪرات: آرتوارر ڏينهن هجي تہ اُن مهيني ۾ اناج وڌيڪ مهانگو ٿئي ٿو ۽ انهيءَ مهيني ۾ خريد تيل

اناج وڪري ڪرڻ ڪري چنگو ڌن پيدا ٿئي ٿو. شني ڏينهن هجي ته ٽيٽي مهانگائي ٿئي ٿي يعنيٰ خريد ڪيل اناج جي وڪري مان ٽيٽو نفعو پيدا ٿئي ٿو. منگل ڏينهن ٿئي ته اناج چوٿو نفعو ٿئي ٿو سومر يا وسپت ڏينهن ٿئي ته اناج جو اگهه گهٽيل رهي ٿو ڪن رشين جو رايو آهي ته جيڪڏهن ڌن راس ۾ سورج يا شني ڏينهن پرويش (رهي) ڪري ته چانور خريد ڪرڻ تي ٽئن مهينن بعد ٽيٽو لاڀ حاصل ٿئي ٿو.

مڪر سنڪرات: سومر منگل يا ٻڌر ڏينهن ٿئي ته اُن مهيني ۾ جنگيون، فساد ۽ جهيڙا تڪرارر وڌيڪ ٿين ٿا، وسپت ڏينهن ٿئي ته اناج بلڪل سهانگو ٿئي. شُڪر ڏينهن هجي ته اگهه ڪريل رهي، پر ٽن ڏينهن ڪانپوءِ وري مهانگو ٿئي ٿو. انهيءَ سنڪرات ۾ واپارين کي اناج ضرور خريد ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن شني آرتوار ڏينهن ٿئي ته سڄو مهينو آرام ۽ خوشيءَ ۾ گذري ٿو.

ڪنڀ سنڪرات: آرتوار يا سومر ڏينهن هجي ته اُن مهيني ۾ اناج سهانگو ٿئي ۽ گهٽيون بيماريون ٿين. جنهنڪري ساهه وارا دُک پائين شني يا آرتوار ڏينهن ته نهايت سُکيو ۽ آنند ۾ وقت گذري ٿو. ماڻهون خوشيون هر طرح آنند پائين ٿا. جيڪڏهن منگل ڏينهن هجي ته هر ڪا شي سهانگي ٿئي ٿي، پر وسپت شُڪر مهانگائي ٿئي ٿي.

مين سنڪرات: ٻڌر ڏينهن ته ملڪ جو سنياليندڙ يا عزت توڙي هلندي وارو ماڻهون مري ٿو مينهن ڦڙي به نٿي پوي. بيماري توڙي موت گهٽو ٿئي ٿو. وسپت يا شُڪر ڏينهن هجي ته اُن مهيني ۾ چوپائي مال جي پيدائش وڌيڪ ٿئي ٿي. منگل ڏينهن هجي ته قتل عام خونريزي وڌيڪ ٿئي ۽ چوريون، ڌاڙا ۽ حادثا وڌيڪ ٿين ٿا. جيڪڏهن سومر ڏينهن هجي ته دنيا ۾ خوشيون منايون وڃن ٿيون ۽ اهو مهينو منش جو آنند ۽ سُک ۾ گذري ٿو.

نئين دُڪان کولڻ جو مهورت

نڪشتر انوراڌا: اُتراڦالگني، اُتراشاڍا، اُتريادرپدا، پشيه، ريوتي، روهڻي، مرگشر، هست، چترا ۽ اَشوني هجن. ڏينهن سومر، ٻڌر، وسپت ۽ شُڪر هجن تٿيون چوٿ نام ۽ چوڏس نه هجن. چندرما چوٿين، اٺين يارهين گهاتي چندرما ۽ خراب يوگ اُنهن ۾ مهورت نه ڪرڻ گهرجي.

نڪشتر ويچار :شادي مڱڻ، دوستي، روزگار ۽ گرو چيلي لاءِ شادي ۽ مڱڻ وقت راسين کي ٽئن ورنن ورهايو ويو آهي. اهڙي طرح ۲۷ نڪشترن کي گنن جي حساب سان ٽن ڪن ۾ ورهايو ويو آهي.

(۱) ديوگڻ نڪشتر: اَشوني، مرگشر، پنروسو، پشيه، هست، سواتي، انوراڌا، شروڻ ۽ ريوتي.

(۲) منش گڻ نڪشتر: ڀرڻي، روهڻي، آردرا، پورواڦالگني، اُتراڦالگني، اُتراشاڍا، پورواشاڍا، اُترايادر، پورواپادر.

(۳) راڪشس گڻ نڪشتر: ڪرتڪا، مگها، آشليشا، چترا، وشاکا، جيشٺا، مول، ڌنشٺا، ست تارا، جي ٻئي ديوتا گڻ جا هجن ته ٻنهي ۾ ڏاڍو سنهيه رهي. ٻئي سداچاري ۽ پراُپڪاري رهن. جو ٻئي منش گڻ جا ته پهرين ٻنهي ۾ پريم رهي. اُن ڪانپوءِ ڪڏهن جهڳڙو ته ڪڏهن ميل رهي. جي ٻئي رڪشس گڻ جا هجن ته ڏٽو رهي ۽ هميشه پنهنجي سوارٿ (مطلب) جو ڳالهيون ڪن ۽ ٻين کي هاڃي (نقصان) رسائين. پريم جو نالو به نه رهي. پنهنجي

Scanned with CamScanner

هڪ جو ديوتا ۽ ٻئي جو منش گڻ وارو ڪڏهن ڪروڌ به ڪري پر ديوتا گڻ وارو هن تي اهڙو اثر وجهي جو هن کي پويتر بڻائي ڇڏي، ديوتا گڻ ۽ راڪشس گڻ هجي ته ڏاڍي ڪننتا سان هلن. راڪشس گڻ وارو راڪشي اثر هلائڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي پر ديوتا گڻ پنهنجي نماڻن ۽ مٺن وچنن سان اُن کي شانت رکيانو. باقي منش ۽ راڪشس گڻ جي سنبنڌ ۾ ڏاڍو ڏکدائي بڻجي.

شادي ۽ مڱڻ وقت راسين جا ورڻ ڏسڻ

ڪرڪ، ورشچڪ ۽ مين براهمڻ وَرڻ آهن. ميک، سنگهہ ۽ ڌن راسيون ڪتري وَرڻ آهن. ورک، ڪنيا ۽ مڪر راسيون وئشيہ وَرڻ آهن. مٿن، تُل ۽ ۽ ڪنڀ راسيون شوڌر وَرڻ آهن هاڻي جيڪڏهن اَستري ۽ پُرش ٻئي راسين موجب هڪ وَرڻ جا هجن ته پاڻ ۾ پريم ۽ سنهيہ (پيارا) رهين ٿو جنهنڪري حياتي سُک ۽ آنند ۾ گذارين ٿا. ڪنهن به ريت پُرش اُچ وَرڻ جو هجي ته استري گهٽ وَرڻ جي، پر جي استري اُوچ وَرڻ جي هوندي ۽ پُرش گهٽ وَرڻ جو ته منجهن پورڻ پريم نہ ٿيندو يا پوءِ جواني ۾ ئي پنهي مان هڪ گذاري وڃي ٿو يا اولاد نہ بچي ٿو. جنهنڪري هو ڪر ۽ ڪٽيڻ ۾ گذارين ٿا.

وشيش ويچار: شادي (وواهہ) جي سمي وشيش ويچار ڪرڻ گهرجي ته گهوٽ ڪنوار کي سوريہ ۽ منگل، گو ۽ چندرما ۽ آستان ۾ پيل آهي، ڇاڪاڻ جو سورج تيج وڌائي ٿو. منگل پومي، مڪان ۽ جاندار جو واڌارو ڪري ٿو. گرو انهن جي رکيا ڪرڻ وارو آهي، چندرما جي رکيا ڪرڻ وارو آهي. پر جي وَر يا ڪنيا کي سور يا اٺين آستان ۾ پيل هجي ته فُر جو مرتيو ڪري جي منگل اٺين ۾ هجي ته ڌن جو ناس ڪري.

پدرا نواس گيان

سنڌر ٽيپڻي ۾ وڏا پُرو ۽ ڏينهن وغيره جي خانن ۾ پدرا جو شروع ۽ ختم ٿيڻ جو وقت ڏال آهي ۽ اسان جي من تي اِهو وهم آهي ته پدرا جي وقت ڪو به شُڀ ڪاريہ نہ ڪجي.

اُن لاءِ هيٺ پدرا جو گيان ڏنو وڃي ٿو، پدرا جو نواس هميشہ ٽن لوڪن ۾ آهي ١ـ سورڳ ٢ـ پاتال.

لوڪ ٣ مرتيہ لوڪ

ميک، مکر، ورک يا ڪرڪ راس جو چندرما هجي ته پدرا جو نواس سورڳ ۾ ٿئي ٿو. جڏهن سورڳ لوڪ ۾ پدرا جو نواسِ هجي ته ڪيل ڪاريہ ضرور سڦل ٿين ٿا.

ڪنيا، مٿن، تُل يا ڌن راس جو چندرما هجي ته پدرا جو نواس پاتال لوڪ ۾ ٿئي ٿو. جي پاتال لوڪ ۾ پدرا جو نواس هجي ته ڌن جو اگمن (اچڻ) ٿئي ٿو.

ڪنڀ، مين، ورشچڪ يا سنگهہ راس جو چندرما هجي ته پار جو نواس، مرتيو لوڪ ۾ رهي ٿو. جي پدرا جو نواس مرتيو لوڪ ۾ هجي ته ڪيل ڪاريہ ڦٽي وڃن ٿا اُن لاءِ پڙهندڙن جو ڌيان تي آڻجي ٿو ته شُڀ ڪاريہ جئين منڍي پائڻ، پڪي مصري ڪائڻ يا واڌائي وٺڻ، نو گرهي ڪرڻ، شاديءَ جا اٺ سوڻ ڪرٽمٽيا پائڻ وغيره ڪرڻ وقت پدرا جو نواس گيان ضرور ڏسڻ گهرجي.

Scanned with CamScan

خراب يوگ ۾ ٻالڪ جو جنم

ڏينهن آرتوار، تٿ اَنم، نکشتر ڪرتڪا، ڏينهن وسپت، تٿ ڇٺ ۽ نکشتر پرٽي، ڏينهن منگل، تٿ ٻارس ۽ نکشتر آشيليشا يوگن ۾ ٻالڪ جو جنم ٿئي تہ مشڪل جئرڳو رهي ٿو. پر جيڪڏهن حيات رهي ٿي تہ اول ماتا پتا مري وڃن ٿا. وڏن جي ملڪيت گڏ ڪيل ڪُٺائي ناس ڪري ٿو. وڏي عمر ۾ ڏک ۽ تڪليفون ڏسي ٿو پر اُنهن يوگن جي شانتي لاءِ لڪشمي نارائڻ جو جاپ پوڄن ڪرڻ ۾ فائدي ٿيڻ جو امڪان آهي.

شادي ۽ ٻين موقعن تي ورگ ڳولهڻ

نالي جو پهريون اکر	ورگ	دشمن	دوست	نہ دوست نہ دشمن
(۱) اَ، آ، اي، اُ، اي، ائي، او ۽ اوَ	گرڙ	نانگ	ڪُتو	شينهن
(۲) ڪ، ک، گ، گهہ ۽ ڱ	ٻلو	ڪوئو	نانگ	ڪُتو
(۳) چ، ڇ، ج، ڄ، جهہ ۽ ڃ	شينهن	هَرڻ	ڪوئو	نانگ
(۴) ٽ، ٺ، ڏ، ڊ ڻ	ڪُتو	گهيٽو	هَرڻ	ڪوئو
(۵) ت، ٿ، د، ڌ ۽ ن	نانگ	گرڙ	گهيٽو	هَرڻ
(۶) پ، ڦ، ف، ب، ڀ ۽ م	ڪوئو	ٻلو	گرڙ	گهيٽو
(۷) ي، ر، ل ۽ و	هَرڻ	شنيهن	ٻلو	گرڙ
(۸) ش، ح، س ۽ هہ	گهيٽو	ڪُتو	شينهن	ٻلو

هرهڪ ورگ پاڻ کان ۵ نمبر دشمن، ۴ نمبر دوست، ۳ نمبر نہ دوست نہ دشمن ٿيندو شادين ۽ ٻين موقعن تي لهڻو ڏهٽو ناهڻ مهل نالي جو ورگ ملائڻ تمام ضروري آهي. جتي پاڻ ۾ دشمن ورگ جو ميلاپ نہ ڪرڻ گهرجي.

مسافريءَ لاءِ ڏسا سوُل

اوير	اُتر	ڏکڻ	اولهہ	طرف ڏانهن
ڇنڇر ۽ سومر	منگل ۽ ٻڌر	وسپت	آرتوار ۽ شُڪر	ڏينهن تي وڃڻ نہ گهرجي

۹ گرهن جا ڪاڍاٽا

اڄ ڪلهه مهانگائي واري دور ۾ نون گرهن جا قيمتي رتن وڃن ٿا مهانگا ٿيندا ۽ سون جا اگهه به وڃندا چوٽ چڙهندا انهيءَ ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي ڪري نو گرهن جا ڪاڍاٽا ڏجن ٿا. جن جي عمل ڪرڻ سان به ڪشٽ لهي ٿو.

(١) سوريه: (١) ڳڙ جون مُنيون ٿاهي تنهن ۾ ٧ داڻا ڪٽڪ جا (ڪٽڪ ڳاڙهي هجي ته بهتر) ڳاڙهي ڳانءِ کي سنان ڪري ڏجي. (ب) سوريه کي سنان ڪري ارگ ڏجي ۽ ١١ دفعا سوريه کي پُرڪرما ڏجي. پرڪرما ڏيڻ وقت منتر پڙهجي "اوم گهرڻ سوريايه نمهه" (ب) مصري چانور مڪس ڪري سهائي آرتوار کان وٺي ٢١ ڏينهن لاڳيتو سمنڊ، دري اکو وجهي (پ) دان: ڪٽڪ ڳڙ ٽامي جو باسڻ، ڳاڙهو ڪپڙو هڪ ميٽر ريشمي يا سوٽي، ۹ سوپاريون، باداميون، ڪارڪون، هنڊڳريون، لوُنگ، موتئي جا گل ۹ سڪا سنان ڪري سهائي آرتوار تي براهمڻ کي يا مندر ۾ ڏئي. (نوٽ: آرتوار ڏينهن لوڻ نه کائجي).

(٢) چندرما: (١) شِوَ تي لوٽي (کير، ڪنڊ، چانور، گل، تر سائي سومر کان وٺي هر هڪ سومر تي چاڙهي (ب) سائي سومر کان وٺي اِکو (مصري، چانوي، الائچي، سُڪل گل، سندُور) ۴٠ ڏينهن لڳاتار سمنڊ، دريا يا تلاءَ ۾ شام جو وجهي. (ب) سوا پاءُ ڪٽڪ جو اَٽو توڙو گيهه وجهي مودڪ ٺاهي، ۹ لونگ ۽ ١ ڳڙهي مصري جي وجهي، ٧ دفعا سندُور جو تلڪ ڏئي ساڃو هٿ لڳائي ٧ پيرا مٽي تان گهوري ڳانءِ کي شام جو ڏجي. (پ) دان ــ چانور، ڪنڊ، ١ ميٽر اڇو ريشمي ڪپڙو، ۹ ڪارڪون، باداميون، سوپاريون، سُڪل گل، ۹ سڪا، الائچيون، چاندي اَڇي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي اَڇي سڳي سان ويڙهي ۹ تِلڪ ڏئي چندرما جو منتر پڙهي
"اوم سوم سومايه نمهه" شام جو دان ڪجي.

(٣) منگل: (١) ڪلو ڪٽڪ جو اٽو سوا پاءُ ڳڙ، سوام پاءُ گيهه، اُن جو سائي منگل تي روٽ ٺاهي، سندُور، ترن جو تيل، اگربتيون کڻي هنومان جي مندر ۾ وڃي، روٽ جو ڀوڳ لڳائي، سندُور ۽ ترن جو تيل هنومان تي چاڙهي، اگربتين جو واس ڪري. اَڪن جي پتن جي مالها يا اَڪ جي ڦرين جي مالها هنومان کي پائي، ٽوڙو روٽ مندر ۾ ڏئي پوءِ پاڻ روٽ مان سگهن ڪري باقي روٽ اُتيئي بي سمجهه (معصوم) ٻارن ۾ ورهائي ڇڏي (نوٽ: روٽ جي بدران ماني يا ڳڙهه جو پڻ ڀوڳ لڳائي سگهجي ٿو.) (ب) ڪٽڪ، ڳڙ، لونگ ۽ سُڪل گل، سائي منگل کان وٺي ٢٨ ڏينهن لڳاتار سمنڊ، دريا يا تلاءَ ۾ وجهي. (ب) دان ــ هڪ ميٽر ڳاڙهو ڪپڙو، ڪٽڪ، ڳڙ، مصور جي دال، ۵ ڏونگيون، ٽامي ۽ سون جي تندُ جا ۵ سڪا سُڪل گل، ڪارڪون، باداميون، سوپاريون، لونگ، ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ڪنيي سُٽ سان ٻڌي سج اُڀرڻ کان ڪلاڪ پوءِ منگل جو ١١ دفعا منتر پڙهي "اوم ام انگار ڪايه نمهه" برهمڻ کي يا مندر ۾ دان ڪجي.

(۴) ٻُڌ: (١) ٻارن کي ننڍي سوپاري چاندي ۾ مڙهائي هڪ سان ڪارو سڳو ٻڌي ڳچيءَ ۾ پائجي (ب) اکو چانور ۽ ڳڙ سهائي ٻڌر کان وٺي ٣٢ ڏينهن لڳاتار سمنڊ، درياءَ يا تلاءَ ۾ وجهجي (ب) پکين کي ٻاجهريءَ جو اَن کارائجي (پ) دان ــ موڱي ڪپڙو هڪ ميٽر، سواڪلو مگ سڄا، سوا پاءُ مصري، ١ ناريل، ۹ هنڊ ڳڙيون، ۹

سرهيہ جا گل، ۹ لونگ، ۹ الائچيون، ۹ پانن جا پتا اِهي سڀ شيون موڳي ڪپڙي ۾ ٻڌجن، ڪنجي جو ڪٽورو گيهہ سان ڀري، سون، چاندي، ٽامو ۽ سچو موتي وجهجي. گيهہ ۾ منهن ڏسي ساڄي هٿ جي چيچ ٻوڙهي سج اُڀرڻ کان ٻہ ڪلاڪ پوءِ دان ڪجي.

(نوٽ: برهمڻ کي ڪنجيءَ جي ڪٽوري جو دان نہ وٺڻ گهرجي.) منتر_ اوم ٻم ٻڌايہ نمهہ.

(۵) وسپت(گرو): (ا) اَکو چڻن جي دال ۽ مصري سهائي وسپت کان ۲۷ ڏينهن لڳاتار سمنڊ، درياءَ يا تلاءُ ۾ وجهي. (ب) ۷ نياڻين کي پڳڙا يا بيسڻ جو وستو دان ڪجي. (ٻ) بيسڻ جو پيڙو اُن ۾ ٽوڙو گيهہ ۽ کنڊ وجهي شام جو پيلي ڳانءِ کي کارائي. (پ) پيلا چانور، چڻن جي دال ۽ ڏهي جو نياڻين کي ڀوڄن ڪارائي. (ت) کير ۽ چانور نياڻين کي کارائي. (ٿ) دان: پيلو ڪپڙو ۱ ميٽر، سوا ڪلو چڻن جي دال، ۹ هٺڊ ڳڙيون، ۹ لونگ، الائچيون، ۲۰۰ گرام سندُر، لوڻ، چندن جي ڪاٺي، ۹ سون جون تندون، ۹ سڪا، پيلي ڪپڙي ۾ ويڙهي شام جو برهمڻ کي دان ڪجي. منتر_ اوم ورم وهسپتي نمهہ.

(٦)شُڪر: (ا) سوا پاءُ اٽو تنهن ۾ ٽوڙو گيهہ، کنڊ وجهي مودڪ ٺاهي. مصري جو سنگهہ مودڪ ۾ اٽڪائي ست تلڪ ڏئي، اڌ پاءُ چانور، هڪ ڦل، چو مکو ڏيئو ٺاهي ٻاري ۽ اگربتي جو واس ڪري سج اُڀرڻ کانپوءِ سمنڊ، درياءُ يا تلاءُ ۾ سهائي شُڪر وار ڏينهن هجي. (ب) اَکو چانور، ۹ الائيچيون ۽ مصري سهائي شڪروار کان ۲۲ ڏينهن لڳاتار سمنڊ، درياهہ، تلاءُ ۾ شام جو وجهي. (ٻ) سهائي شڪروار ڏينهن نڪڙ جي ڪپڙي ۾ شام جو کير ۽ مصري وجهي ڳاڙهي ڪپڙي سان ٻڌي ۷ تلڪ ڏئي مٿي تان گهوري پپر جي وَڻ هيٺان رکي ڏيئو ٻاري. (پ) مست فقير کي ڏونگي ۽ کجور (قتل) ڏئي. (ڀ) دان: هڪ ميٽر رنگين پرنٽ سان ڪپڙو، سوا ڪلو چانور، کير ڏهي، مکڻ، چندن جي ڪاٺي، ۹ ڪارڪون، باداميون، سوپاريون، ۹ ڦل تازه ۹ سڪا، ۱ سچو موتي رنگين ڪپڙي ۾ ويڙهي سج اُڀرڻ کانپوءِ برهمڻ کي دان ڪري. منتر "اوم شم شڪرايہ نمهَ".

(۷) ڇنڇر(شني): (ا) ٻارن کي ننڍي سوپاري لوهہ ۾ مڙائي سهائي ڇنڇر تي پائي. (لوهہ ٻيڙي ٻُڏل هجي تہ بهتر) (ب) سهائي ڇنڇر کانَ ۳ واٽي تي ترن جو تيل منجهند جو هاري ۷ ڇنڇر لڳاتار ڪري. (ٻ) ڇنڇر ڏينهن روٽي جي اُبتي پاسي ترن جو تيل لڳائي مٿان گهوري ڪاري ڪُتي کي کارائي. (پ) سوا پاءُ ٻاجهري جي اٽي جو پيڙو ٺاهي ڪاري ڳانءِ کي (ڪاري ڳانءِ نہ ملي تہ اڇي ڳانءِ کي) ۷ ڇنڇر لڳاتار کارائي (ڀ) ڇنڇر ڏينهن پپر جي وَڻ وٽ اگربتي ٻاري، لوٽي ۾ کير، پاڻي، سندُور ۽ تر ڪارا وجهي وَڻ تي وجهي ۽ اَچو سُٽ وَڻ تي ويڙهي. (ت) ڪنجيءَ جي ڪٽوري ۾ ترن جو تيل وجهي هٿن پيرن جو آڱريون ٻوڙي ڪٽوري ۾ منهن ڏسي، هڪ رپيو وجهي دان ڪجي. (ٿ) دان: تر ڪاري ماهہ سڄي، لوهہ (۹ ڪوڪا) هڪ ميٽر ڪارو ڪپڙو ڏاک ڪاري، ۹ اَڪ جا گل، ۹ ڪوئلا، ۹ ڪارڪون، ۹ سڪا، ۹ لونگ، جملي سامان پنهنجي انگ جي ڏوتل ڪپڙي ۾ ٻڌي شُڪروار ڏينهن رات جو سيرانديءَ کانَ (مٿي واري پاسي) رکي. ڇنڇر ڏينهن صُبح جو اُٿڻ شرط اُهو ٻڌل سامان پنگي مٿان گهوري، دان ڪري. منتر "اوم شم شنئيشچرايہ نمهہ".

(۸) راهو: (ا) ڪوئلن کي ريون (اڏڙ چانور) ۽ کنڊ مکس ڪري ڏارو ڏئي هر ڇنڇر تي ۲۱ ڇنڇر ڪري. (ب) دان: نيرو (ہلوُ) ڪپڙو هڪ ميٽر، ڪارا تر، ۹ ڪوڪا، مانهه، پيرن جي چپل، ڪارو ٻڪر يا پشم ڪاري. ڇنڇر ڏينهن نيري ڪپڙي ۾ ٻڌي سڄ اُڀرڻ کان اڳ يا سڄ لهڻ کانپوءِ اونداهي ۾ پينگي کي گهرائي اُن کي دان ڏبو. دان ڏيڻ کانپوءِ پينگيءَ سان ڪونہ ڳالهائبو. پهريائين پينگيءَ کي چئي ڇڏبو تہ دان وٺڻ کانپوءِ پٺيان نہ نهاري.

منتر: "اوم رام راهوي نمهہ".

(۹) ڪيتو: (ا) سهائي ڇنڇر کان وٺي پکين کي ڏارو ۷ اَن مکس (ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري، چانور، چڻن جي دال، منگن جي دال ۽ ڪچٽي جي دال) ۴۰ ڏينهن لڳاتار ڏي. (ب) دان: ڪاري ڪپڙي ۾ تر مانهہ ڪاري، ۹ ڪوڪا، ۹ ڪوئلا، ۹ سڪا پشم ڪاري، ٽن جي ٽُڪڙي تي ڪيتو جي شڪل ٺاهرائي نڪر جي ڪپڙي ۾ رکي اُن ۾ پاٽي، ٻڪريءَ جو کير ترن جو تيل ٿوڙي مانهہ ڪاري، ٿوڙي پشم ڪاري ۽ ٿوڙو شراب وجهي ڇنڇر ڏينهن منجهند جو ڪپڙي جو منهن ڪاري ڪپڙي سان ڍڪي ڪري پاڻ مٿان گهوري، چمٽو هٿ ۾ ڪٽي شهر جي ٻاهر ڏکڻ جي ڪنڊ ۾ کڏ کوٽي اُن ۾ ڪپڙو پوري، مٿان هڪ پٿر رکي يا سر رکي ۷ ليڪا چمٽي سان ڪڍي. ڪپڙي کانسواءِ ٻيو سامان درياهہ ۾ وجهي پاڻ کي پاٽيءَ جا ڇنڊا هڻي گهر اچي. منتر: "اوم ڪيم ڪيتوي نمهہ".

شِو پرشناولي



پرشناولي ڏسڻ جي ريت: سوال ڪرڻ وارو ڀڳوان شِو جو ڌيان ڪري ۽ اوم نمهہ شوايہ چئي ڪري سامهون پرشناوليءَ ۾ ڪنهن بہ هڪ انگ تي آگر رکي ۽ پنهنجي سوال جو جواب هنريت ڄاڻي.

۱	۲۳	۲۱	۲۰	۶
۲۴	۳	۲۲	۷	۱۹
۱۱	۱۲	۲	۸	۱۸
۱۳	۹	۲۵	۴	۱۷
۱۰	۱۴	۱۵	۱۶	۵

ڦل: (۱) ڌن لاڀ سٺو، ڪم ۾ سڦلتا (۲) ڪشٽ دُور ٿئي ۽ ڌن لاڀ (۳) ڪم سُڌ ٿيندو (۴) دُشمن کان سيااليو، ڪم سُڌ ٿئي (۵) سُڌو ڌن لاڀ (۶) منوڪامنا پورڻ ٿيندي (۷) دوستن جي مدد سان ڪم ۾ سڦلتا (۸) اڃا دير آهي (۹) اِڇا پورڻ ٿيندي (۱۰) ڌن لاڀ، ڪارج سُڌ (۱۱) دير سان ڪم سُڌ ٿيندو (۱۲) ڪم نہ ٿيندو (۱۳) ڪم سُڌ نہ ٿيندو (۱۴) ڏکڻ اولهہ مان لاڀ ٿيندو (۱۵) پريمي جي مدد سان ڪارج سُڌ ٿيندو (۱۶) ڪم نہ ٿيندو (۱۷) خوشي ۽ ڌن لاڀ (۱۸) محنت سان ڪم سُڌ ٿيندو (۱۹) ۳ مهينن ۾ ڪم ٿيندو (۲۰) ڪارج سُڌ ٿيندو (۲۱) ڪم نہ ٿيندو (۲۲) ڪم سُڌ ٿيندو (۲۳ ڌن لاڀ) ۲۴، منو ڪامنا پورڻ ٿيندي (۲۵) مترن جي مدد سان ڪارج سُڌ ٿئي.

ڏينهن ۽ رات جو چوگهڙيا

شڀ ڪم ڪرڻ لاءِ

ڏينهن جا چوگهڙيا

آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر	پاڪستان ٽائم موجب
ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	6:00 کان 7:30
چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	7:30 کان 9:00
لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	9:00 کان 10:30
امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	10:30 کان 12:00
ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	12:00 کان 1:30
شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	1:30 کان 3:00
روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	3:00 کان 4:30
ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	4:30 کان 6:00

رات جا چوگهڙيا

آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر	پاڪستان ٽائم موجب
شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	6:00 کان 7:30
امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	7:30 کان 9:00
چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	9:00 کان 10:30
روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	10:30 کان 12:00
ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	12:00 کان 1:30
لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	1:30 کان 3:00
ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	3:00 کان 4:30
شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	4:30 کان 6:00

نوٽ :مٿين چوگهڙين مان شڀ، امرت ۽ لاڀ کو بہ شڀ ڪم ڪرڻ لاءِ چنگو آهي. هر هڪ چوگهڙيو چئن گهڙين جو ٺهيل آهي. يعنيٰ ڏيڍ ڪلاڪ هلندو آهي. سج اُڀرڻ کان وٺي وري سج لهڻ تائين ڏينهن وارا چوگهڙيا ڌيان ۾ رکڻ گهرجن ۽ سج لهڻ کان وٺي سج اُڀرڻ تائين رات جي چوگهڙين جو حساب ڏسڻ گهرجي.

راسين تي گماتي خراب نڪشتر ڏينهن ۽ مهينا

راس	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	مگها	ڪنيا	تُل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين
گما چندر	ميک	شنگهہ	ڌن	ورک	ڪنيا	مڪر	مٿن	تُل	ڪرڪ	ورشچڪ	ڪنڀ	مين
ڏينهن	آرتوار	ڇنڇر	سومر	ٻڌر	ڇنڇر	ڇنڇر	وسپت	شُڪر	شُڪر	منگل	وسپت	شُڪر
نڪشتر	مگها	هست	سوائي	انوراڌا	مول	شروڻ	ستيشا	ريوتي	ڀرٽي	روهڻي	آردرا	آشيليشا
تٿ	پروا	پنجئين	ٻيج	ٻيج	ٽيج	پنجئين	چوٿ	پروا	ٽيج	چوٿ	ٽيج	پنجئين
مهينو	ڪتي	ناهري	آکاڙ	پوهہ	چيٽ	ٻڊو	مانگهہ	آسو	سانوڻ	ويساک	چيٽ	ڦگڻ

شُڀ ۽ اَشُڀ سوڻ

(۱) شُڀ سوڻ: مسافري ڪرڻ وقت: ڪانءُ، ڪُتو، ٻلي پنهنجي ساڄي پاسي گهمندا نظر اچن يا ساڄي پاسي کان لنگهن يا لنگهندا نظر اچن تہ سُڀُ سوڻ آهي. (ب) ٻاهر نڪرڻ سان پهريون دَرشن: تلڪ ڏنل برهمڻ، اَستري پاڻي ڀريل مَٽ سان، ٻالڪ استريءَ جي هنج ۾، مسانن ڏانهن ويندڙ مُردو، ڏوتل ڪپڙا کڻي ويندڙ ڌوٻي، اڇو ڍڳو، ڳانءِ، گهوڙو، هاٿي، ۽ پالڪي ڏسڻ شُڀُ سوڻ آهي.

(۲) اَشُڀ سوڻ: (ب) ڪُتو: سج اُڀرڻ وقت هڪ يا وڌيڪ ڪُتا سج ڏانهن منهن ڪري روئن تہ اُن گهٽيءَ ۾ يا اُن ايريا ۾ ڪنهنجو موت ٿئي ٿو. (پ) نڪرڻ وقت پهريون دَرشن: وانجهہ اَستري، ڪُبڙي اَستري، وڌوا اَستري، نانگ، چمڙو، هڏي، ٻاهہ، ٻلين جو وڙهڻ، اُگهاڙو مَرد، نوڙهو، اَنڌو، پيٽ سان اَستري، ساڄي پاسي کان گڏهہ جي هينگ ٻڌڻ، اُلٽي ڪندڙ ماڻهوءَ کي ڏسڻ اَشُڀُ سوڻ آهي.

اَپسوڻ ٽارڻ لاءِ اُپاءُ: مٿين مان جيڪڏهن ڪنهنجو دَرشن ٿئي تہ ۱۱ دفعا ڊگها ساهہ کڻي پوءِ اڳتي وڌو تہ اَپسوڻ ٽري ويندو.

(۳) ڇِڪَ جو ويچار: هلند پنهنجي پُٺيان يا کاٻي پاسي کان ڇِڪَ اچي تہ شُڀُ آهي. سامهون ايندڙ ڇِڪَ جهڳڙو ڪرائي ٿي. ساڄي پاسي جي ڇِڪَ ڌن جو نقصان ڪرائي ٿي. (۱) اونچائي يا پهاڙ تي چڙهندي ڇِڪَ اچي تہ وجيہ پراپت ٿئي. (۲) هڪ ئي وقت تي ڇِڪُون اچن تہ شُڀُ ڦل ملي. (۳) رستي ۾ هلندي هڪ ڇِڪ اچي تہ شُڀُ آهي. (۴) اُٿڻ تي ننڊ ڪرڻ مهل، ڪاڪوس ۾، دان ۾، دوا وٺڻ ۾، ڀوڄن وقت جنگ ۾ ؛ا شاديءَ ۾ ويندي ڇِڪ اچي تہ شُڀُ آهي. (۵) ڪنواري ڪنيا، وڌوا، وِئشيا مهاواريءَ ۾ اَستريءَ مالڻ ڌوٻڻ ۽ ڀنگياڻيءَ کي ڇِڪ اچي تہ اَشُڀُ آهي ۽ اُن ڏينهن نئين ڪن جي شروعات نہ ڪندا.

(۴) ڇِڇيءَ (ڇيڪليءَ) جو شرير جي انگ تي ڪرڻ: مٿي تي ڪري تہ مان عزت وڌي، نرڙ تي ڪري تہ پيارن سان ملاقات ٿئي، نڪ تي ڪري تہ بيمار ٿئي، ساڄي ڪن تي ڪري تہ عمر وڌي، کاٻي ڪن تي ڪري تہ خاص لاڀ ٿئي، ساڄي ٻانهہ تي ڪري تہ راجيہ سنمان ٿئي، کاٻي ٻانهن تي ڪري تہ راجيہ مان ڊپ ٿئي، پيٽ تي ڪري تہ سُک ۽ زيورن جو لاڀ ٿئي، ڳچيءَ تي ڪري تہ دشمن جو ناس ٿئي، پُٺيءَ تي ڪري تہ ٻڌي ناس ٿئي، ٽنگن تي ڪري تہ شُڀُ ڦل ملي، هٿن تي ڪري تہ ڪپڙن جو لاڀ، ڪُلهن تي ڪري تہ خاص لاڀ ۽ وجيہ ٿئي ۽ ڌُن تي ڪري تہ خاص لاڀ ٿئي.

(۵) ڪانءُ: (۱) جيڪڏهن ڪانءُ پريات جو جڳهہ جي ڇِت مٿان، بالڪنيءَ جي ڇپر تي يا دَريءَ مٿان ڪانءُ ڪانءُ جو آواز ڪري تہ سمجهو گهر ۾ ڪو مهمان اچڻو آهي. (۲) جيڪڏهن ڪي ڪي ڪري تہ گهر ۾ جهيڙو ٿئي. (۳) جيڪڏهن ڪُرو ڪُرو يا ڪَٽ ڪَٽ جو شبد سامهون يا ساڄي پاسي چوي تہ مسافري سُک سان ٿئي ۽ ڪم ۾ سڦلتا ملي. پر جيڪڏهن کاٻي مٿين شبدن جو آواز ڪري تہ مسافريءَ ۾ ڪونہ ڪو وگهن (رنڊڪ) پيدا ٿئي. (۴) جيڪڏهن ڪيڪئہ ڪيڪئہ شبد اُچاري تہ اُهو اُتينت (تمام) شُڀُ آهي ۽ اُن ڏينهن برسات پڻ پوندي.

Scanned with CamScanner

سوتڪ پاتڪ ڇا آهي؟

(١) پاتڪ: شبد پرسوت اکر مان پيدا ٿيو آهي. پاتڪ يعنيٰ گهر ۾ يا برادريءَ ۾ نئين ٻار پُٽ يا ڌي جنم وٺڻ ارٿات پيدا ٿيڻ. نئين ٻار جو پاتڪ گهر ۽ برادريءَ واري کي ١٠ ڏينهن وارڻ گهرجي پاتڪ ۾ پوڄا، گهر ۾ شراڌ يا برهمڻ کي دان وغيره نه ڏيڻ گهرجي. ١٠ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ گهر ۾ پاٺ پوڄا (ماسڪ، ورش، ٻارهو ۽ ٻارنهن ماسي ۽ دان وغيره ڪري سگهجن ٿا. پاتڪ کي ڪي چِلو پڻ چوندا آهن.

(٢) سوتڪ: شبد "پتن" اکر مان نڪتل آهي جنهنجي معنيٰ آهي پراڻ جو پتن يا ڪرڻ ارٿات (مطلب) (موت) سوتڪ ۾ گهر وارن ۽ برادريءَ کي ١١ ڏينهن وارڻ گهرجن.

(٣) ڪنهن ڪنهن وقت ائين به ڏٺو ويو آهي ته برادريءَ ۾ مرتيو ٿئي ٿو اُن جو اڃا ٻارهو ٿيو ئي ڪ برادريءَ ۾ وچ ۾ ٻئي ڪنهنجو مرتيو (موت) ٿئي ٿو. هن حالت ۾ جنهن ڏينهن ٻئي پراڻي ۾ پڻ ٻارهون اُن ڏينهن پهرين پراڻيءَ جو ٻارهو ٿيندو ۽ باقي ڏهاڪو ۽ يارهين ڏينهن جي ڪِريا حساب موجب ڏهين ۽ يارهين ڏينهن ٿيندي.

(٤) وري ڪنهن وقت ائين به ڏٺو ويو آهي ته برادريءَ ۾ ڪنهنجو مرتيو (موت) ٿئي ٿو ته ٻارهين جي اندر برادريءَ ۾ ڪنهن نئين ٻالڪ جو جنم ٿئي ٿو. هن حالت ۾ جڏهن نئين ٻالڪ کي ڄائي ١٠ ڏينهن پورا ٿيا ڪانپوءِ مرتيو ٿيل پراڻيءَ جو ٻارهو، ٻارهن ماسي، ماسڪ شراڌ يا ورش شراڌ ڪري سگهجي ٿو.

(٥) برادريءَ ۾ چوٿين پيڙهي وارن کي ڏهه (١٠) ڏينهن، پنجين پيڙهي واري کي ڇهه (٦) ڏينهن ۽ ڇهين پ واري کي چار (٤) ڏينهن، ستين پيڙهي واري کي ٽي (٣) ڏينهن اٺين پيڙهي واري کي هڪ (١) ڏينهن ن پيڙهي واري کي به پهر ۽ ڏهين پيڙهي وارا فقط سنان ڪرڻ سان سوتڪ پاتڪ ۾ شُڌ ٿي وڃن ٿا. برادريءَ جو فرض آهي ته پنهنجي برادريءَ کي يڪدم ٻالڪ جنم يا موت جو ٻڌائين.

(٦) يجمان سوتڪ ۽ پاتڪ ۾ برهمڻ کي دان ڏئي ۽ نه ئي برهمڻ کي سوتڪ ۽ پاتڪ ۾ دان وٺڻ گهر سوتڪ، پاتڪ ۾ برهمڻ کي شراڌ (ماسڪ، ورش، ٻارهو ۽ ٻارهن ماسي) نه کائڻ گهرجي. جيڪو بره ڄاڻيندي به دان وٺي ٿو ۽ شراڌ کائي ٿو ته اهو دوش (پاپ) جو ڀاڳي آهي.

Scanned with CamScanner

گهوٽ ۽ ڪنوار جي پسنديءَ يوني ميلاپ

هندو شاستر انوسار وواهه معنيٰ ڌرم ارٿ ڪام ۽ موڪش ترپتي سماج جي ۽ ضابطي وهڪ کي قبضي ۾ رکڻ آڻ سڌريل سماج ۾ نر ۽ ناري جو سماگم چوٽ هو. رگو بند ۾ آهي ته "وواهه ڪرڻ سان پرجا پيدا ٿئي ٿي ۽ اسان کي امرت ملي ٿو. اُن لاءِ ڀين سنسڪارن ۾ واهه سنسڪار مکيه آهي. جنهن ۾ گهر سُکي جيون جو سُک، شرنگار رس ۽ ڪام جي ترپتي آهي. جوڙي جوڙو پورن سُکي وهي." اُن لاءِ جوتش جي ڇاڻ هيٺ ڏجي ٿي. انڊلڪ جي ٧ رنگن جو لاڳاپو آهي ٧ گرهڻ. سورج، چندرما، منگل، ٻڌ، گرو، شُڪر سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. باقي راهو ۽ ڪيتو هيءَ ڇايا پوي ٿي. جوڙي جي گرهڻ جو ميلاپ لاءِ منگل، شني، راهو ۽ ڪيتو ڇٽيا آهن ۽ منگلي درس ڏرو ڪبو آهي. منگل گرهه جو واسطو "چوٽ" سان آهي ڪنيا کي بالغ ٿيڻ تي مهاوار چوٽ منگل ۽ چندرما جو يوگ مٽڻ ڪري اچي ٿو. هاڻ ٻالڪ وڏي عمر ۾ شادي ڪن ٿا ۽ گرهست جا سُک ڀوڳڻ جي هنن کي ڄاڻ آهي. پر تنهن هوندي به گهڻو ڪري گهستي جيون سُکي رهي. اُن لا: يوني جي ڄاڻ ضروري آهي. ٢٧ نڪشترن کي مذڪر ۽ مونث جانورن جي يوني ۾ جوتش ورهايو آهي.

مذڪر / مونث / يوني	مذڪر / مونث / يوني	مذڪر / مونث / يوني
اشوني، ست تارا، گهوڙو، پرٿي، ريوتي، هاٿي، پشيه، ڪرتڪا، رڍ، روهڻي مرگشر، نانگ، مول آردرا، ڪُتو	آشليشا، پنروس، ٻلي، مگها، پروا، ڦال، ڪئو، اُترا ڦال، اُترا ڀاگان، سواتي، هست، مينهن، وشاکا، چترا، چيتو	جيشٺا، انوراڌا، هرڻ، پرواشاڍا، شرونڻ، پولٺو، پروا ڀادر، ڌنشٺا، شينهن، اُتراشاڍا، نورئيڙو

يعنيٰ معنيٰ گرهست جو ميلاپ ۽ ترپتي، چترا نڪشتر ۾ ڄاول جي ڪام شڪتي چيتي جهڙي طاقت واري آهي. جي جوڙو ٻئي مذڪر آهن ته جهڳڙا عام جام ٿيندا ۽ ڪام جي ترپتي نه ٿيندي. اُن لاءِ سٺو ائين ته جوڙي ۾ مذڪر ۽ مونس يوني وارن جو ميلاپ دل پسند ٿيندو. جي جوڙيءَ جي يوني دوستاڻي نه آهي ته اهڙي شادي نه ڪرڻ کپي. **مثال:** جي جوڙي ۾ گهوٽ مول نڪشتر جو آهي ۽ ڪنيا آردرا نڪشتر جي آهي ته اُنهن جو جيون سُکي گذرندو ۽ ڪام جي ترپتي پورڻ ملندي جو مول مذڪر آهي ۽ آردرا مونث آهي ۽ ٻنهي جي يوني "ڪُتو" هيءَ ٻنهي ۾ "ڪُتي" جهڙا ڪامي عضوا آهن ۽ ڪامي ترشناضور آهي جيڪو پُرش ست تارا نڪشتر ۾ ڄائو آهي ۽ استري پنروسو ۾ ڄاول آهي ۽ ٻنهي جي يوني مونث آهي يعنيٰ گهوڙو ۽ ٻلي آهي اهڙي شادي ساڌارڻ آهي پر سُٺي نه آهي.

هيٺيان جوڙا اُنهن جي نڪشتر پٽاندڙ يوني نٿي نهي ۽ دُشمن آهن اُن لاءِ اهڙيون شاديون نه ڪرڻ کپن.
(١) ڳان ۽ چيتو (٢) هاٿي ۽ شينهن (٣) گهوڙو ۽ مينهن (۴) ڪُتو ۽ هرڻ (۵) نانگ ۽ نورئڙو (٦) باندر ۽ ٻلي (٧) ٻلي ۽ ڪُتو.

سوتڪ پاتڪ

ٻالڪ جي ڄمڻ ڪري چلو واريو آهي ۽ موت ڪري سوتڪ واريو آهي. ڌارمڪ سنسڪار لاءِ اهو ڄاڻڻ بُلڪل ضروري آهي، اُن لاءِ هيٺ وستار (تفصيل) ڏجي ٿو.

گرڀ سولو: يعنيٰ چوٿين مهيني اندر گرڀ جي خرابي ٿئي. پنجين مهيني گرڀ ۾ ٻالڪ ڪي اُڀ بُک لڳي ٿي اُن پنجن مهينن تائين گرڀ پات ٿئي يا ٻالڪ ڄمي تہ هر هڪ مهيني لاءِ هڪ پنجن مهينن لاءِ پنج ڏينهن ۽ ڇهن مهنن لاءِ ڇهہ ڏينهن ٻالڪ ڄمڻ جي وقت تائين برادريءَ تي ڏهہ ڏينهن ۽ يارهن ڏينهن شُڌ سمجهڻ گهرجي، اُن ڪي چِلو چوندا آهن. ڏندن ڄمڻ ڪان پهرين جي ٻالڪ مري تہ سنان ڪرڻ سان شُڌ ٿيو آهي ڏندن اچڻ ڪانپوءِ ملڻ سنسڪار تائين هڪ رات جو سُوتڪ ملڻ ڪان جٽيئي پائڻ تائين ٽن راتن جو سُوتڪ ٿيندو آهي. ٢٣ مهينن جي عمر جي ٻالڪ جو موت ٿئي تہ اُن جو اگني سنسڪار نہ ڪجي ٣ سالن ڪان ٥ سالن جي اندر ٻالڪ جو موت ٿئي تہ گهر (ماتا پتا) تي ڏينهن برادريءَ ڪي هڪ ڏينهن سُوتڪ لڳندو آهي. جي پراڻي ٥ سال پورا ڪيا ۽ اَٺ سالن جي اندر تہ اڇعمر انوسار هڪ سال جي پُٽيان هڪ ڏينهن سُوتڪ لڳندو پر جٽيو پاتل هوندو اُن جو ڪريا ڪرم برابر ڪبو ۽ برادري سميت سُوتڪ ١٠ ڏينهن لهندي ۽ ١١ ڏينهن شُڌي ٿيندي. جيڪڏهن پراڻي ٨ سالن ڪان مٿي پوءِ جي جٽيو پاتل نہ بہ هجي سُوتڪ برادريءَ ڪي ١٠ ڏينهن سُوتڪ ۽ ١١ ڏينهن شُڌي ٿيندي. جڏهن ڪريا ڪرم پورو ٿيندو. مڱيل ڇوڪري جو موت ٿئي تہ ساهرن تي فقط ٣ ڏينهن سُوتڪ ۽ ماتا پتا برادريءَ تي ١٠ ڏينهن سمجهڻ گهرجي. شادي ڪيل موت جي پيڪن (مائٽڻ) ۾ ٿي پوي تہ اُنهن ڪي صرف ٣ ڏينهن سوتڪ جو اثر آهي باقي ١٠ ڏينهن جو ساهرن تي آهي اُنهن ساهرن ئي ڪريا ڪرم ڪري ١١ ڏينهن ڪري شُڌ ٿيڻ گهرجي شاسترن پٽاندڙ ١١ ڏينهن پراڻيءَ جو ڪرم ڪري ١١ ڏينهن سپنڊي ڪرم ڪري جيو پريت پني ڪان ڇُٽي پرلوڪ ۾ ويندو آهي. سپنڊي ڪرم ڪانسواءِ شُڌ نٿو ٿيجي. سپنڊي ڪرم ڪري جيو پريت پني ڪان ڇُٽي پرلوڪ ۾ ويندو آهي برادري، سؤٽ ۽ گهر جي چوٿين پيري تائين ٣ ڏينهن ائين پيري تائين ١ڏينهن ويل جو موت ٻڌجي تہ جنهن ڏينهن موت جي سُڌ پوي تنهنڪاپوءِ جيترا ڏينهن ١٠ ڏينهن ۾ رهن اوترا ڏينهن اشُڌ رهبو آهي، جي ١٠ ڏينهن ڪانپوءِ ٻڌجي تہ ٽي راتيون اَشُڌ رهبو آهي جي هڪ سال ڪانپوءِ سُڌ پوي تہ صرف سنان ڪرڻ سان شُڌ ٿيبو آهي، جي سوتڪ ٦ ڏينهن ۾ ٻيو ڪو موت ٿئي تہ پورتين سوتڪ لهڻ سان ٻنهي سوتڪن جي سڌي ٿيندي آهي، ڪلجگ ۾ سڀ وَرڻ مرڻ جي سوتڪ ڪان ١٠ ڪانپوءِ شُڌ ٿيندا آهن.

ديو پوڄا، سنڌيا دان وٺي ٿو هُوم هَوَن، ويد پڙهڻ ۽ ورت نيم نہ رکڻ گهرجي دوش (پاپ) لڳي ٿو جو ڪو سوتڪ کي لڪائي دان ڪري ٿو ۽ برهمڻ اُهو ڄاڻي بہ دان وٺي ٿو تہ ٻئي دوش (پاپ) جا ڀاڱي آهن.

مکيه پرو ۽ ورتن جو اُديش ۽ وڌي

ايڪادشي: هر مهيني ۾ ايڪادشيون اچن ٿيون. جن ۾ انهين ڏينهن تي اُن کي ڇڏي ڦلهار ڪرڻ جو نيم آهي. اُن لاءِ ته پيٽ ۾ جو اناج وچي ٿو ۽ اگني جا اَن اناج کي پچائي ٿي. تنهنکي وسرام ملڻ کپي. سو نيم ٺاهيائون ته مهيني ۾ ٻه ايڪادشيون رکي پوڄن بدلائڻ کپي. جنهنکري بدن تروگ رهي. شاستروڪت مت آهي ته اُن ڏينهن تي ايشور ڀڄن جو وڏيڪ وجهه ملي، سو نيم ڪيائون ته نوميءَ ڏينهن هڪ وقت پوڄن ڪجي. دشمني ڏينهن ڦلهار ڪجي. ايڪادشي ڏينهن فقط گڪ وقت پوڄن ڪجي دشمنيءَ ڏينهن ڦلهار ڪجي ايڪادشي ۴ ڏينهن فقط هڪ وقت پوڄن. يعني شام گذرڻ بعد ڦلهار ڪرڻي ۽ رات جو ڪير پيئڻنگ. ڦلهار ڪرڻ مهل ٿالهي پري ڪاٺو ڪينهي، ڪاٺڻ ته اصل واجب ڪينهي. پر جي ڦلهار ڪجي ته تمام سوکير.

پردوش: تيرس ڏينهن تي اِهو ورت رکجي ٿو. جنهن ڏينهن شُڪر جي پوڄا ڪرڻ ۾ اچي ٿي. سڄو ڏينهن اُپواس رکڻ کپي، سانجهه جين جو شِو پوڄا ڪري پوئي رسوئي وڃجي. ورت ڇوڙڻ مهک رسوئي هميشه هوپه پدارٿن جي جهڙوک: مگ، چانور، ڪڻڪ، ٻيهه، پٽاٽا، ڀاڄي ۽ ڦل وٺجي ٿوم يا بصر پيل ڀاڄي وغيره نه کائجي.

ستيه نارائڻ: هيءُ ورت مهيني ۾ هڪ دفعو ٿئي ٿو. اُن ورت رکڻ ۽ ڇوڙڻ جي ريت ساڳي پردوش جي ورت وانگر آهي. ڪو ٻه ورت گڻن جي ڏڻ موٽڻ کان اڳ ڪڏهن ٻه نه ڇوڙجي، نه ته ڪوبه ڦل پراپت ڪونه ٿو ٿئي.

ڪڻيش چوٿ: هيءُ ورت ٻه هر مهيني ٿئي ٿو. هن کي سنڪٽ ناشڪ ٻه ڪري چوندا آهن. پانڊون جڏهن مها سنڪٽ ۾ هئا، تڏهن ڀڳوان شري ڪرشن کين اِن ورت رکڻ جو اُپديش ڪيو. جنهن ڪرڻ ڪري سندن سنڪٽ دُور ٿيا ۽ من جون ڪامنائون پوريون ٿين. سڄو ڏينهن اُپواس رکي گجانند. ننبودر گڻيش جو سمرڻ ڪيرتن ڪجي ۽ ۽ رات جو چنڊ اُڀرڻ مهل کير ۽ اجل جو ارگ ڏئي پوءِ ورت ڇوڙي.

رام نومي: چيٽ جي سهائي نام ڏينهن ٿئي ٿي، جڏهن ڪان مريادا پرشوتم شري رامچندر جو ٻنپهرن جو جنم ٿيو هو. ان ڏينهن سنان سنڌيا ڪري رامچندر جو درشن، پوڄا پاٺ ۽ ڀڄن ڀاؤ ڪجي. ٿي سگهي ته اُپواس رکجي نه ته ڦلهار ڪجي.

اُماس: هيءُ ڏينهن هر مهيني اچي ٿو. اِهوئي ڏينهن آهي پتر شراڌ ڪرڻ يا ڪنهن ٻُڪئي هٽان ڇڏجي هون هوم ڪجي ۽ ڀڄن ڪيرتن ڪجي، پترن نمت پيل تي لوٽي سج اُڀرڻ کان اڳ چاڙهجي.

نوراتا: يعنيٰ ٩ راتيون هيءُ چيٽ ۽ اَسوءَ جي شروعات ۾ ٿين ٿا. ديوي پوڄن لاءِ هيءُ اُتم پُرو آهي. اُنهن ٩ راتن ۾ دُرگا ديويءَ جو پاٺ پوڄن ٿئي ٿو. لت ٻه رات جو ايڪانت ۾ ويهي ديويءَ جو منتر جپجي دُرگا اشٽمي ڏينهن خوب هوم هَوَن ڪجي ۽ اُن ڏينهن ٨ ڪمرين ۽ هڪ ڇوڪر کي پوڄن ڪرائجي، پوءِ پوڄن ڪجي.

...ياٺ: هيءُ پُرو هي مهيني ٿئي ٿو. جنهن منش کي سنتان اُنهن ته ٿيندو هجي يا ٻئي مري ويندو هجي ته ان کي اُن ڏينهن ڪنوارو برهمڻ ڪارائڻ گهرجي ته سنان بچندو.

پنجڪون: هر مهيني ۾ ٿين ٿيون. ٢٧ نکشترن مان پوين پنجن کي پنجڪون ڪوٺبو آهي. پنجڪن ۾ ڪنهن

جو مرڻ ٿئي ته خراب سمجهيو وڃي ٿو يعني مرندڙ جي اوڳتي ۽ ڪٽنبين تي آپدا اچڻ جو امڪان آهي. سو ان جي شانتي لاءِ شڌيءَ ڪانهو ڪجهه دان پن ڪرڻ.

اڪن تيج: هيءَ پڻ ويساک مهيني ۾ ٿيندو آهي. ان ڏينهن پالهيءَ جو دليون مٿان صوف، انبڙيون ۽ پيا ڦل رکي سڌي سميت برهمڻ کي ڏين ۾ اچن ٿا. هيءَ پڻ پرسرام جي جنم جو ڏينهن آهي.

نرسنگهه چوڏنشي: هيءَ پڻ ويساک مهيني ۾ ٿيندڙ آهي ۽ ان ڏينهن ڀڳوان نرسنگهه روپ ڌاري اوتار ورتو هو. ڀڳت پرهلاد جي پاونا ۽ اڌرمي هرناڪشپ جي ناس ڪرڻ لاءِ ڀڳوان کي نرسنگهه اُپواس رکجي. نه ته ڦلهار ڪجي.

ناريل پونم يا رکڙيون: هيءَ پڻ ساوڻ مهيني ۾ ٿيندو آهي جتي جتي سمنڊ هوندو آهي، اتي ماڻهون ناريل ڪري ورڻ ديوتا جي پوڄا ڪري منجهس ناريل وجهندا آهن. جنهن بعد ٻيڙين کي هلڻ جي رخصت ملندي آهي. هندستان جي ٻين ڀاڱن ۾ هيءَ هڪڙو وڏو پڻ شروالي ڪري ليکيندا آهن ۽ خاص طور براهمڻ لاءِ ڏينهن آهي. سمنڊ، نديءَ يا تلاءَ جي پر تي ويهي پوڄا ڪرڻ بعد هر ڪنهن ڏوج ماتر کي پنهنجو جنيو بدلائڻ گهرجي. تربڻ ۽ ستن رشين جي پوڄا ڪجي ۽ رکڙي ٻڌجي يعني ٻانهن کي ڌرم ۾ ٻڌل رکجي. ڀينرون پنهنجي ڀاءُ کي رکڙي ٻڌن.

وڏي ساتم: هر پڻ به ساوڻ ۾ سِتلا ديويءَ جي آراڌنا جو آهي. ان ڏينهن ڀڄن ڪيرتن ۽ ديويءَ جي پاٺ پوڄا جو مهاتم آهي.

جنم اشٽمي: هيءَ پڻ به ساوڻ ۾ ٿئي ٿو ۽ ان ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم ٿيو آهي. سنان سڌيا ڪرڻ بعد سڄو ڏينهن درشن ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ۾ گذارڻ کپي. سڄو ڏينهن ورت رکجي ۽ رات جو ڪائڻ منع آهي. تنهڪري وري ٻئي ڏينهن رسوئي ڪرڻ گهرجي. جي ٻُک ستائي ته رڳو کير پي ڇڏجي.

ٻن ٻڌي يا وامن دوادشي: هيءَ پڻ ٻڌي واري مهيني ۾ ٿئي ٿي. ان ڏينهن ڀڳوان وامن (ٻندرو) رُوپ ڌاري ٻلي راجا کان ٽن پيرن ۾ سارو برهمانڊ کسي ورتو ۽ هن جي دان جي اپمان کي ٽوڙيو. انهيءَ ڏينهن به سڌيا ڪرڻ بعد پوڄا پاٺ ۽ ڪيرتن سمرڻ ۾ وقت ڪرڻ گهرجي. مڌيان ڪال ڪانهوه ورت ڇوڙجي. اُن ڏينهن شادين جو مهوري آهي.

ٻڌي جا شراڌ: پنهنجي گذري ويل عزيزن جي نمت ٻڌيءَ جي پوين پندرهن ڏڻن ۾ شراڌ ڪرائڻ ۾ اچن ٿا. شاسترن ۾ انهن کي ماليه شراڌ ڪري ڪوٺيو آهي. شراڌ ڪائڻ لاءِ هڪ رات اڳي برهمڻ کي نمنترڻ (دعوت) ڏجي ۽ ٻئي ڏينهن مڌيه ڪال (ٻنپهرن) ڪانهوه شراڌ ڪارائجي. برهمڻ اِهو ڪارائجي جو پنهنجي ڪريا ڪرم تي پورو هجي.

دسهرو: هر پڻ اسوءِ جي مهيني ۾ ٿئي ٿو ۽ هندستان جي اڪثر ڀاڱن ۾ ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهائجي ٿو. وڏن شهرن ۾ ان ڏينهن شهر کان ٻاهر وڃي رام ليلا ۽ ڪنڊ جي وڻ جي پوڄا ڪندا آهن ۽ راونڻ ساڙيندا آهن.

ڏياريءَ جا ڏڻ: وشنو ڀڳوان جڏهن ديوتائن کي ڏکي ڪندڙ شنڪاسر دئيت کي ماريو. تنهن وقت هو سڀ اچي ڀرپاڪ تي گڏيا. ٽل سنڪرات ۾ جو ديوتائن جل اندر رهيا. تنهن ڪري اِهو وقت (سورج اُپرڻ کان اڳي) سنان ڪرڻ جو مهاتم آهي ڇو جو اِهو وقت ايشور پرارٿنا ڪرڻ لاءِ اُتم ليکيو آهي. اُن وقت استرين لاءِ تلسي ورت رکڻ جو وڏو مهاتم آهي جو هڪڙي پتورت استريءَ اهو ورت رکي پنهنجي ڪوڙهه ٿيل پتي کي چنگو ڀلو ڪيو هو.

ڏياري: هي مها پڻ اسو مهيني ۾ ٿيندو آهي ۽ هڪڙو الوڪڪ ڏينهن آهي. اُن ڏينهن لڇمي ماتا جو پوڄن

ڪبو آهي ۽ سڄو ڏينهن ورت رکي ۽ رات جو ڇوڙبو آهي. اُن ڏينهن خوب صفائي ۽ روشنيو ڪبيون آهن.

اُڌران: هن ڏينهن تي پتر برهمڻ کي دان ڪرڻ ۽ سنڌو ڏيڻ گهرجي. پترن جي شراڌ جو ٻِـ اِهوئي ڏينهن آهي ۽ تيرٿ سنان ڪرڻ جو اُن ڏينهن وڏو مهاتم لکيل آهي.

مها شوراتري: هيءُ پُرو مانگهہ مهيني ۾ ٿيندو آهي.اُن ڏينهن شنڪر ڀڳوان جي پوڄا ڪرڻ جو مهاتم آهہ. سڄو ڏينهن ورت رکي خوب ڀڄن ڀاءُ ۽ شنڪر ستوئيون ڪجن. ۽ رات جو چئني پهرن ۽ چار پوڄائون ڪجن. اُتم ورت ٻِـ اِهوئي آهي جو رات جو چئني پهرن ۾ شنڪر ڀڳوان جي پوڄا پشين، ٻل پترن ۽ کير جي ڌارائن سان هئڻ ڪپي ۽ ورت جي ڪٿا شوراتري مهاتم مان ٻڌڻ گهرجي نہ تہ ٻہ پهرن جي پوڄا ضروري آهي. تنهنڪانپوءِ ورت ڇوڙجي.

هولي: هيءُ پُرو ڦڳڻ جي مهيني ۾ ٿئي ٿو. اُتر هندستان ۾ هيءُ پُرو ڏاڍي آنند سان ملهايو ويندو آهي. خوب هوليون ڀڄن ڀاءُ ڪيرتن، ڪرشن پد ۽ هري گڻانواد ڇوڻ ۾ اچن ٿا. ڪيشر ڪلال ۽ امبير جي خوب ورشا ٿئي، هرڪو نندو وڏو آنند ۾ مگن هوندو آهي. شاسترن ۾ لکيل آهي تہ هونڪار نالي راڪشڻ ماڻهن جا ٻار کائڻ لڳي، جنهن تي منش ۾ ڏاڍو هراس پئدا ٿيو. وشوامتر اُنهن کي صلاح ڏني تہ اوهين ڇوڪرن کان ڪاٺيون گڏ ڪرائي هڪڙو ڍڪ ٻڌايو ۽ اُن کي جلايو تہ پوءِ منتر سان اُن راڪشڻ جو اوهان ڪري اُن ۾ جلائجيس. ائين هونڪار کي جلائي ويندي آهي. جتي شجڻ پوڄا ڪري پرڪرما ڏيندا آهن.

گرهن جي اُوچ نيچ ۽ دوست دشمن جو ڪوٺو

	سوريہ	چندرما	منگل	ٻڌ	گرو	شُڪر	شني	راهو	ڪيتو
اُوچ راس	ميک	ورک	مٿن	ڪنيا	ڪُرڪ	مين	تُل	مٿن	ڌن
نيچ راس	تُل	ورشچڪ	ڪُرڪ	مين	مڪر	ڪنيا	ميک	ڌن	مٿن
سوگرهي	۵	۴	۱_۸	۳_۶	۹_۱۲	۲_۷	۱۰_۱۱	ڪنيا	مين
مترگرهي	چندرما منگل گرو	سوريہ ٻڌ	سوريہ چندرما گرو	سريہ شُڪر راهو	سوريہ چندرما منگل	ٻڌ شني راهو	ٻڌ شُڪر راهو	ٻڌ شُڪر شني	ٻڌ شُڪر
سيمر گرهي	ٻڌ	منگل شُڪر گرو شني	شُڪر شني	منگل گرو ڇنڇر	ڇنڇر راهو	منگل گرو	گرو	گرو	گرو
شترو گرهي	شُڪر شني راهو	راهو	ٻڌ راهو	چندرما	ٻڌ شُڪر	سوريہ چندرما	سوريہ چندرما منگل	سوريہ چندرما منگل	سوريہ چندرما منگل

نڪشتر پتاندڙ اشٽوتر (۱۰۸) سالن جي مها دشا

نمبر	گرهه	سال	نڪشترن جا نالا			
۱	سوريه	٦	آردرا	پنروسو	پشيه	آشليشا
۲	چندرما	۱۵	مگها	پوروا ڦال	اُترا ڦال	
۳	منگل	۸	هست	چترا	سواتي	وشاکا
۴	ٻُڌ	۱۷	انوراڌا	جيشٽا	مول	
۵	شني	۱۰	پُوروشا	انوراڌا	اڀجت	شروڻ
٦	گرو	۱۹	ڌنشٽا	ست تارا	پروپاد رپدا	
۷	راهو	۱۲	اُترپا	ريوتي	اَشوني	ڀرڻي
۸	شُڪر	۲۱	ڪرتڪا	روهڻي	مرگشر	

نڪشتر پتاندڙ ونوشتري (۱۲۰) سالن جي مها دشا

۱	سوريه	۲	ڪرتڪا	اُتا ڦال	اُترا شاڍا	۲۴
۲	چندرما	۱۵	روهڻي	هست	شروڻ	۴۰
۳	منگل	۷	مرگشر	چترا	ڌنشٽا	۲۸
۴	راهو	۱۸	آردرا	سواتي	ست تارا	۷۲
۵	شني	۱٦	پنروسو	وشاکا	پور پاد رپدا	٦۴
٦	ٻُڌ	۱۹	پشيه	انوراڌا	اُترپادرپدا	۷٦
۷	ڪيتو	۱۷	آشليشا	جيشٽا	رووتي	٦۸
۸	شُڪر	۷	مگها	مول	اَشوني	۲۸
۹		۲۰	پورواڦال	پوروا شاڍا	ڀرڻي	۸۰

نڪشتر پتاندڙ يوگي مهادشا (۲٦) سالن جي مها دشا

۱	چندرما	۱	آردرا	چترا	شروڻ	
۲	سوريه	۲	پنروسو	سواتي	ڌنشٽا	
۳	گرو	۳	پشيه	وشاکا	ست تارا	اشوني
۴	منگل	۴	آشليشا	انوراڌا	پور پاد رپدا	ڀرڻي
۵	ٻُڌ	۵	مگها	جيشٽا	اُترپادرپدا	ريوتي
٦	شني	٦	پرواڦال	ڪرتڪا	مول	
۷	شُڪر	۷	الترا ڦال	روهڻي	پوروا شاڍا	
۸	ڪيتو	۸	هست		اُترا شاڍا	

Scanned with CamScanner

جنم نکشتر انوسار پاد، يوني، ڳڻ، ناڙي دشا ڦل ۽ راسيون

جنم نکشتر	نالي جو پهريون اکر ۽ پاد ۱، ۲، ۳، ۴	ڪمڙي يوني ڳڻ	ڪمڙو ڳڻ	ڪمڙي ناڙي	اشواري دشا ۾ جنم	شب يا اشب ڦل	راسيون	
آشوني	چو، چي، چو، لا	گهوڙو	ديوتا	آد	راهو	شُڀ	ميک	سون جو پايو
ڀرڻي	لي، ل، لي،لو	هاٿي	ماڻهون	مڌيه	راهو	ناس	ميک	سون جو پايو
ڪرتڪا	ا، اي، او، لو	گهيٽو	راڪاس	اَنت	شُڪر	ڪم ناس	ميک ۱ ورک	سون جو پايو
روهڻي	او، وا، وي، وو	نانگ	ماڻهون	اَنت	شُڪر	ڪاميابي	ورک	سون جو پايو
مرگشر	وي، ري، ڪ، ڪي	نانگ	ديوتا	مڌيه	شُڪر	شُڀ	ورک ۲ مٿن	سون جو پايو
ريوتي	دي، دو، چ، چي	هاٿي	ديوتا	اَنت	راهو	شوق	مين	سون جو پايو
آردرا	ڪ، گهه، گ، ڃ	ڪُتو	ماڻهون	آد	سورج	شُڀ	مٿن	چاندي جو پايو
نروسو	ڪي، ڪو، ها، هي	ٻلي	ديوتا	آد	سورج	وچونو	مٿن ۳ ڪرڪ	چاندي جو پايو
پشيه	هو هي، هو ڊا	گهيٽو.	راڪاس	مڌيه	سورج	شُڀ	ڪرڪ	چاندي جو پايو
شليشا	ڊي، ڊو، ڊي، ڊ	ٻلو	راڪاس	اَنت	سورج	ڏُک	ڪرڪ	چاندي جو پايو
مگها	ما، مي، مو مي	ڪئو	ماڻهون	اَنت	چندرما	ناس	شنگهه	چاندي جو پايو
واڦالگني	مو ٽا، ٽي، ٽو	ڪئو	ماڻهون	مڌيه	چندرما	موت	شنگهه	چاندي جو پايو
ڦالگني	ٽي، ٽو، پ، پي	ڳانءِ	ديوتا	آد	چندرما	وديا	شنگهه ۱ ڪنيا	چاندي جو پايو
هست	پ، ک، ڻ، ٺ	مينهن	ديوتا	آد	منگل	لڇمي	ڪنيا	چاندي جو پايو
چترا	ب، پو، را، ري	چيتو	راڪاس	مڌيه	منگل	شُڀ	ڪنيا ۲ تُل	چاندي جو پايو
سواتي	رو ري، ري، ٽا	مينهن	ديوتا	اَنت	منگل	اَشُڀ	تُل	چاندي جو پايو
شاکا	ٿي، ٿو ٿي، ٿو	چيتو	راڪاس	اَنت	منگل	اَشُڀ	تُل ۳ ورشچڪ	ٽامي جو پايو
نوراڌا	ن، ني، نو، ني	هرڻ	ديوتا	مڌيه	ٻڌ	ڪاميابي	ورشچڪ	ٽامي جو پايو
يشٽا	نو يا، يي، يو	هرڻ	راڪاس	آد	ٻڌ	ناستي	ورشچڪ	ٽامي جو پايو
مول	بي، يو، ڀ، ڀي	ڪُتو	راڪاس	آد	ٻڌ	نقصان	ڌن	ٽامي جو پايو
روا شاڍا	ڀو، ڌا، ڦا، ڍا	بانڊر	ماڻهون	مڌيه	ڇنڇر	نقصان	ڌن	ٽامي جو پايو
تراشاڍا	ڀي، ڀو ج، جي	نور	ماڻهون	اَنت	ڇنڇر	هوشياري	ڌن ۱ مڪر	ٽامي جو پايو
شروڻ	ک، کو ک، کو	ڀولڙو	راڪاس	اَنت	ڇنڇر	سُک	مڪر	ٽامي جو پايو
ڌنشٽا	گا، گي، گو گي	شينهن	راڪاس	مڌيه	گرو	شُڀ	مڪر ۲ ڪنڀ	ٽامي جو پايو
ستارا	گو، سا، سي، سو	گهوڙو	راڪاس	آد	گرو	ڪلياڻ	ڪنڀ	ٽامي جو پايو
روڀادرپدا	سي، سو، د، دي	شينهن	ماڻهون	آد	گرو	موت	ڪنڀ ۳ مين	لوهه جو پايو
راڀادرپدا	ڌ، ٿ، ج، ڄ	ڳانءِ	ماڻهون	مڌيه	راهو	لڇمي	مين	لوهه جو پايو

ڪيتو جي ٻارنهن گرهن جي وچور

ڪيتو: لگن يا گهر ۾ هجي تہ زال دير سان ملي، شاديءَ لاءِ چنتا رهي دُشمن جو ڊپ رهي. (٢) گهر ۾ ڪمائڻ جي چنتا عمر تائين رهي ڳالهائڻ ۾ هٽڪ رهي. (٣) گهر ۾ هجي تہ ڀائرن ڀينرن کان ڏک ملي گهر ۾ هجي تہ ماءُ جو سُک نہ ملي، گهر ڇڏي ٻئي گهر هليو وڃي. ڪيتو راهو ۽ ٻنهي جي اُبتڙ آهي، جو جنهن ۾ ويهندو آهي اُتي ئي نقصان ڪندو آهي. (٥) گهر ۾ هجي تہ علم گهٽ پڙهي ۽ ڀين جو محتاج ٿئي، اولاد گهٽ ٿئي. (٦) گهر ۾ هجي تہ مامن لاءِ خراب آهي، شرير ڏٻرو رهي، دُشمن تنگ ڪن، مال ۽ ڌن جي چ ٿئي. (٧) گهر ۾ هجي تہ زال بيمار رهي مسافريءَ جو شوقين ٿئي. (٨) گهر ۾ هجي تہ آمدني گهٽ ۽ خ وڏيڪ ٿئي، ائڪسيڊنٽ جو ڊپ وڏيڪ رهي، موڪن ۽ بواسير جي بيماري رهي. (٩) گهر ۾ هجي تہ ڀاڳ واڌارو نيچ ڏنڌي مان ٿئي ٿو. ڀائرن کان ڏک ملي ۽ لالچي رهي ٿو.(١٠) گهر ۾ هجي تہ پتا جو سک نٿو ملي تڪليفون ڏسي ٿو. (١١) گهر ۾ ڪيتو هجي تہ ڪنڊليءَ واري کي سُک جو سڀ سامگريون ۽ ڌن جا پدا هوندي بہ فڪرمند ۽ چنتا چؤراسيءَ ۾ رهي ٿي. (١٢) گهر ۾ هجي تہ اجايو ڌن خرچ ۽ زيان ڪري ٿو. دُشمن جيت پائي ٿو. مامن وٽان سُک نٿو پائي.

چورايل يا گُم ٿيل شيءِ لاءِ سمجهاڻي

چورايل يا گُم ٿيل شيءِ ڏس ۾ ويئي ۽ اها شيءِ ليندي يا نہ ليندي جي ليندي ڪهڙي مدد (وقت) اندر، تنهن بابت جاڻائيندڙ ڪوٽ

ڪهڙي نڪشتر ۾ وئي	جواب	ڪهڙي نڪشتر ۾ وئي	جواب	ڪهڙي نڪشتر ۾ وئي	جواب	ڪهڙي نڪشتر ۾ وئي	جواب
روهڻي	اوڀر دشا ۾ ڏيل آهي جلد ملي ويندي	مرگشر	اُتر دشا ۾ ڏيل آهي جيڪا اصل ڪرڻ ملندي	آردرا	اولهہ دشا ۾ ڏيل آهي هڪ مهيني ۾ ملندي	پنروسو	ڏکڻ دشا ۾ ڏيل آهي ٽن ڏينهن ۾ ملندي
پشيہ		آشيليشا		مگها		پورواڦالگني	
اُتراڦال		هست		چترا		سواتي	
وشاکا		انوراڌا		جيشٽا		مُول	
پورواشاڍا		اُتراشاڍا		آڀجت		شروڻ	
ڌنشٽا		ست تارا		پوروا ڀادرپدا		اُترا ڀادرپدا	
ريوتي		آشوني		ڀرڻي		ڪرتڪا	

سمجهاڻي: مٿين ڪوٺي مان ائين سمجهڻ گهرجي تہ جنهن ڏينهن شيءِ گُم ٿئي يا چورائجي وڃي، تنهن ڏينهن جي خ هجي تہ اُن ڏينهن جو نڪشتر ڏسجي. جيڪڏهن اُنهيءَ ڏينهن جي سُڌ نہ هجي يا جنهن ڏينهن سُڌ پوي تنهن ڏينهن جي نڪش سان لوڏيہ (ڇڪاس) ڪجي. هرهڪ خاني ۾ ڏسندو تہ ٧ نڪشتر ڏنل آهن اُنهن جي سامهون ڏسجي تہ شيءِ ملڻ جو وقت يا اصل ملڻ وغيره ڄاڻايل آهي. سو جنهن نڪشتر ۾ لوهانجي شيءِ اُن جي سامهون نهاري اوهين پنهنجو جواب ڏسي سگهون ٿا.

Scanned with CamScan

اوچ نيچ گرهن جو ڪوٺو

	گرهه	سوريه	چندرما	منگل	ٻڌ	گرو	شُڪر	شني	راهو	ڪيتو
اوچ	راس	ميک	ورک	مڪر	ڪنيا	ڪرڪ	مين	تل	مٿن	ڌن
	اَنش	١٠	٣	٢٨	١٥	٥	٢٧	٢٠	١٥	١٥
نيچ	راس	تل	ورشچڪ	ڪرڪ	مين	مڪر	ڪنيا	ميک	ڌن	مٿن
	اَنش	١٠	٣	٢٨	١٥	٥	٢٧	٢٠	١٥	١٥

سمجهاڻي: مٿين ڪوشٽڪ ۾ اوچ نيچ گرهه، راس ۽ انش ڏيڪاريل آهن. مثال سوريه ميک راس جو ١٠ انش تائين آهي تہ اوچ جو ليکبو پر جي انش ١٠ کان مٿي آهي تہ ساڌارڻ ليکبو. ساڳئي ريت سوريه تُلُل راس جو ١٠ انش تائين آهي تہ نيچ ليکبو پر جي ١٠ انش کان مٿي آهي تہ ساڌارڻ ليکبو.

هڪ کان وڌيڪ زالن جو يوگيہ

(١) جيڪڏهن ٧ ڀاؤ ۾ سوريہ آهي ۽ اُن کي شُڀ گرهڻ (چندرما، ٻڌ، شُڪر ۽ ڪيتو) جي درشٽي نہ هجي تہ اُن جي ٻي شادي ٿئي ٿي.

(٢) جيڪڏهن ٧ ڀاؤ ۾ منگل نيچ راس جو (ڪرڪ راس ٢٨ انش تائين) ۽ شترو ڪيتري (شُڪر سان گڏ) يا ٨ ڀاؤ جو سوامي بنجي ڪري ويٺو آهي تہ ١ کان وڌيڪ شاديون ٿين.

(٣) ٧ ڀاؤ ۾ منگل هجي ۽ اُن تي شني جي درشٽي (٣، ٧، ١٠) هجي تہ ٻي شادي ٿئي ٿي.

(۴) ٧ ڀاؤ جو راهو نيچ راس (ڌن راس ١٥ انش تائين) ۾ هجي تہ ١ کان وڌيڪ شاديون ٿين ٿيون.

(٥) جيڪڏهن ٧ ڀاؤ جو سوامي پاپ گرهه آهي ۽ ٧ ڀاؤ ۾ ئي آهي تہ هڪ کان وڌيڪ شاديون ٿين ٿيون. جيڪڏهن استريءَ جي ڪنڊليءَ ۾ مٿين نموني حالتِ آهي تہ اُن استريءَ کي زندگيءَ ۾ پورڻ پتي سُک پراپت نٿو ٿئي.

عمل ڪريو: ١) ماتا پتا جي سرڳواس ٿيڻ تي پٽن، پوٽن کي وار لهرائڻ گهرجن. ماتا، پتا کي اولاد جو پُڇ ملي ٿو. وار وري بہ ڇمي سگهن ٿا پر ماتا پتا وري موٽي ڪونہ ايندا. (٢) برهمڻ، گرو، وڌوا ۽ ڪنواري ڪنيا جو ڌن ڪڏهن بہ نہ ڦبائجي.

جنم ڪنڊليءَ ۾ منگل جو گرهه

(١) وَر ڪنيا جي ڪنڊليءَ ۾، چٽي ملائڻ لاءِ "منگل" گرهه جو ويچار ڪرڻ اهميت وارو آهي. جيڪڏهن وَر ڪنيا جي ڪنڊليءَ ۾ لگن ڪان يا راشي ڪنڊليءَ ڪان ١، ۴، ٧، ٨ ۽ ١٢ ڀاڱي ۾ "منگل" آهي تہ اهو وناشڪاري ٿئي ٿو. وَر کي آهي تہ استريءَ کي ماري ٿو ۽ ڪنيا کي آهي تہ وَر کي ماري ٿو.

شانتي لاءِ اُپاءَ: (١) جيڪڏهن ڪنيا کي "منگل" آهي تہ وَر کي ڪونهي تہ شادي ڪان ٢، ٣ ڏينهن اڳ ۾ ڪنيا جو "گهٽ وواهه" يعنيٰ مٽڪي سان شادي ڪرائجي منگل گرهه جو دوش لهي ويندو. ڪنهن ڄاڻو ودوان برهمڻ ڪان "گهٽ وواهه" ڪرائجي. پوءِ شادي جا ساٽ سوڻ (گڻيش استاپن، ٩ گرهه ۽ گهيڙي پُڪي ڪجي).

(٢) جيڪڏهن وَر کي منگل آهي ۽ ڪنيا کي ڪونهي تہ وَر (گهوٽ) کي منگل جي قيمتي رتن مونگو يا پروال (Coral) ڳاڙهي يا سندوري رنگ جو ٽڪنڊو (Triangle) وزن ٦، ٨ يا ١١ ڪئرٽ ڪاپي (ڏائي) هٿ جي وچين آنگر ۾ سوني منڊي ۾ گهڙائي، ۴٠٠٠٠ (چاليهه هزار) دفعا برهمڻ ڪان جپ ڪرائي سائي منگل تي يا ميک، ورشچڪ راس ۾ چندرما هجي تہ مرگشر، چترا اُترپدا، ڌنشتا نڪشتر هجي اُن ڏينهن صبح جو ١١ وڳي ڪانپوءِ ڌوپ، واس ڪري (منڊي) پائجي.

(٢) هيٺين حالتن ۾ جيڪڏهن منگل جي ڪنڊليءَ ۾ حالت (پوزيشن) هجي تہ منگل گرهه جو دوش نہ ليکجڻ ۾ ايندو.

(١) جيڪڏهن ١، ۴، ٧، ٨ ۽ ١٢ ڀاڱي ۾ ڇنڇر (شُڀ) آهي.

(٢) ٻلوان گرو (وسپت) شُڪر لگن ۾ يا ٧ ڀاڱي ۾ آهي.

(٣) جيڪڏهن ڪنيا جي ڪنڊلي ۾ جنهن ڀاڱي ۾ منگل آهي ۽ ڌَر جي ڪنڊليءَ ڪان ڪنيا جي ڪنڊلي سوريہ يا راهو هجي تہ منگل جو دوش نہ ليکبو. ساڳئي ريت وَر جي، ڪنڊلي ڪان ڪنيا جي ڪنڊلي ليکجي.

(۴) وَڪري نيچ است يا شترو ڪيتري منگل ١، ۴، ٧ ۽ ١٢ ڀاڱي ۾ آهي تہ منگل جو دوش نٿو لڳي.

(۵) راسين جا مالڪ پاڻ ۾ متر هجن، گڻ بہ ساڳيا هجن ۽ گڻ ٣٠ يا اُن ڪان مٿي هجن تہ منگل جو نٿو لڳي.


(٦) ٢ ڀاڱي ۾ چندرما ۽ شُڪر ويٺا هجن تہ منگل جو دوش نٿو لڳي.

(٧) منگل، گرو گڏ ويٺا هجن تہ منگل تي گُرو جي پورڻ درشٽي هجي.

(٨) ڪيندر ڀاڱي ۾ (١، ۴، ٧، ١٠) راهو هجي.

(٩) منگل ۽ راهو ڪٺي بہ گڏ ويٺا هجن.

(١٠) ڪنڊليءَ ۾ (هيٺ) ڏيڪاريل نموني جيڪڏهن "منگل" گرهه جي اُستٿي هجي تہ منگل جو دوش نہ ليکبو.



١ ڀاڱي ۾ ميک راس جو منگل، چار ڀاڱي ۾ ورشچڪ راس جو منگل، ٧ ڀاڱي ۾ مڪر يا مين راس جو منگل، ٨ ڀاڱي ۾ ڪرڪ راس جو منگل ۽ ١٢ ڀاڱي ۾ ڌن راس جو منگل هجي تہ "منگل جو دوش" نہ ليکبو.

١٢٠ ونشوتري مها دشا جي انتر دشائن جا ڪوٺا

انتر دشائون	ٽوٽل سال	تفصيل								
١_ ڪيتو	٧	تفصيل	ڪيتو	شڪر	سوريه	چندر	منگل	راهو	گرو	شني	ٻڌ
		سال	–	١	–	–	–	١	–	١	–
		مهينا	٤	٢	٤	٧	٤	–	١١	١	١١
		ڏينهن	٢٧	–	٦	–	٢٧	١٨	٦	٩	٢٧
٢_ شُڪر	٢٠	تفصيل	شڪر	سوريه	چندر	منگل	راهو	گرو	شني	ٻڌ	ڪيتو
		سال	٣	١	١	١	–	٢	٣	٢	١
		مهينا	٤	–	٨	٢	١٠	–	٢	١٠	٢
		ڏينهن	–	–	–	–	٢٠	–	–	–	–
٣_ سوريه	٦	تفصيل	سوريه	چندرما	منگل	راهو	گرو	شني	ٻڌ	ڪيتو	شڪر
		سال	–	–	–	–	–	–	–	–	١
		مهينا	٣	٦	٤	١٠	٩	١١	١٠	٤	–
		ڏينهن	١٨	–	٦	٢٠	١٨	١٢	٦	٦	–
٤_ چندرما	١٠	تفصيل	چندرما	منگل	راهو	گرو	شني	ٻڌ	ڪيتو	شڪر	سوريه
		سال	–	–	١	١	١	١	–	١	–
		مهينا	١٠	٧	٦	٤	٧	٥	٧	٨	٦
		ڏينهن	–	–	–	–	–	–	–	–	–
٥_ منگل	٧	تفصيل	منگل	راهو	گرو	شني	ٻڌ	ڪيتو	شڪر	سوريه	چندرما
		سال	–	١	–	١	–	–	١	–	–
		مهينا	٤	–	١١	١	١١	٤	٢	٤	٧
		ڏينهن	٢٧	١٨	٩	٩	٢٧	٢٧	–	٦	–
٦_ راهو	١٨	تفصيل	راهو	گرو	شني	ٻڌ	ڪيتو	شڪر	سوريه	چندرما	منگل
		سال	٢	٢	٢	٢	١	٣	–	١	١
		مهينا	٨	٤	١٠	٦	–	–	١٠	٦	–
		ڏينهن	١٢	٢٤	٦	١٨	١٨	–	٢٤	–	١٨
٧_ گُرو	١٦	تفصيل	گرو	شني	ٻڌ	ڪيتو	شڪر	سوريه	چندرما	منگل	راهو
		سال	٢	٢	٢	–	٢	–	١	–	٢
		مهينا	١	٦	٣	١١	٨	٩	٤	١١	٤
		ڏينهن	١٨	١٢	٦	٦	–	١٨	–	٦	٢٤
٨_ شني	١٩	تفصيل	شني	ٻڌر	ڪيتو	شڪر	سوريه	چندرما	منگل	راهو	گرو
		سال	٣	٢	١	٣	–	١	١	٢	٢
		مهينا	–	٨	١	٢	١١	٧	١	١	٦
		ڏينهن	٣	٩	٩	–	١٢	–	٩	٦	١٢
٩_ ٻڌ	١٧	تفصيل	ٻڌ	ڪيتو	شڪر	سوريه	چندرما	منگل	راهو	گرو	شني
		سال	٢	–	٢	–	١	–	٢	٢	٢
		مهينا	٤	١١	١٠	١٠	٥	١١	٦	٣٠	٨
		ڏينهن	٢٧	٢٧	–	٦	–	٢٧	١٨	٦	٩٠

اَستريءَ جاتڪ (اَستريءَ بابت)

(١) جنهن پُرش يا اَستريءَ جي جنم ڪنڊليءَ جي گهر ۾ شُڪر هجي اُهو ڪام شڪتيءَ ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو (٢) جنهنجي جنم ڪنڊليءَ ۾ شُڪر اَشُڀ گرهن سان ڪنو هجي ته اُن جي اَستري مري ٿي (٣) جنهنجي جنم ڪنڊليءَ ۽ ست گهرن ۾ منگل هجي ۽ لگن (اول گهر) ۾ راهو هجي ته اُن ڪي اَستري جو سُک نصيب نٿو ٿئي (٤) جنهنجي جنم ڪنڊليءَ ۾ منگل جي گهر ۾ شُڪر هجي اُن پُرش جي اَستري ويچار ٿي پوي ٿي (٥) جنهنجي جنم ڪنڊليءَ جي ٧ گرهن جو سوامي ٨ گهر ۾ پيل هجي ۽ ١٢ گهر جو سوامي شني جي مڪر ڪنڀ راس ۾ پيل هجي ته اُن پُرش جي اَستري ١٩ يا ٢٠ ورهين جي عمر ۾ مري وڃي ٿي (٦) جنهنجي جنم ڪنڊليءَ جي ٻئي گهر ۾ راهو ۽ ستين گهر ۾ منگل هجي اُن جي اَستري وهانو (شاديءَ) جي وقت مري وڃي يا بيمار رهي.

شُڀ اَشُڀ گرهه: گرهه ٽن قسمن جا چيا وڃن ٿا (١) شُڀ چندرما، ٻُڌ، گرو يا شُڪر (٢) اَشُڀ سورج ۽ منگل (ڪرڙا گرهه ۽) (٣) پاپي- چنچر راهو ۽ ڪيتو ٻُڌ جي ڪنهن شُڀ گرهه سان ڪنو هجي ته شُڀ ڦل ڏئي ٿو. جي ڪنهن اَشُڀ يا پاپي گرهه سان ڪنو هجي ته اَشُڀ ڦل ڏئي ٿو. مطلب ته ٻُڌ نرمل ۽ هرديه ڪي چٽبو آهي.

وڪري ۽ مارگي گرهه- مارگي گرهه- سورج ۽ چندرما هميشه سڌا هلن ٿا. وڪري گرهه- راهو ۽ ڪيتو هميشه اُبتي چال هلن ٿا. ڪڏهن وڪري ته ڪڏهن مارگي. منگل، ٻُڌ، گرو، شُڪر ۽ شني جيڪو گرهه وڪري يا اُبتي چال جو هجي اُهو چڻ ته اميدن ۾ مايوسي، واپار يا ڪاروبار ۾ هاڃي (نقصان) پهچائي ٿو جي وڪر (اُبتي) کان مارگي (سڌو رستو) هلي ته اُهو چڻ حيراني ۽ پريشانيءَ جي حالت مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

پڪي مصري يا مڱڻي جي منڍي پائڻ- اُتراشاڍا، سواتي، شروڻ، پورواڦالگني، پورواشاڍا، پوروابادرپد، انوراڌا، ڌنشٺا ۽ ڪرتڪا نڪشتر شُڀ آهن. اُن نڪشترن ۾ مٿيون ڪارج ڪرڻ سان سهاڳ سُک پراپت ٿئي ٿو. پڪي مصري لاءِ ڏينهن سٺو ۽ چوگهڙيو ڏسڻ پڻ ضروري آهي. نڪشترن جو سمراٽ پشيه نڪشتر- جيئن جانورن ۾ شينهن طاقت وارو آهي ۽ جانورن جو راجا ليکيو ويندو آهي تيئن ٢٧ نڪشترن ۾ پشيه شڪتي شالي آهي. پشيه نڪشتر سيني نڪشترن مان اُتم اونچ ۽ ڪلياڻ ڪاري آهي. سيني ڏوشن ڪي دُر ڪندڙ آهي گرهن ۾ ٨،٤ يا ١٢ چندرما هجي پر جي اُن وقت پشيه نڪشتر هجي ته ڪاريه شُڀ ۽ اونچ آهي. جي نيچ گرهه بيٺل آهن ته جي پشيه نڪشتر آهي ته به شُڀ ڪاريه شُڌ ۽ پورن ٿين ٿا. جڏهن گرووار يا آرتوار ڏينهن پشيه نڪشتر اچي ٿو ته اِهو شُڀ يوگيه آهي. اِهو يوگيه واپار ۽ ڪاريه سڌي ڪرت آهي. بيماري اُن ڏينهن جي وٺڻ گرهڻ ڪري ته اُن ڪي به فائدو ٿئي ٿو.

نون گرهن جي درشٽي مترتا ۽ شتروتا (دشمني)

گرھ Planets	سوريه Sun	چندرما Moon	منگل Mars	ٻڌ Mercury	گرو Jupiter	شُڪر Venus	شني Saturn	راهو Rahu	ڪيتو Kato
گرهن جي وينل گهر کان هڪ حصو نظر	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠	٣_١٠
گرھ جي وينل گهر کان ٢ حصو نظر	٥_٩	٥_٩	٥_٩	٥_٩	٥_٩	٥_٩	٥_٩	٥_٩	٥_٩
گرھ جي وينل گهر کان ٣ حصو نظر	٤_٨	٤_٨	٤_٨	٤_٨	٤_٨	٤_٨	٤_٨	٤_٨	٤_٨
گرھ جي وينل گهر کان پوري نظر	٧	٧	٤_٧_٨	٧	٥_٧_٩	٧	٣_٧_١٠	٧	٧
گرھ جا ورهيه	٢٢	٤٢	٢٨	٣٢	١٦	٢٥	٣٦	٤٢	٤١
گرھ هر هڪ راس ۾ گهٽ وقت رهن ٿا	١ مهينو	سوا ٻه ڏينهن	ڏيڍ مهينو	١٢ ڏينهن	١٣ مهينا	٣٠ ڏينهن	٣٠ مهينا	١٨ مهينا	١٨ مهينا
ڪهڙي گرھ سان مترتا آهي	چندر منگل گرو	سوريه ٻڌ	سوريه گرو چندرما	سوريه راهو شُڪر	سوريه چندر منگل	ٻڌ راهو شني	ٻڌ راهو شُڪر	ٻڌ شني منگل	ٻڌ
ڪهڙي گرھ سان شترتا آهي	شني راهو شُڪر	راهو	راهو ٻڌ	چندر	ٻڌ شُڪر	سوريه چندرما	سوريه منگل چندر	سوريه چندر منگل	–
ڪهڙي گرھ سان سمتا آهي	ٻڌ	منگل شُڪر شني	شُڪر شني راهو	منگل شني گرو	شني راهو	منگل گرو	گرو	گرو	–
گرھ ڪهڙي راس جو اوچ ۾ ڊگريون	ميک ١٠	ورک ٣	مڪر ٢٨	ڪنيا ١٥	ڪرڪ ٥	مين ٢٧	تُل ٢٠	مٿن ١٥	ڌن ١٥
گرھ ڪهڙي راس جو اوچ ۾ ڊگريون	تُل ١٠	ورشچڪ ٢	ڪرڪ ٢٨	مين ١٥	مڪر –	ڪنيا ٢٧	ميک ٢٠	ڌن ١٥	مٿن ١٥

Scanned with CamScanner

يم گهنٽ

ڏينهن	آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شُڪر	ڇنڇر
نکشتر	مگها	وشاکا	آردرا	مول	ڪرتڪا	روهڻي	هست

جيڪڏهن مٿي ڏيکاريل ڏينهن تي مٿي ڄاڻايل نکشتر هجن ۽ ٻار ڄمي ته يم گهنٽ يوگ ۾ ڄاول ٻار ڄمي ته احو يم گهنٽ يوگ ۾ ڄاول ٻار ماتا لاءِ ڏکدائي ٿيندو آهي. جنهن لاءِ ين گهنٽ شانتي پوڄا ڪرائڻ ضروري آهي يا اُن جي شانتيءَ لاءِ ڪنجي جي ٿالهي جو ترو ڪڍي ٻالڪ کي اُن مان لنگهائڻو آهي يا ڪسي ڪوٺي اُن مان تيل وهائجي ته شانتي ٿئي. آزمودي مان ڏٺو ويو آهي ته ٻار سُکدائي ۽ شُڀ ٿئي ٿو. يم گهنٽ ۾ ڪو به شُڀ ڪاريہ پڻ نہ ڪرڻ گهرجي. يم گهنٽ ۾ ڄاول ڪٽي هنرمند ۽ چالاڪ ٿيندو پر سدائين هٿ تنگ رهندس.

جدا جدا ڏينهن ۾ جنم وٺڻ ڪري ٻالڪ تي اثر

هيٺ جدا جدا ڏينهن تي ٻار جي جنم وٺڻ سان اُنهن جو سڀاءُ جيون هيٺين ريت گذري ٿو.

آرتوار: هن ڏينهن ڄاول ٻار سُشيل ۽ عزت وارو، وديا ۽ هنر ۾ ماهر ٿئي ٿو. **سومر:** رات جو ته سٺي چال چلت وارو ۽ ڏينهن جو ته جلد مرتبو يوگيہ مگر ڪشٽ نوارڻ لاءِ شو اڳيان ڏئي جو دان ڪرائجي. **منگل:** خراب هلت وارو. **ٻڌر:** گيان وان ۽ سنيال رکڻ وارو. **وسپت:** لنڊڻ ۽ ڀڳتي وارو. **شُڪر:** رات جو نہ شرابي ڪبابي، ڏينهن جو ڀاڳ وارو ۽ ڏنوان. **ڇنڇر:** چئيوان ۽ نماڻو ٿئي ٿو.

سڳنن ۾ ڄاول ٻار

مگها، مول، آشليشا ۽ جيشٽا اُنهن نکشترن ڄاول ٻار کي سڳنن يعنيٰ ڀاڙن جو ليکبو. اهڙيءَ طرح ڄاول ٻار جنيلو صباح ۾ تيز، ڪنهن قدر پتا ۽ ماتا لاءِ ڏکدائي ۽ پنهنجي بدن ۾ روڳي ٿيندو آهي. انهيءَ ساڳئي جنم واري نکشتر ۾ جو ورندي ٢٨ يا ٢٩ ڏينهن ٿيندو آهي، تنهن ۾ شانتي پوڄا ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي. (جيشٽا نکشتر ۾ ٻار جو جنم) جيشٽا نکشتر جي پهرين پائي ۾ ڄاول ٻار پنهنجي وڏي ڀاءُ جي لاءِ ڏکدائڪ ٿيندو آهي، ٻئي پائي ۾ ننڍي ڀاءُ جي لاءِ ڏکدائي. ٽئين پائي ۾ ماتا لاءِ خراب ۽ چوٿين پائي ۾ پنهنجي خود شرير لاءِ خراب ٿيندو آهي پر ڏيءُ خاص ڪري وڏي ڀاءُ پتا ماتا لاءِ ڏکدائڪ ڪونہ ٿيندي آهي. جيشٽا جون پهريون ڇار گهڙيون ۽ مول نکشتر جو پهريون چار گهڙيون ايڪت مول يوگ چئبو آهي. اُن وقت ڄاول ٻار جو

منهن ٨ يا ٦ مهينا يا ٢٧ ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ پتا کي ڏسڻ نہ گهرجي. اهڙي يوگ کي "ڏن ڪنڌ" چئبو آهي جنهن لاءِ شانتي پوڄا ڪرائڻ ضروري آهي.

(مگها نکشتر ۾ ڄاول) مگها نکشتر جي پهرين پائي ۾ جنم وٺندڙ ٻار پنهنجي ماتا ۽ ناناڻن لاءِ ڏکدائي چئبو. ٻئي پاسي ۾ پتا لاءِ ڏکدائي، ٽئين پائي ۾ ڄاول ٻار سُکي حياتي گذاريندو ۽ چوٿين پائي ۾ ڄاول ٻار ودوان ۽ پونجي پتي يعنيٰ شاهوڪار ٿيندو.

(آشيليشا ۾ ڄاول ٻار) هن نکشتر جي پهرين پائي ۾ ڄاول ٻار پتا لاءِ کشٽ وارو، ٻئي پائي ۾ ڄاول ٻار ماتا لاءِ ڏکدائي. ٽئين پائي ۾ ڄاول ٻار ڌن کي ناس ڪندڙ ۽ چوٿين پائي ۾ ڄاول ٻار پوڄا ۽ شانتي ڪرائڻ ڪانپوءِ سُکدائي ۽ شُڀ ٿيندو.

گرهڻ ۽ وتيپات ۾ ٻار جي جنم جو ڦل) گرهڻ ۽ وتيپات ۾ جنم هئڻ ڪري ڪنهن مڙيئي عضوي ۾ خرابي رهندي آهي يا ٿي پوندي آهي. ڏک ۽ بيماري پيون ستائينديون آهن. پتا ماتا جي گهر ۾ يا وڏي هوندي ڌن وغيره جو بہ نقصان رهندو آهي جنهن لاءِ پوڄا ڪرائڻ ضروري آهي.

(ڪنهن بہ مرض ۾ مبتلا ٿيڻ يا ٻوڙي ٿيڻ جو يوگ (١) جنم ڪنڊليءَ ۾ جيڪڏهن ٦ گهر جو مالڪ ۴ گهر ۾ ويٺل هجي ۽ ڇنڇر ديوتا دُشمن کي ڏسندو هجي. (٢) گهر ۾ ٻڌ گهر کي ڇنڇر ديوتا جي درشٽي پوندي هجي تہ بہ ماڻهوءَ کي ڪنن ڪان ٻوڙهي ٿيڻ جو امڪان رهندو. (٣) جنم ڪنڊليءَ ۾ ٦ ۽ ١٠ گرهہ هجي ۽ جنم رات جو ٿيل هجي ۽ ٻڌ گرهہ دُشمن جي ڪري يا ٻيچ رات جو هوندو تہ ٻالڪ کي ڪنن جي مرض ۾ مبتلا رهڻو پوندو.

سمهڻ مهل مٿو ڪهڙي پاسي ڪجي

هيٺين ريت سمهڻ مهل مٿو ڪري سمهڻ سان فائدو ۽ نقصان هن ريت ٿئي ٿو. اُبر واري پاسي مٿو ڪري سمهڻ سان لڇمي جو واڌارو ٿئي ٿو اولهہ واري، پاسي وڏيڪ سپنا ڏسجن ٿا ۽ پرديس يا مسافري فائيديمند ٿئي ٿي. اُتي واري پاسي پورو پنو باقي ڏکڻ واري پاسي وڏي عمر ۽ تندرست رهجي ٿو توهان آزمائي ڏسو.

ٽڪر ٻارڇا کي ڇئجي ٿو

ساندهہ ٽن ڄاولن پُٽن مٿا چوٿين ڌيءَ ساڳي طرح ٽن اڳ ڄاول ڌيئن مٿان چوٿون پُٽ ڄمي سو ٽڪر چئبو. جو ماتا، پتا، ڀاءُ، ڌن، جي ڌيءُ هجي تہ ساهرن لاءِ نقصان ڪار ٿيندي آهي. اُن لاءِ ٽڪر شانتي پوڄا ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح سج گرهڻ يا چنڊ گرهڻ ۾ ڄاول ٻار جواٿر پڻ ڪُٽنب ۽ پيءُ جي ڌن ۽ سحت لاءِ خراب ٿيندو آهي جنهن لاءِ پڻ شانتي پوڄا ڪرائڻ لازمي آهي ۽ آزمودي مان لاڀدائڪ ڏٺو ويو آهي.

نوٽ: مانگهہ مهيني جي ڪنهن بہ ٻڌوار تي مهينن، سانوڻ ۾ گهوڙي، سنگ، سنڪرات يعنيٰ بڌي ڪان ڪتي (ڪارڪت) مهيني ۾ زال ويم ڪري تہ مالڪ ڏکدائي ٿيندا آهن انهيءَ حالت ۾ اُنهن لاءِ پوڄا ڪرائڻ ضروري آهي.

Scanned with CamScanner

گنڊ نڪشتر

اَشوني، آشليشا، مگها، جيشٺا، مول ۽ ريوتي آهي ڇهه (٦) نڪشتر گنڊنڪشتر آهن. جي ٻالڪ اُنهن نڪشتر پيدا ٿئي ته اُن ٻالڪ جو جيئڻ مُشڪل آهي، ماتا جي تڪليف ۽ ڪُل کي ناس ڪري ٿو. پر گنڊ نڪشتر ۾ چاول ٻار جيئرو رهي ته مول جي پاد (پهريون) جو ڦل. مول جي پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته پتا لاءِ ٻئي پاد ۾ ماتا لاءِ ٽئين پاد ۾ ڌن لاءِ هاڃيڪار آهي باقي چوٿون پاد شُڀ آهي.

مول نڪشتر راس (رهڻ) ڦلم ناهري ڦڳڻ، ويساک ۽ چيٽ مهيني ۾ مول جو راس پاتال لوڪ ۾ ۽ مانگهه، اَسو بدو ۽ آکاڙ مهيني ۾ سورڳ ۽ اهڙي نومي پوهه جو ملڻ پاتال ۾ هجي ته ڌن جي پراپتي مگهڻ ٿي قسمن جا وگهن پون ٿا.

جيشٺا نڪشتر جو پاد ڦل: پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته ناناڻن لاءِ ڪشٽ ڪاري ۽ ٻئين پاد ۾ ماتا لاءِ ڪشٽ ڪاري، ٽئين پاد ۾ پتا ڪُل ۽ گوتر ڪشٽ ڪاري ۽ چوٿين پاد ۾ پائرن لاءِ خراب ۽ ڌن جو ناس ٿئي ٿو.

آشليشا پاد جو ڦل: پهريون پاد سُڀ آهي، ٻئين پاد ۾ ڌن جو ناس ٽئين پاد ۾ ماتا جو ناس ۽ ڪشٽ ڪاري، چوٿين پاد ۾ پتا جو ناس يا ڪشٽ ڪاري (دُک) ڏيندڙ ٿئي ٿو.

مگها نڪشتر پاد جو ڦل: پهريون پاد ماتا لاءِ ڪشٽ ڪاري، ٻئيون پاد پتا لاءِ ڪشٽ ڪاري، ٽئين پاد شُڀ ۽ چوٿين پاد ۾ ڌن جي پراپتي ڪري.

ريوتي پاد ڦل: پهرين پاد ۾ جنم ٿئي.١_ راجا سمان رهي، ٻئين پاد ۾ جنم ٿئي ته منتري (وزير) سمان رهي، ٽئين پاد ۾ جنم ٿئي ته وڏيڪ سُک ملي، چوٿين پاد ۾ جنم ٿئي ته ڊپ ۽ ڪشٽ ڪاري آهي.

اشوني پاد ڦل: پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته ڊپ ۽ ڪشٽ ڪاري، باقي ٽيون ۽ چوٿون شُڀ ٿيندا آهن. ڪرشڻ پکش جي چوڏس (اونداهي) تٿ جي جنم جو ڦل: چوڏس تٿ جا ڇهه حصا ڪريو. چوڏس تٿ جي پهرين حصي ۾ جنم ٿئي ته شُڀ، ٻئي ۾ پتا لاءِ هاڃي، ٽئين ۾ پائرن جي هاڃي، چوٿين ۾ ماتا جي هاڃي، پنجين ۾ وَنش ڪُل جي هاڃي ۽ ڇهين ۾ سَروناش ٿو ٿئي. اُن لاءِ ڪلياڻ ڪرڻ جي اِڇا لاءِ نڪشتر ڏسي اُن جي پاپ لاهڻ جو يتن ڪري.

انيڪ پرڪارن جا وگهن اچن ٿا: جي ويساک مهيني ۾ پاليل اُٺ يا گهوڙي جو چيٽ ۾ اِستريءَ جو ويم ٿئي ته انيڪ وَگهن پون ٿا.

هڪ نڪشتر ۾ جنم جو ڦل: پتا پُٽر يا ڀن پائرن جو هڪ ئي نڪشتر ۾ جنم هجي ته هڪ جو موت ٿئي ٿو. ٽڪڻ پوڄن: ٽن نياٽين ڪانپوءِ پُٽ ڄمي ته مائٽن لاءِ خراب، ٽن پُٽن ڪانپوءِ ڌيءَ ڄمي ته مائٽن لاءِ سمر ۽ ساهرن کي وڏائي. اِهو ٻار ٽڪڻ ليکبو آهي، اُن لاءِ ٽڪڻ پوڄن ڪرائڻ گهرجي.

Scanned with CamScanner

لگن جي سواري ۽ واهن

پورب گون تين هي تارا چلتا لگن سان ها سوار

(١) ست تارا (٢) پورواپادر. (٣) اُتراپاد لڇمي کري گھرواسا.
اگن کوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن نانگ هي سوار.
(١) روهڻي (٢) مرگھشا (٣) اُتر اڌر ڏوت پتر ڏک دپو سارا.
پورب کوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن شينهن هي سوار.
(١) پورواشا (٢) پشي (٣) آشيليشا کرائي جنگل واهسوار.
نيرت کھوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن گرڙ هسوار.
(١) مگھا (٢) پورواشا (٣) فالهني نارائڻ جي پٽار کوارا.
پڇ کوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن کتا هسوار.
(١)هشت (٢) چترا (٣) سواتي کرتا کرون واهوارا.
بانب کوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن موسا هسوار.
(١) اشوني (٢) ويساک (٣) انوراڌا ڊنڊوت فري چوڏارا.
اُترا کوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن ڏن هسوار.
(١) جيشٽا (٢) مول (٣) پورواشا سُک ساپت کري گھرواسا.
ايسان کوڻ تين نکشتر تين هي تارا چلتا لگن گھٽا هسوار.
(١) تراشاهه (٢) سروڻ ڏنشا ڏوڏ پتر ڏري سارا.

٩ گرهن جو منتر

١. شني جات کاتيلي هي شيوا کري هنومان کي ست ٻولو.
سبت واچا فري تيلي سور کي شيوا چڙهي
٢. سوم جات مالهي هي شيوا کري اِندر جي ست ٻولو.
سبت واچا فري ڏوڌ گرٿ کي شيوا چڙهي
٣. منگل جات کا سونارا هي شيوا کري کالکا ڀواني کي،
ست ٻولو ست وافري گوگل ڌوپ کي شيوا چڙهي.
٤. ٻڌ جات کا واڻيا هي شيوا ڪري مهاديو کي ست ٻولو.
ست واچا فري اُن آر کي شيوا چڙهي.
٥. وسپت جات ڪا برهمڻ هي شيوا کري شري نارائڻ کي ست ٻولو.
ست واچا فري پان ڦول کي شيوا چڙهي.
٦. شُکر جات کا مسلمان هي شيوا کري پير محمد کي شيوا کري
ست واچا تري ڏوڌ ڏهي کر شيوا چڙهي
راهو جات کاک ککلائي هي شيوا سر کي تيل اُرند کي پوڄا چڙهي
کيتو جات کا پڙي هي شيوا کري هنگلاج ماتا کي ماگيا ڦل وانڇت ڏري ور کنيا رکشا کري.

نڪشترن جو سمراٽ پشيه نڪشتر

جيئن پشين (جانورن) ۾ شينهن طاقت وارو آهي ۽ پشين جو راجا ليکيو ويندو آهي، تيئن ٢٧ نڪشترن ۾ پ
نڪشتر شڪتي شالي آهي. پشيه نڪشتر سيني نڪشترن ۾ اُتم، اُوچ ۽ ڪلياڻ ڪاري آهي. سيني دوشن کي
ڪندڙ آهي. گرهن ۾ ۴، ۸ يا ١٢ چند رام هجي پر جي اُن وقت پشيه نڪشتر هجي ته ڪاريه ۾ شُڌ ۽ اُوچ آ
ٿا. سب ڪار شُڌ ۽ پورڻ ٿين ٿا.

جي نيچ گرهه بيٺل آهي ته ۽ پشيه آهي ته به سڀ ڪار شُڌ ۽ پورڻ ٿين ٿا. اِهو يوگ آهي، اِهو يوگ واپار ۽ ڪا
جڏهن گرو وار (وسپت) يا آرتوار ڏينهن پشيه نڪشتر اچي ٿو ته، اِهو پشيه يوگ آهي. اِهو يوگ واپار ۽ ڪا
سُڌي ڪرتا آهي. بيمار اُن ڏينهن جي دوائون گرهڻ ڪري ٿو ته اُن کي به فائدو ٿئي ٿو.

روزانو شُڀ ۽ اَشُڀ چندرما جو ڦل ڏسڻ ضروري

سندر ٽيپڻي ۾ مهينن وارن ڪانن ۾ **چندرما** پڻ ڏنل آهي، **چندرما** هر هڪ راس ۾ اڍائي ڏينهن رهي ٿو پنهنج
نالي جي راس ڪان **چندرما** پيل آهي، پنهنجي راس ڪان **چندرما** جي راس تائين نمبر ڳڻي، جيڪو نمبر اچي
جو ڦل سمجهي.

چندرما: جي پهرين گهر ۾ هجي ته تندرُستي عمده رهي، ٻئي گهر ۾ هجي ته من ۾ آنند وڌائي، ٽئين گهر
هجي ته ڌن وڌائي، چوٿين گهر ۾ هجي ته بيماري ۽ جهيڙو ڪرائي، پنجين گهر ۾ هجي ته گيان وڌائي، ڇهين
گهر ۾ گهر ته خوشي ڪرائي، ستين ۾ هجي ته ڪورٽ جي مقصد ۾ سوڀ ۽ حاڪمن وٽ عزت وڌائي، اٺين
هجي ته موت، منجهه يا چنتا ڪرائي، نائين ۾ هجي ته ڌرم ۾ پراپت وڌائي، ڏهين ۾ هجي ته موت، منجهه
چنتا ڪرائي، يارهين ۾ هجي ته سڀ قسم جو لاڀ ڪرائي ۽ ٻارهين ۾ هجي ته منو ڪامنا پوري ڪر
تيرهين ۾ هجي ته سڀ قسم جو نقصان ڪرائي.

نوٽ: ۸۴ ۽ ١٢ گرهن ۾ **چندرما** خراب آهي. اُن ڪانسواءِ گهاتي **چندرما** مردن ۽ زالن لاءِ ڏسڻ ضروري آهي.


گهاتي چندرما (مردن لاءِ)


ميک راس واري ميک جو، ورشچڪ کي شنگهه
جو، مٿن کي ڌن جو، ڪرڪ کي ورڪ جو، شنگهه
کي ڪنيا جو، ڪنيا کي مڪر جو، تُل کي مٿن جو،
ورشچڪ کي تُل جو، ڌن کي ڪرڪ جو، مڪر کي
ورشچڪ جو، ڪنڀ کي ڪنڀ جو، مين راس واري
کي مين راس جو چندرما گهائي آهي.

گهاتي چندرما (زالن لاءِ)

ميک راس واري کي ميک جو، ورک واري ک
ورشچڪ جو، مٿن کي تُل جو، ڪرڪ کي ڌن جو
شنگهه کي ڪرڪ جو، ڪنيا کي مٿن جو، تُل ک
ڪنيا جو، ورشچڪ کي ورڪ جو ۽ ڌن کي مڪر جو
مڪر کي مين جو، ڪنڀ کي شنگهه جو ۽ مين ک
ڪنڀ راس جو چندرما گهائي ليکبو آهي

ڪال سرپ (ناگ دوش)





(١) جيڪڏهن جنم ڪنڊليءَ ۾ (١، ۴، ٧، ۽ ١٠ ڀاڱا) هڪ به شُڀ گرهه نه هجي ۽ سڀ پاپ گرهه (سورج، منگل، ڇنڇر، راهو) ڪيندر ۾ هجن. ڪيندر ۾ ڪيٽ چندرما ۽ راهو هجي. جنم ڪنڊليءَ ۾ مٿين نموني گرهه هجن ته اهو ننڍي عمر ۾ ڪامي، دُکي پر استري گامي ۽ چڙچڙي سڀاؤ وارو ٿئي ٿو. ڏنوان جي گهر ۾ پيدا ٿي ڪري به مها دُکي ۽ غريبي جي حالت کي پهچي ٿو. (٢) جنهن کي ٨ ڀاڱي ۾ راهو هجي ۽ پاپ گرهه جي درشٽي پوندي هجي ته اُن جي مرتيو ناگ جي ڏنگڻ سان ٿئي ٿي. (٣) ٣ ڀاڱي جو سوامي راهوءَ سان سنبنڌ راس جي سواميءَ سان گڏ هجي. (۴) راهو جنهن راس ۾ آهي اُن راس جو مالڪ ٣ ڀاڱي جي سوامي سان گڏ هجي. (۵) ٣ ڀاڱي جو سوامي راهوءَ سان گڏ لگن ۾ (١ ڀاڱي) هجي. (٦) ڪنڊليءَ ۾ سڀ گرهه راهو ۽ ڪيتو جي وچ ۾ هجن.

جنهن کي جنم ڪنڊليءَ ۾ "ڪال سرپ" ٿئي ٿو اُن کي زندگيءَ ۾ انيل مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن ڪنيا جي ڪنڊليءَ ۾ ڪيندر ۾ ۵، ۽ ١١ ڀاڱي ۾ راهو ۽ ڪيتو جو ڪال سرَپ يوگ آهي ته اُن جي شاديءَ ۾ دير ٿئي ٿي. پر جيڪڏهن شادي ٿئي ٿي ته گرهستي جيون سُک پورڻ نٿو رهي پيٽ جون بيماريون، گرڀ جي ڪمزوري، مانسڪ تناؤ طبيت نرم گرم ۽ انيڪ تڪليفون ستائين ٿيون. لگن استان (١ ڀاڱو) دوشت آهي ته دماغي خرابي ۽ مانسڪ تناؤ رهي ٿو. ٢ ڀاڱو ۽ ١٠ ڀاڱو دوشت آهي ته نيتر روگ، اکين جي بيماري ڪمزوري، سيني جو خوب خرچ ٿئي ٿو، ڪورٽ ڪيسن ۾ پريشاني قرض ڪٽڻ جي نوبت اچي ٿي. ۵ ڀاڱو دوشت آهي ته ڪنن جي تڪليف ۽ ٻوڙاڻ ٿئي ٿي. ۴ ڀاڱو ۽ ١٠ ڀاڱو دوشت آهي ته ماتا پتا کي ڪشٽ ۽ گهر ۾ اشانتي ۽ ڪٽ پٽ رهي ٿي. ٣ ۽ ٩ ڀاڱو دوشت آهي ته پيٽ جون تڪليفون. سنتان ڪشٽ سان پيدا ٿئي ٿي. ناستڪپڻو اچي. ڀاڳديو ۾ ارچڻ اچي ٦ ۽ ٨ ڀاڱو دوشت آهي ته پيرن جون بيماريون ٿين. دشمن وڌن ٧ ڀاڱو دوشت آهي ته ٻڪين جي خرابي پيدا ٿئيءِ زال ۽ مڙس ۾ متڀيد پيدا ٿئي. ڇڪتاڻ ايتري وڌي وڃي جو ڌار ٿيڻ يا طلاق ڏيڻ جي نوبت پيدا ٿئي.

ڪال سرپ دوش کي لاهڻ جا اُپاءَ: ناسڪ جي پرسان ترمبيڪشور آستان آهي جتي هزارين ماڻهون هر سال وڃي ڪري "نارائڻ ناگ ٻلي" پوڄا ڪرائين ٿا. خاص ڪري سال ۾ ٢ ڏينهن ناگ پوڄا ڪرائڻ جا ملن ٿا ڪوشش ڪري اُنهن ڏينهن تي پوڄا ڪرائجي.

Scanned with CamScanner

(١) سانوڻ مهيني جي سهائي پنجئين جنهن کي اسين گوگڙو يا نانگ پنچمي چئون ٿا.

(٢)ناهري مهيني جي سهائي پنجئين **ڪال سرپ دوش** پريهار جي پوڄا ڪرائڻ ڪانپوءِ ڪشٽ، ڏ... تڪليفون دُور ٿين ٿيون ۽ شانتي ٿئي ٿي. جنهن کي جنم ڪنڊليءَ ۾ **ڪال سرپ دوش** آهي اُن کي ئي پ... پوڄا ڪرائڻي آهي پوءِ چاهي استري هجي يا پُرش پوڄا واري ڏينهن فقط کير پيئجي. اَن پوڄن نہ کائجي.

(٣)جيڪڏهن ڪال سرَپ دوش ماتا پتا کي آهي تڏهن ئي ٻارن ۾ اچي ٿو. ڪال سرَپ دوش ۾ رڳو نقصان ئي ڪونہ ٿو ٿئي پر فائدو پڻ ٿيندو آهي. اِهو وشيانتي ٿي ويندو. اسان براهمڻ يجمان کي گهٽيئي دف... ٻڌائيندا آهيون تہ اڳئين جنم جي ڪرمن جي حساب سان هن جنم ۾ تڪليف اچي ٿي جنهن لاءِ ڪنه... ودوان ڪنهن ودپاتي براهمڻ کان پوڄا وڌي ٣، ۴ ڀيرا ڪرائڻ گهرجي.

(۴)جيڪڏهن ڪنهن زال کي ٻار نٿو ٿئي ۽ اُن جي ڪنڊليءَ ۾ دوش آهي، اُن استريءَ کي ٻڙ جي وڻ جي روز ٨، ١ ڀيرد ڪيٽا ڪرڻ کپي جيڪا ٢٠٠ ڏينهن ۾ ١٨٠٠٠ پرديڪٽا پوري ٿيندي تہ دوش پورو ٿيندو ۽ ايشور ج... ڪرپا سان ٻار ڄمندو.

(٥) نتيہ ردر سڪت ۽ شو جي اُپاسنا ۽ پوڄا جي جل سان روز سنان ڪرڻ سان ئي دوش گهٽ ٿيندو آهي ۽ سنڪلپ سان رودر ڪرائجي.

(٦) هڪ ٽامي جو نانگ شو لُنگ تي چڙهائڻ جيڏو اُن کي پراڻ پرتشنٽ ڪري برهم مهورت ۾ جيئن توهان کي ڪير بہ نہ ڏسي شوالي ۾ وڃي ڇڏي اچجي. چانديءَ جا نانگ ۽ ناگڻ نهرائي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڇڏجن ا... جي ڪرڻ سان بہ عجيب طريقي سان ڪال سرَپ دوش جو نوارڻ ۽ دوشيءَ کي فائدو ٿيڻ شروع ٿئي ٿو ۽ هيءَ آزمايل آهي.

(٧) پلاش جا گل گو موتر ۾ پُسائي چانوَ ۾ سُڪائي اُن جو چورڻ ٺاهي روز سنان وقت پاڻيءَ ۾ وجهجي ۽ اُهو ٧٢ ٻڌر (تقريبن ڏيڍ سال) سنان ڪرڻ سان ڪال سرَپ دوش دوش ختم ٿئي ٿو ڪجھ پنڊتن جو خيال آهي تہ ٧٢٠٠٠ ڀيرا راهوءَ جو جپ ڪجي تہ دوش شانت ٿيندو. اوم را راهوي نمه.

(٨) ڪاري ڪپڙي ۾ ڪاري ماڻهن سڃي يا منگ مٺ ڀري ٻڌي هر ٻڌر تي راهو جو منتر جپي ڪنهن فقير کي ڏجي. جيڪڏهن ڪير بہ وٺڻ وارو نہ ملي تہ اُن کي وهندڙ پاڻيءَ ۾ پروان ڪري ڇڏي. اِهو ٧٢ ٻڌر ڪرڻ کپي.

(٩) ٻڌر ڏينهن اسر جو ڪال سرَپ يوگ جي خاص منڊيءَ کي پراڻ پرتشنٽ ڪري ساڄي هٿ جي ٻاچ آنگر ۾ مرد ۽ ڪاٻي هٿ ۾ زالون پائين. جنهن ڏينهن منڊي پايو اُن ڏينهن راهوءَ جون ٿوريون شيون دان ڪجن... ائين ڪرڻ سان فائدو پوي ٿو. آزمايل آهي.

(١٠) ١٣ يا ٩ نانگن جو استروت جو پاٺ ڪجي. نانگ پنچمي جو ورت رکجي.

(١١) شنڪر ڀڳوان جي ڪرپا سان ۽ جنهن منتر کي پڙهي ڪري پاڻيءَ ۾ نانگ پروان ڪجي ٿو. اُن منتر کي سنان ڪانپوءِ روز تي دفعا پاٺ ڪرڻ سان کهڙا بہ دشمن هجن اُهي ناس ٿين ۽ ڪينسن ۾ سوپ رسي... آزمايل آهي.

چلين جي اشٽ ۾ لگن لاءِ ممبئي لگن سارڻي پونا، وير، احمدآباد، پنويل، علي باغ وغيره شهرن ۽ ڳوٺن لاءِ

لگن	۰	۱	۲	۳	۴	۵	۶	۷	۸	۹	۱۰	۱۱	۱۲	۱۳	۱۴
میک ۰	۳ ۳	۳ ۱۱	۳ ۱۹	۳ ۲۷	۳ ۳۵	۳ ۴۳	۳ ۵۱	۳ ۵۲	۴ ۸	۴ ۱۷	۴ ۲۶	۴ ۳۴	۴ ۴۳	۴ ۵۲	۵ ۱
ورک ۱	۷ ۲۳	۷ ۳۲	۷ ۴۱	۷ ۵۰	۷ ۵۸	۸ ۷	۸ ۱۶	۸ ۲۵	۸ ۳۵	۸ ۴۲	۸ ۵۶	۹ ۶	۹ ۱۶	۹ ۲۷	۹ ۳۷
متن ۲	۱۲ ۲۱	۱۲ ۳۱	۱۲ ۴۲	۱۲ ۵۲	۱۳ ۹	۱۳ ۱۲	۱۳ ۲۳	۱۳ ۳۳	۱۳ ۴۴	۱۳ ۵۵	۱۴ ۷	۱۴ ۱۸	۱۴ ۲۸	۱۴ ۴۰	۱۴ ۵۱
کرک ۳	۱۷ ۵۱	۱۸ ۲	۱۸ ۱۳	۱۸ ۲۴	۱۸ ۳۵	۱۸ ۴۷	۱۸ ۵۸	۱۹ ۹	۱۹ ۲۰	۱۹ ۳۹	۱۹ ۴۲	۱۹ ۵۳	۲۰ ۴	۲۰ ۱۵	۲۰ ۲۶
شنگھ ۴	۲۳ ۲۴	۲۳ ۳۵	۲۳ ۴۳	۲۴ ۵۶	۲۴ ۸	۲۴ ۱۹	۲۴ ۳۰	۲۴ ۴۱	۲۴ ۵۲	۲۵ ۲	۲۵ ۱۳	۲۵ ۲۴	۲۵ ۳۴	۲۵ ۴۵	۲۵ ۵۵
کنیا ۵	۲۸ ۴۶	۲۸ ۵۶	۲۹ ۷	۲۹ ۱۶	۲۹ ۲۸	۲۹ ۳۹	۲۹ ۴۹	۳۰ ۰	۳۰ ۱۱	۳۰ ۲۲	۳۰ ۳۳	۳۰ ۴۳	۳۰ ۵۳	۳۱ ۴	۳۱ ۱۴
تل ۶	۳۴ ۵	۳۴ ۱۵	۳۴ ۲۶	۳۴ ۳۶	۳۴ ۴۷	۳۴ ۵۸	۳۵ ۸	۳۵ ۱۹	۳۵ ۳۰	۳۵ ۴۱	۳۵ ۵۲	۳۶ ۳	۳۶ ۱۴	۳۶ ۲۵	۳۶ ۳۶
وشچک ۷	۳۹ ۲۴	۳۹ ۴۵	۳۹ ۵۶	۴۰ ۱۰	۴۰ ۱۸	۴۰ ۲۹	۴۰ ۴۰	۴۰ ۵۱	۴۱ ۲	۴۱ ۱۳	۴۱ ۲۵	۴۱ ۳۶	۴۱ ۴۷	۴۱ ۵۸	۴۲ ۹
ڌن ۸	۴۵ ۹	۴۵ ۲۰	۴۵ ۳۱	۴۵ ۴۲	۴۵ ۵۳	۴۶ ۵	۴۶ ۱۶	۴۶ ۲۷	۴۶ ۳۷	۴۶ ۴۸	۴۶ ۵۸	۴۷ ۸	۴۷ ۱۸	۴۷ ۲۹	۴۷ ۳۹
مکر ۹	۵۰ ۲۳	۵۰ ۳۳	۵۰ ۴۴	۵۰ ۵۳	۵۱ ۴	۵۱ ۱۴	۵۱ ۲۵	۵۱ ۳۵	۵۱ ۴۴	۵۱ ۵۳	۵۲ ۲	۵۲ ۱۰	۵۲ ۱۹	۵۲ ۲۸	۵۲ ۳۷
کنڀ ۱۰	۵۴ ۵۹	۵۵ ۸	۵۵ ۱۷	۵۵ ۲۶	۵۵ ۳۴	۵۵ ۴۳	۵۵ ۵۶	۵۶ ۱	۵۶ ۹	۵۶ ۱۷	۵۶ ۲۴	۵۶ ۳۳	۵۶ ۴۱	۵۶ ۴۹	۵۶ ۵۷
مين ۱۱	۵۹ ۳	۵۹ ۱۲	۵۹ ۲۰	۵۹ ۲۹	۵۹ ۳۶	۵۹ ۴۳	۵۹ ۵۰	۰ ۰	۰ ۸	۰ ۱۶	۰ ۳۳	۰ ۳۲	۰ ۳۰	۰ ۴۸	۰ ۵۶

لگن	۱۵	۱۶	۱۷	۱۸	۱۹	۲۰	۲۱	۲۲	۲۳	۲۴	۲۵	۲۶	۲۷	۲۸	۲۹
میک ۰	۵ ۱۰	۵ ۱۹	۵ ۲۸	۵ ۳۷	۵ ۴۵	۵ ۵۴	۶ ۳	۶ ۱۲	۶ ۲۱	۶ ۳۰	۶ ۳۹	۶ ۴۷	۶ ۵۶	۷ ۷	۷ ۱۴
ورک ۱	۹ ۴۷	۹ ۵۷	۱۰ ۸	۱۰ ۱۸	۱۰ ۲۸	۱۰ ۳۸	۱۰ ۴۹	۱۰ ۵۶	۱۱ ۹	۱۱ ۲۰	۱۱ ۳۰	۱۱ ۴۰	۱۱ ۵۰	۱۲ ۱	۱۲ ۱۱
متن ۲	۱۵ ۳	۱۵ ۱۴	۱۵ ۲۵	۱۵ ۳۷	۱۵ ۴۷	۱۵ ۵۶	۱۶ ۱۰	۱۶ ۲۱	۱۶ ۳۲	۱۶ ۴۳	۱۶ ۵۵	۱۷ ۶	۱۷ ۱۷	۱۷ ۲۸	۱۷ ۳۹
کرک ۳	۲۰ ۳۸	۲۰ ۵۹	۲۱ ۰	۲۱ ۱۱	۲۱ ۲۲	۲۱ ۳۲	۲۱ ۴۴	۲۱ ۵۵	۲۲ ۶	۲۲ ۱۷	۲۲ ۲۸	۲۲ ۳۹	۲۲ ۵۰	۲۳ ۱	۲۳ ۱۲
شنگھ ۴	۲۶ ۶	۲۶ ۱۷	۲۶ ۲۷	۲۶ ۳۸	۲۶ ۴۶	۲۶ ۵۹	۲۷ ۱۰	۲۷ ۲۰	۲۷ ۳۱	۲۷ ۴۲	۲۷ ۵۲	۲۸ ۳	۲۸ ۱۴	۲۸ ۲۴	۲۸ ۳۵
کنیا ۵	۳۱ ۲۵	۳۱ ۳۶	۳۱ ۴۶	۳۱ ۵۷	۳۲ ۸	۳۲ ۱۸	۳۲ ۲۹	۳۲ ۳۹	۳۲ ۵۰	۳۳ ۱	۳۳ ۱۱	۳۳ ۲۲	۳۳ ۳۳	۳۳ ۴۳	۳۳ ۵۴
تل ۶	۳۶ ۴۸	۳۶ ۵۹	۳۷ ۱۰	۳۷ ۲۱	۳۷ ۳۲	۳۷ ۴۳	۳۷ ۵۴	۳۸ ۵	۳۸ ۱۶	۳۸ ۲۷	۳۸ ۳۸	۳۸ ۴۹	۳۹ ۰	۳۹ ۱۱	۳۹ ۲۲
وشچک ۷	۴۲ ۳۱	۴۲ ۳۳	۴۲ ۴۳	۴۲ ۵۴	۴۳ ۵	۴۳ ۱۷	۴۳ ۲۹	۴۳ ۳۹	۴۳ ۵۰	۴۴ ۱	۴۴ ۱۳	۴۴ ۲۵	۴۴ ۳۵	۴۴ ۴۶	۴۴ ۵۷
ڌن ۸	۴۷ ۴۹	۴۷ ۵۹	۴۸ ۱۰	۴۸ ۲۰	۴۸ ۳۰	۴۸ ۴۰	۴۸ ۵۱	۴۹ ۱	۴۹ ۱۱	۴۹ ۲۲	۴۹ ۳۲	۴۹ ۴۲	۴۹ ۵۲	۵۰ ۳	۵۰ ۱۶
مکر ۹	۵۲ ۴۶	۵۲ ۵۵	۵۳ ۴	۵۳ ۱۳	۵۳ ۲۱	۵۳ ۳۰	۵۳ ۳۸	۵۳ ۴۸	۵۳ ۵۷	۵۴ ۶	۵۴ ۱۵	۵۴ ۲۳	۵۴ ۳۲	۵۴ ۴۱	۵۴ ۵۰
کنڀ ۱۰	۵۷ ۵	۵۷ ۱۳	۵۷ ۲۱	۵۷ ۲۹	۵۷ ۳۷	۵۷ ۴۵	۵۷ ۵۲	۵۸ ۰	۵۸ ۸	۵۸ ۱۶	۵۸ ۲۴	۵۸ ۳۲	۵۸ ۴۰	۵۸ ۴۸	۵۸ ۵۶
مين ۱۱	۱ ۳	۱ ۱۲	۱ ۲۰	۱ ۲۸	۱ ۳۶	۱ ۴۳	۱ ۵۱	۱ ۵۹	۲ ۷	۲ ۱۵	۲ ۲۳	۲ ۳۱	۲ ۳۹	۲ ۴۰	۲ ۵۵

چو ملهائجي

(۱) اکڻ ٽيج: وياک مهيني ۾ شڪل پکش جي ٽيج کي اکڻ ٽيج ڪري ملهايو ويندو آهي هن ڏينهن پرسو
رام جينتي ڪري ملهايو ويندو آهي هن ڏينهن اَن ۽ جل جو دان ڪيو ويندو آهي پراڻن ۾ چاتايل آهي ته
يُگ" هن ڏينهن کان شروع ٿيو هو. هن ڏينهن ٺوڙو يا گهڙو دان سدائين لاءِ "اکيه" ٿي ويندو آهي اُن ڪري
کي اکڻ ٽيج چوندا آهن. هيءُ ڏينهن سدائين بنا ڪنهن سوارٿ جي ڪرڻ گهرجي.

هن ڏينهن جَوَ وغيره مٺائي ۾ ملائي دان ڪيا ويندا آهن ۽ پاڻي به دان ڪيو ويندو آهي جَوَن جو اٽو جنهن
ستو (Barley) به چئندا آهن. گرمي کي دُور ڪرڻ وارو ۽ ڪادو پچائيندڙ هلڪو ٿئي ٿو. خاص ڪري بيماري
جَوَن جو پاڻي امرت ڪري ليکيو ويندو آهي. هيءُ ڏينهن اُن ڪري به ملهايو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو هن ڏينهن
ڀڳوان پرشو رام جو به ختم ٿيو هو. جنهن اسرن کي سزا ڏيئي ڌرم جي اسٿاپنا ڪئي هئي. پرشورام جو ڀ
ڀڳتي تمام مشهور آهي هن مهاوير ۽ پراڪرمي کي ياد ڪري به اسين هيءُ ڏڻ ملهائيندا آهيون.

جن هندن (استان، جڳهن) تي ڪنڀ جو ميلو ٿئي ٿو؟

پراڻن موجب جڏهن امرت سان ڀريل دلو پرگهٽ ٿيو هو ته ديو ۽ دانوَ پهرين مان ڇڪي ڪري پا
وڙهڻ لڳا. تڏهن وشنو ڀڳوان جي اشاري تي ديوتائن جي گرو ورهسپت ديوتا جي آگاهه ۾ اِندر جي پُٽ جينت
دلي کي کڻي ورتو. دلو جيئن ٽٽي نه پوي تنهنڪري سوريه ڀڳوان کي اِهو ڪم سونپيو ويو. امرت سُکي
وڃي اِن لاءِ همانشو چندرما کي اُن لاءِ مقرر ڪيو ويو. اُن امرت جي دلي کي ديوتائن ٽنهي لوڪن ۾ کڻي گهم
پر پر دانون اُنهن جو پيڇو ڪيو. پرٿوي تي امرت ٻارهن ڏينهن تائين پي گهمايو ۽ اُن امرت کي پرٿوي تي چ
دفعا هيٺ رکيو ويو. دلي کي رکندي ۽ کڻندي وقت ڪجهه امرت اُنهن چئن جڳهن تي ڪري پيو. اُهي هنڌ
هري دوار،(۲) پرياگگ. (۳) ناسڪ. (۴) اجين ديوتائن جا ۱۲ ڏينهن ڌرتي جي ٻارنهن سالن جي برابر ٿيندا آ
اُن ڪري اِهي چار استان ڇات ڪنڀ جي ميلي جا ٿي پيا اُن ڪري ماڻهن شرڌا سان اچي چار ڪنڀ جا ميلا
آهن. پرٿوي وانگر ديو لوڪ ۾ چار ڪنڀ ۽ پاتال لوڪ ۾ چار ڪنڀ ٿيندا آهن.

شراڌ جو بار پُٽ تي ڇو؟

پُٽ جو ڌرم آهي ته ماتا پتا جي جي شيوا ڪرڻ، سڄي عمر هو پنهنجي جنم. داتائن جي شيوا ڪري ٿو
سندن سرڳواس ٿيڻ ڪانپوءِ اُنهن جو اڳني سنسڪار به هو ئي ٿو ڪري. شايد اِهو به گهٽ آهي، سندن

شراڌ بہ پُٽ کي ئي ٿو ڪارائڻو پوي. آخر ائين ڇو؟ جيئن تہ اسان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهون اولاد پيدا نہ ڪري فقط برهمڻ چاريہ ئي پالن ڪري تہ هو پنهنجا پراڻ پنهنجي مرضي سان ڏهين دوار (ڪپاٽ) مان تياڳي سگهي ٿو. پر هو هڪ انسان برهمچاري نٿو ٿي سگهي. نہ ئي وري ائين وڌاتا جي سرشٽي هلي سگهندي.. وڏا وڏا گياني ۽ مُني بہ سرشٽي کي هلائڻ لاءِ گرهست آشرم کي اپنائيندا آهن ۽ سنتان پيدا ڪندا آهن. اُن ڪري سنتان پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ انسان جي پنهنجي مرضي سان ڏهين دوار (ڪپاٽ) مان پراڻ تياڳڻ جي شڪتي ڪمزور ٿي ويندي آهي اُن ڪري ئي ڦ:ءُ جي هن ڪمزوريءَ جو بار پُٽ تي ٿيندو آهي. اگني سنسڪار وقت شمشان ڀومي ۾ پُٽ پيءُ جي ڪپال کي بانس جي ڪاٺي ڪان سان ٽي دفعا ڇتي آخر ۾ اُن کي ٽوڙي ڦٽو ڪندو آهي. شمشان ڀومي ۾ سيني مٿن مائٽن جي اڳيان ائين ڪري هوءِ (پُٽ) اُهو ئي اشارو ڪندي تہ جيڪڏهن مرتڪ پتا اگر هن کي (پُٽ) کي جنم ڏئي ها تہ شايد برهمچاريہ پالن ڪري ها ۽ پنهنجي مرضي موجب ڪپال رستي پاڻ کي پراڻ تياڳي ها. پر منهنجي ڪري اُنهن جي (پتا جي) اِها خوبيت نشٽ ٿي وئي. جنهن جو جوابدار مان پاڻ کي ميجا ٿو ۽ ٽي دفعا بانس جي ڪاٺي ڪپاٽ کي هڻ لائي پرتياڳ ٿو ڪريان تہ مان پتا جي (پ) نالي نرڪ کان "تر" ڏور ڪرڻ پُتر ٿيندس اُن ڪري ماتا پتا جي شراڌ ڪرڻ جو بار پُٽ تي ٿيندو آهي.

شراڌ برهمڻ کي ئي ڪارائڻ ڇو ضروري آهي؟

سيني کي خبر آهر تہ هڪ ٻج کي جيڪڏهن ضرورت وارين شين سان وڌائجي ٿو تہ اُن جي طاقت سپين دفعا سُڪرِوڌي ٿي ويجي ٿي. ننڍي هڪڙي دوا جي گوري پاڻي سان سان سڄي شرير ۾ پنهنجو سٺو اثر ڏيکاري ٿي، ساڳي طرح اگني ۾ ڪنهن بہ آهوتي جا گڻ سوين هزارين دفعا وڌي وڃن ٿا جڏهن اُن کي ويدن جي منرن اُچارڻ سان گڏ ڇيو ويجي ٿو ريڊيو تي هڪ اکر ڳالهائڻ ساب بجلي جي شڪتي دوران اُهو پوري برهمانڊ ۾ پهچي سگهي ٿو.

شاسترن ۽ ويدن موجب وارث جي مُک مان اگني پيدا ٿئي ٿي اُن مُک مان ئي برهمڻ جي اُتپتي ٿي آهي. اُن ڪري برهمڻ ۽ اگني کي سدائين ساڳيو درجو ڏنو ويو آهي. جيئن اُن کي کائڻ سان اُن مان اسٿول حصو نڪي ميلا ڪريندو آهي ۽ باقي سوکيم حصو رس، رت، ماس هڏن ۽ ويريا جو رُوپ ۾ بدلي ويندو آهي ۽ اندرين کي خوراڪ پهچائيندو آهي، ساڳي طرح پترن جي شراڌ ڪارائڻ وقت اُن ڪادي جو سوکيم حصو ججمان جي سک پيار ۽ شرڌا سان ڪارائي اُهو کادو برهمڻ جي سُٺن گڻن ۽ ڀڳوان جي ڪرپا ۽ ويدن جي ڪريا (منتر وغيره اُچارڻ) ذريعي ديو پترن کي اُهو کادو (جيڪو برهمڻ کي ڪارايو ٿو وڃي) پهچي ٿو. اِهو صاف ظاهر آهي تہ برهمڻ کي ڀوڄن ڪارائڻ وارو کادو سڄو برهمڻ جي پيٽ ۾ نٿو وڃي جيڪڏهن ائين هجي تہ ١٦ ڏينهن ڏاما ڪائي ڪائي برهمڻ ٿلهو متارو ۽ ٻلوان ٿي وڃي پر حقيقت ۾ ائين ڪونهي اُهو براهمڻ کي شراڌ ڪارايل دامي جو باقي حصو پترن کي ملي ٿو.

un (Surya) Ruby
oon (Chandra) Pearl
ars (Mangle) Coral
ercury (Budh) Emeraland
piter (Grou) Yellow Sappsare
enus (Shukra) Diamond
aturn (Sani) Blue Sapphire
ahu (Cinnamon) Gomed
ato (Cats Eye)



سوريہ ماڻڪ چوني يا لال رنگ ڳاڙهو
چندرما، موتي
منگل، پروال، منگو ۽ لعلڙي
ٻڌ، سائو پنو، مرڪت مٽي يا هريت مٽي
گرو، پيلو رنگ سون جهڙو پکراج سچو
شُڪر، هيرو داغي نہ هجي اَشُب رهي ٿو
شني، نيلم يا دسامني رنگ لاجواب
راهو، گومين معني لعلائڻ وارو
ڪيتو لهسين (بندمٽي) هن ۾ ٻليءَ جي اک جهڙي چمڪ رهي ٿي.

جنمپتري وقت تٿيون شُڀ يا اَشُڀ ڏسڻ

شڪل پکش: سهائي پُروا ڪان وٺي سهائي يا پنچم تائين آهي تٿيون اَشُڀ آهن. ڇا ڪاڻ جو اُنهن پنجن تٿين ۾ چندرما ڪيڻ (لبل) رهي ٿو. جنهنڪري اهڙو ڦل نہ ڏيندو آهي. سهائي ڇٽ ڪالوٺي سهائي ڏسئين تائين اهي پنج تٿيون مڌيم (وچوليون) آهن. ڇاڪاڻ تہ اُنهن ۵ تٿين ۾ چندرما ٿوڙو وقت رهندو آهي. سهائي ايڪادشي ڪان وٺي سهائي پورڻما تائين ۵ تٿين ۾ چندرما ٻلوان هوندو آهي.

بيماريءَ ۾ آپريشن يا علاج

نڪشتريوني: هست، چترا، اَشوني، پنروسو، شروڻ، ڌنشٽا، ست تارا، اُتراڦالگني، مول، سواتي ۽ انوراڌا هجن تٿيون انين نام ۽ اُماس نہ هجن ڏينهن منگل، ڇنڇر ۽ آرتوار نہ هجن چندرما نيچ راس جو نہ هجي تہ پ آپريشن ۾ تڪليف نہ ٿيندي.

آفيسر جي حڪم سان ملاقات ڪرڻ

نڪشتر اُتراڦالگني: اُتراپادرپاد، شروَڻ، ڌنشٽا، مرگشر پشيہ، انوراڌا، ريوتي، اَشوني، چترا ۽ هست هجن. ڏينهن منگل ۽ ڇنڇر نہ هجن تٿيون ٻيج ۽ پانجم هجن تہ اُهي موقعا شُڀ آهن.

وديا آرنڀ ڪرڻ جو مهورت

مرگشر، آردرا: پنروسو، پشيہ، آشيليشا، پورواڦالگني، هست، چترا، سواتي، انوراڌا، مول، پورواشاڍا، پوروااپادرپد ۽ ريوتي نڪشتر هجن وسپت ۽ سُڪر ڏينهن هجن، پروا چوٿ ڇٺ نام ۽ چوڏس ڪانسواءِ ٻي تٿ شروع هجر تہ وديا شروع ڪرڻ لاءِ سريشٽ (عمده) وقت آهي.

پنچڪ

انسان جي سدائين اِها خواهش رهي آهي تہ گرهہ گوچر جي باري ۾ جاڻي ۽ گيان رکي. هتي پنچڪ جي باري ۾ ڪجهہ ڏيان ٿو. پنچڪ لاءِ ماڻهن ۾ اِهو ئي خيال آهي تہ اُهي سدائين اَشُڀ ٿيندا آهن. پنچڪ پنج نڪشترن کي ئي مڃجي ٿو ۽ اُنهن کي گهٽ ئي شُڀ ڪارين ۾ مهورت جي رُوپ ۾ ليکيو وڃي ٿو. گهٽا اهڙا اَشُڀ ڪم آهن جن ۾ پنچڪ لاءِ شانتيءَ جو حساب رکيو ويو آهي.

پنچڪ ڪنڀ ۽ مين راشيءَ جي وچ ۾ جيڪي پنج نڪشتر اچن ٿا تنهن کي پنچڪ ڪري ليکيو ويندو آهي. جوتش جي حساب سان ٢٧ نڪشتر ٿين ٿا پر اسان کي هڪ ٻيو نڪشتر اڀجيت کي نہ وسارڻ کپي. نڪشتر اشوني کان شروع ٿي ريوتي تي ختم ٿين ٿا ۽ آخر جا جيڪي پنج نڪشتر آهن (١) ڌنشٽا جو ٻيون حصو (٢) شتڀشا (٣) پوروڀادرپدا (۴) اُترڀادرپدا (۵)ريوتي. بس ائين چئجي تہ چندرما ڪنڀ ۽ مين گوچر ۾ پنچڪ ٿيندا آهن. پنچڪ جي حالت ۾ کٽ، پلنگ، ڪُرسي، ٿنڀو ٺاهڻ، ڇت ٺهرائڻ، ڏکڻ ڏانهن مسافري ڪرڻ، ڪاٺيون ڪرڻ، دوائون جڙي ٻوٽيون وٺڻ، جي ڪير گذاري ويو هجي تہ اُن جو داهہ سنسڪار ڪرڻ جي ڪجي بہ ٿو تہ جيترا پنچڪ آهن اوترا ڏڀن جا پُتلا ٺاهي اُن جي پراڻيءَ سان گ. ساڙڻ کپن تہ پنچڪن جي شانتي ٿيندي. گرڙپراڻ، ناسڪيت ٿا اسانجي چئني ويدن ۾ ڪٿي بہ پرماڻ ڪونہ آهي تہ پنچڪن جي هوندي ٻارهون پنج ڏينهن اگيان وڌائي وڃجي مطلب تہ ٻارهين جي بجاءِ سترهين ڏينهن ڪرم ڪجي. اُن ڪري وقت نشٽ ٿئي ٿو ۽ اڄ ڪلهہ جي زماني ۾ وقت جي وڏي مهما آهي. ڪي ماڻهو خاص ڪري ٻاهرين (مُلڪن) مان مائٽن جو ڪريا ڪرم ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. وقت ڪي ڏسندي اُهي تنگ ٿين ٿا. جيئن تہ ويدڪ پرماڻ ڪونہ آهي اُن ڪي ڏسندي جو ٻارهي جو ڪرم ٻارهين ڏينهن ئي ڪرائڻ کپي.

هنهي؟ين شُڀ ڪرمن ۾ اسان پنچڪ نتا واريون ۽ پنچڪ نڪشتر ۾ اِهي شُڀ ڪاريہ مڃيا وڃن ٿا.

(١) سوٽڪن جو سنان اُترڀادرپدا، ريوتي نڪشتر ۾ شُڀ آهي.
(٢) ٻار کي پينگهي ۾ رکڻ اُن ۾ بہ مٿيا نڪشتر شُڀ آهي.
(٣) ٻار کي ڪادو ڪارائڻ لاءِ ٻين نڪشترن کان سواءِ ڌنشٽا، اُتر ڀادرپدا ريوتي شُڀ آهن.
(۴) ڪَن ٽوپائڻ ٻينن نڪسترن ڪانسواءِ ڌنشٽا، اُترڀادرپدا ريوتي شُڀ آهن.
(۵) شاديءَ لاءِ اُترڀادرپدا شُڀ آهي.
(٦) گهر ۾ نئين ڪنوار آڻڻ لاءِ ڌنشٽا، اُترڀادرپدا ريوتي شُڀ آهن.
(٧) گنڌرو وواهہ ڌنشٽا، شتڀشا نڪشتر شُڀ آهن.
(٨) نئون دُڪان شروع ڪرڻ لاءِ اُترڀادرپدا ريوتي نڪشتر شُڀ آهن.
(٩) ڪا بہ شي وٺڻ لاءِ شتڀشا ريوتي شُڀ آهن.
(١٠) بهي ڪاتا رکڻ لاءِ اُترڀادرپدا، ريوتي شُڀ آهن.
(١١) نوڪري شروع ڪرڻ لاءِ ريوتي شُڀ آهي.

پنچڪ جيڪي پنج نڪشتر اچن ٿا اُنهن کي شُڀ مهورت ۾ ليکيو وڃي ٿو جيئن نئين گهر ۾ اچڻ لاءِ بہ ڌنشٽا، شتڀشا، اُترڀادرپدا ۽ ريوتي اُنهن چئني نڪشترن کي شُڀ مڃيو ويو آهي. جوتش جي حساب سان جيڪڏهن ڪو بہ سٺو مهورت نہ ٿو ملي تہ اُنهن پنچڪ واري نڪشترن مان ئي سٺو مهورت ڪڍيو ويندو آهي.

پُٽ يا ڌيءُ جي وواھ (شادي) بنسبت

(۱) پُٽ جي شادي بعد ٦ مهينن اندر ڌيءُ جي شادي نہ ٿيڻ گهرجي. ڪنوار گهر ۾ اچڻ بعد گهٽ ۾ گهٽ ٦ مهينن ڪانپوءِ ڌيءُ جي شادي ڪرڻ گهرجي. نياڻي جي شادي هڪ ڏينهن ڪري ٻئي ڏينهن پُٽ پلي پرڻائڻ سگهبو آهي.

(۲) **سورج:** وواھ (شادي) ۾ سورج گرھ گهوٽ جي راس ڪان ۳، ٦، ۱۰، ۱۱ هجي تہ شُڀ ۽ ۱، ۲، ۵، ۷ هجي پوڄا ڏاري ۽ ۴، ۸، ۱۲ هجي تہ خراب.

سمجهاڻي: شُڌ سورج ۾ وواھ (شادي) ڪرڻ گهرجي. **پوڄا ڏاري** سورج ۾ سنڪرات جي ۱۳ تاريخ گذاري شادي ڪجي تہ شُڀ رهندو ۽ **خراب** سورج ۾ شادي هر گرگز ڪرڻ نہ گهرجي.

(۳) **وسپت:** شادي مهل ڪنوار جو نالو بدلايو ويندو آهي جنهن لاءِ وسپت ڏسڻ ضروري آهي. **وسپت** ڪنوار ڪي ۲، ۵، ۷، ۹ ۽ ۱۱ هجي تہ **شُڌ**، ۱، ۳، ٦ هجي تہ **پوڄا ڏاري** باقي ۴، ۸، ۱۲ **خراب**.

(۴) **چندرما:** گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي وواھ (شادي) وقت چندرما جو بل ڏسڻ ضروري آهي. جنهن لاءِ چندرما ٻنهي جي راسين ڪان ۴، ۸ هجي جو خراب آهي، باقي شُڀ سمجهڻ گهرجي ۽ **گهاتي چندرما** جو دوش وواھ (شادي) ۾ ڪين نہ آهي.

منگلي گهوٽ ۽ منگلي ڪنوار

گهوٽ جي چٽي يا جنپتري ۾ لگن ۽ راس ڪان ۱، ۴، ۷، ۸ ۽ ۱۲ منگل يا ڇنڇر گرھ هجي تہ استري (مائي) لاءِ نقصان ڪار ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنيا جي جنم لگن يا راس سان ساڳين جاين تي منگل يا ڇنڇر هجي تہ گهوٽ لاءِ خراب ٿيندو آهي چندرما ڪان ۱، ۴، ۷، ۸، ۽ ۱۲ گهر ۾ **راهو منگل ۽ ڇنڇر** جيڪڏهن گهوٽ جي ڪنڊلي مان بہ ڏسي سگهبو آهي پر جي هڪ ٻئي سان ٺهي اچن تہ شادي جو ميلاپ سُکدائي ٿيندو. منگلي ڪنيا ۽ منگلي گهوٽ جو مڱڻو انهيءَ حالت ۾ ڪجي جيڪڏهن ٻنهي ڪي اُنهن گهرن ۾ **منگل** يا اُن جي بدلي **ڇنڇر** گرھ هجي.

روزاني شُڀ ۽ اَشُڀ چندرما جو ڦل

پنهنجي نالي سان چندرما ڳڻڻ شروع ڪجي تہ اڍائي ڏينهن لاءِ هيٺيون ڦل ڄاڻجي. **پهرين چندرما** تہ تندرستي سُٺي. **ٻي چندرما** تہ سُک ۽ لاڀ. **ٽي چندرما** تہ ڌن ۽ لاڀ. **چوٿين چندرما** تہ روڳ، جهيڙو ۽ بيماري. **پنجين چندرما** تہ ٻڌي سُٺي رهندي. **ڇهين چندرما** تہ سُک ۽ شاهوڪاري. **ستين چندرما** تہ راڄ دربار ڪورٽڻ ۽ ڪيسن وغيره ۾ عزت جو وڌارو. **اٺين چندرما** تہ مرتيو جهڳڙو ڪشٽ يا ڏک. **نائين چندرما** تہ وديا جو ناس ۽ گيان جو واڌارو. **ڏهين چندرما** تہ من جون مرادون پڪي پڪ پوريون ٿين. **يارهين چندرما** تہ ڌن جي پراپتي. **ٻارهين چندرما** تہ گهڻو خرچ.

نوٽ: ۴، ۸، ۱۲ گهر ۾ **چندرما** جيتوڻيڪ خراب آهي، پر **گهاتي چندرما** مردن ۽ **زالن** لاءِ ڪهڙا آهن سي راسين وارن خانن ۾ ڏسي سگهو ٿا.

Scanned with CamScanner

سپنن ڏسڻ جو سٺو ۽ خراب ڦل

نوٽ: جو سپنو بيماريءَ يا پريشانيءَ جي حالت ۾ اچي ٿو تنهن تي ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي وري جو سپنو ڏينهن جو ڏسجي ٿو تنهن ۾ بہ وشواس گهٽ رکڻ گهرجي. رات جي پهرين پهر ۾ سپنو اچي تنهنجو ڦل سال جي اندر معلوم ٿي ويندو آهي. رات جي ٻئين پهر ۾ آيل سپني جو ڦل ٦ مهينن جي اندر ۽ ٽئين پهر ۾ آيل سپني جو ڦل ٣ مهينن اندر ۽ چوٿين پهر ۾ آيل سپني جو هڪ مهيني اندر خراب يا سٺو ڦل هيٺ ڄاڻايل طرح ملي سگهي ٿو. پر جو سپنو صبح جو

سپنو	ڦل	سپنو	ڦل	سپنو	ڦل
پاڻ کي مارڻ	وڏي عمر	تخت ڏسڻ	تخت ملڻ	مندر ۾ وڃڻ	بيماري
اناج کڻڻ	ڌن لاڀ	تخت تي ويهڻ	سڦلتا يا عزت	مردي جو روئڻ	شان ۽ مان
اناج وڪڻڻ	نقصان	تلاءُ ۾ ويهڻ	عزت پائڻ	روٽي کائڻ	خوشخبري
ٻاهه کڻڻ	ڏک	اَڇي نانگ جو ڏنگ	لاڀ	رڇ ڏسڻ	خوشي ۽ ترقي
اونداهه ڏسڻ	مسافري يا چنتا	درياءُ ۾ سنان	روڳ ناس	وَڻ ڪپڻ	نقصان
ٻاهه ڏسڻ	ڌن پراپتي	کير پيئڻ	خوشي	برسات ڏسڻ	چنتا
محلات ڏسڻ	لاڀ يا ترقي	جبل چڙهڻ	ترقي	وَڻ تي چڙهڻ	ڪاميابي
اُٺ ڏسڻ	لاڀ	پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ	ڪشٽ ڏسڻ	پاڻ تي تيل لاهڻ	شاطرڪاري
مٿاهين تان ڪرڻ	عزت جو نقصان	مرلي وڄائڻ	عزت ۽ ترقي	دُشمن ڏسڻ	سڦلتا
ٻلو ڏسڻ	ترقي	باندر ڏسڻ	ڌن لاڀ	وڏن کان عزت	ڌن لاڀ
ڪُتي کان چڪ	دُشمن جو ڊپ	برف ڳرڻ	چنتا ۽ روڳ	پڳ ڪرڻ	بي عزتي
کوهه ۾ ڪرڻ	حيراني	باغ ڏسڻ	قرض لهڻ	سون حاصل	پريشاني ۽ ڊپ
ٻيڙي ڏسڻ	پريشاني	ڇج ڏسڻ	روڳ ۽ بيماري	نانگ ڏنگڻ	ڌن پراپتي
خون ڪرڻ	تندرستي حاصل	وڇو ڏسڻ	ڏک ۽ چنتا	زالن جو وڙهڻ	ڏک ۽ ڪشٽ
تصوير ڏسڻ	راڄيہ لاڀ	بادل ڏسڻ	لاڀ	نانگ پڪڙڻ	دُشمن ناس
رڙيون ڪرڻ	مصيبت	جواهرات چوري	مسافري	نانگ مارڻ	ڏک کان بچڻ
جهاز ڏسڻ	اِستري ڪشٽ	شراب پيئڻ	ڏک ۽ ڪشٽ	شينهن ڏسڻ	دُشمن ناس
جهاز تي چڙهڻ	بدلي ٿيڻ	موت ڏسڻ	نقصان	هاٿي سواري	لاڀ ۽ ترقي
جواهرات ڏسڻ	سڦلتا	ڪرنڊڙ جاءِ ڏسڻ	ترقي		
جوتا ڪرڻ	ڌن جي تنگي	منڊي پائڻ	پريشاني		

نوگرهن جا قيمتي رتن ۽ پائڻ جي ريت

قدرت منش کي انيڪ پُرڪارن جون اُملهه (قيمتي) وستو ڏنيون آهن جن ۾ قيمتي رتن پنهنجي اهميت رکن ٿا ۽ هنن رتنن ۾ ديوڪ شڪتي ۽ روڳ وناش ڪرڻ جي شڪتي آهي. هر ڪنهن ديش ۾ هيءَ رتن ملي سگهن ٿا. ڀارت جي شاسترن ۽ ويدن ۾ پڻ هنن جو ذڪر اچي ٿو. پرٿوي جي گربھ (کاڻن، سمنڊ ۽ ونسپتين) مان مِلي سهٽا، چمڪندڙ، اثردار رتن بي بها پُشپ آهن. هنن اَمُلهه رتنن کي زيورن ۾ گهڙائي فقط شونق خاطر پائڻ نه گهرجي پر رڳو وناش پيڙا، بيماري، تڪليف، خراب دشا ۽ خراب گرهن جي اثر کي وناش ڪرڻ لاءِ به پائڻ گهرجي. هنن رتنن جوپ لاڳاپو الگ الگ گرهن ۽ ديوتائن سان آهي. انهن ديوتائن جو جپ ۽ اُپاسنا ڪري اِهو رتن پائڻ گهرجي بنا جپ آراڌنا جي رتن پائڻ جو ڪوبه ڦل نٿو ملي پاڻ اُبتو اثر ٿئي ٿو. جهڙي طرح هَوَن هميشه اگني ۾ ڪبو آهي ۽ نه ڪنهن رک ۾ جنهن به آگره جو رتن منڊي ۾ پايو اُن رتن جو ڇهاءُ چمڙي تي ٿيڻ گهرجي. (RING TOUCHING) ڪنهن ڄاڻو جوتشي کان پُڇي پوءِ رتن پايو.



SUN RUBY

(١) سوريه ماڻڪ

سوريه جو رتن ماڻڪ آهي ۽ اپ رتن چوني، لعلڙي ۽ يعفوت آهن. هيءُ رتن ڳاڙهي رنگ جو ٿئي ٿو وزن ٢ ڪئرٽ کان ٥ ڪئرٽ تائين جپ جو انداز ٢٨٠٠٠ هزار ڏاتو. سون ۽ ٽامو مکس جي سوني منڊي پائڻ جي سمرٿي نه هجي ته ٽامي جي منڊي ۾ پايو ڇاڪاڻ ٽامو سوريه ديوتا جو پرتيڪ آهي. منڊي ساڄي هٿ جي ٻانچ يا ڏسٽي آگر ۾ جپ ڪرائي پوءِ پائجي. سائي آرتوار تي سج اُڀرڻ کانپوءِ ڪچي کير يا گنگا جل ۾ ستٽ ٽپيون منڊي کي ڏياري ڏوپ واس ڪري پوءِ پائجي (نوٽ: ٤ سال گذرڻ کانپوءِ وري جپ ڪرائي پائجي.)

پئدائش: هيءُ رتن کاڻن مان ملي ٿو. برما، سريلنڪا، افغانستان، آفريقا ۽ آسٽريليا.

پرک: (١) کير جي چوٽين گلاس (شيشي جي) ۾ وجهڻ سان کير ڳاڙهو ڏسڻ ۾ اچي يا ڳارهيون ڪرڻيون ڏسڻ ۾ اچن ته اُهو اُتم آهي. (٢) اوندهه ۾ رکڻ سان سوريه سمان پرڪاش ٿئي. (٣) سوريه اُڀرڻ وقت آرسي تي ماڻڪ رکجي اُن جي ڇيا ۾ ڳاڙهيون ڪرڻون ڏسڻ اچن (٤) پٿر تي ماڻڪ گسائڻ سان ماڻڪ جو وزن نه گهٽجي پاڻ وڌيڪ چمڪ اچي. (٥) ڪمل گل جي پڪڙين تي ماڻڪ رکجي ۽ ماڻڪ چمڪڻ لڳي. (٦) ماڻهڪ هٿ جي ترِيءَ تي رکجي ۽ ڪجهه گرم محسوس ٿئي.

ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (١) جيڪڏهن جنم ڪنڊليءَ ۾ سوريه لگن (١ گهر) ۾ آهي ته لگن جي اثر کي وڌائڻ لاءِ (٢) جنم ڪنڊليءَ ۾ جيڪڏهن سوريه ٣، ٥، ٦، ٧، ٩ ۽ ١١ ڀاؤ ۾ هجي (٣) سنگهه راس وارن کي (٤) سوريه جي مها دشا ۾.

(٢) چندرما: موتي — MOON- PEARL



هيءُ رتن اڇي رنه جو ٿئي ٿو. وزن ۴ يا ٦ ڪئرٽ چانديءَ جي منڊيءَ ۾ گهڙائجي جپ جو انداز ۴۴،۰۰۰ هزار هيءُ منڊي ڏائي (ڪاپي) هٿ جي چيچ يا ڏسٽي آڱر ۾ جپ ڪرائي سهائي سومر تي چندرما جو درشن ڪري، ڌوپ واس ڪري پوءِ پائجي. (نوٽ) موتيءَ تي جپ جو اثر ٢ سال هڪ مهينو ۽ ٢٧ ڏينهن تائين ٿئي ٿو. وري منڊيءَ تي ٻيهر جپ ڪرائي پوءِ پائجي).

پيدائش: هيءُ رتن سمنڊ مان سپين جو پيٽ چيري حاصل ڪيو وڃي ٿو. فارس (ايران جي ڪاڙي) منارڪي ڪاڙي (سريلنڪا) آسٽريليا، ونيزولا، جاپان لعل ساگر، پاناما ۽ پئسفيڪ مهاساگر سڀ کان بهتر موتي ايران جا آهن جي ممبئي لنڊن ۽ پئرس ۾ موڪليا وڃن ٿا.

پرک: (١) صاف شيشي جي گلاس ۾ پاڻي پجهي اصلي موتي وڌو وڃي ته موتيءَ جون ڪرڻون پاڻيءَ ۾ ڏسڻ ايندين. (٢) چميل گيهه ۾ اصلي موتي وجهڻ سان گيهه رجي ويندو. (٣) ٺڪر جي ڪٽوري ۾ ڳئو موتر وجهي سڄي رات اُن ۾ رکيو وڃي ته اصلي موتي ٽٽندو ڪونه پر نقلي موتي ٽٽي پوندو (۴) اصليموتي ۾ ٽنگ ڪبو ته هڪ سمان ٿيندو. (۵) هئڊرو ڪلورڪ ائسڊ ۾ سچو موتي وجهبو ته جهاڳ پئدا ٿيندي پر نقلي موتيءَ تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو.

موتي ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (١) جنم ڪنڊليءَ ۾ سوريه ۽ چندرما هڪ ڀاڱ ۾ هجن (٢) چندرما سوريه جي راس کان هڪ گهر اڳيان يا پٺيان هجي. (٣) چندرما تي راهو ڪيتو يا منگل درشٽي هجي (۴) ٻئي ڀاڱ جو سوامي چندرما هجي. (۵) جيڪڏهن چندرما ٦، ٨، يا ١٢ ڀاڱ ۾ هجي. (٦) جيڪڏهن ۵ ڀاڱ جو مالڪ چندرما ١٢ ڀاڱ ۾ هجي. (٧) چندرما نيچ جو ٨ ڀاڱ ۾ راهوءَ سان گڏ هجي. (٨) جيڪڏهن چندرما ڪيندر اسٿالن ۾ ١، ۴، ٧، ١٠ هجي ته ڪيندر کي ٻلوان بڻائڻ لاءِ موتي پائڻ گهرجي.

(٣) منگل: مونگو، پروال — MARS-CORAL



هيءُ رتن اڪثر ڳاڙهي يا سندوري رنگ جو ٿيندو آهي جنهنکي ڪٽنگ ڪري ٽڪنڊو (TRAINGLE) بڻائيندا آهن. وزن ٦، ٨ يا ١١ ڪئرٽ جپ جو انداز ۴۰،۰۰۰ (چاليهه هزار) ڪاپي هٿ جي وچين آڱر ۾ سوني منڊيءَ ۾ گهڙائي جپ ڪرائي پوءِ پائجي منڊي سهائي منگل تي يا ميک، ورشچڪ راس ۾ چندرما هجي يا مرگشر، چترا، انوراڌا يا ڌنشٽا نکشتر هجي اُن ڏينهن صبح ١١ وڳي کانپوءِ ڌوپ واس ڪري پائجي.

پيدائش: هيءُ رتن هڪ ڪئين مان ملي ٿو جنهنکي (NOB .... LS) ڪري چوندا آهن. هيءُ ڪئويئون پنهنجو گهر سمنڊ جي پاتال ۾ ڇهه، ست سئو فٽ هيٺ ڇٽانن تي ٻوٽن سان گهر ٺاهيندو آهي جنهنکي مونگي جا ٻوٽا

کري چوندا آهن. اُهي پوتا مشين ذريعي ڪٽنگ ڪري ڪڍندا آهن. هنن جي پيدائش الجيريا، افريڪا، ٽيونيشا، اٽلي، آسٽريليا، سسلي، ڪورسيڪا ۽ اسپين جي مُلڪن ۾ ٿيندي آهي مؤنگن جا پوتا ۵ فوٽ ڊگها ۽ هڪ انچ ٿلها ٿين ٿا.

پرک: (۱) شيشي جي گلاس ۾ کير وجهي مونگو وڌو وڃي ته کير ۾ ڳاڙهي رنگ جي ڇِتا ڏسڻ ايندي. (۲) رت ۾ مونگو وجهبو ته مونگي جي چؤڌاري هاهوتو رت جميل نظر ايندو. (۳) سچو مؤنگو جيڪڏهن تکيءَ اُس ۾ کپهه جي مٿا رکيو وڃي ته ڪلاڪ پن ڪانپوءِ کپهه ۾ باهه لڳندي (۴) نقلي مؤنگي کي گهسائڻ سان شيشي وانگر آواز پر سچي مؤنگي کي گسائڻ سان آواز ڪونه ايندو.

مؤنگو ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (۱) جيڪڏهن منگل، اَست وڪري يا شتروگهن سان گڏ ويٺو آهي (۲) جيڪڏهن جنم ڪنڊليءَ ۾ منگل ۱، ۴، ۵، ۷، ۹، ۱۰ يا ۱۱ ڀاؤ ۾ ويٺل آهي يا هنن گهرن تي منگل جي درشٽي هجي. (۳) منگل ۴، ۶، ۸ يا ۱۲ ڀاؤ ۾ آهي. (۴) منگل لگن جو سوامي ٿي ڪري ۶ ڀاؤ ۾ يا ۲ ڀاؤ جو سوامي ٿي ڪري ۷ يا ۹ ڀاؤ ۾ ويٺو هجي. (۵) منگل ۳ گهر جو سوامي ٿي ڪري ۱۱ ڀاؤ ۾ ويٺو هجي. (۶) منگل ۵ گهر جو سوامي ٿي ڪري ۱۰ يا ۱۱ ڀاؤ ۾ ويٺو هجي. (۷) منگل ۷ گهر جو مالڪ ٿي ڪري ۱۲ ڀاؤ ۾ ويٺو هجي يا ۱۱ گهر جو سوامي ۴ يا ۶ ڀاؤ ۾ ويٺو هجي (۸) ميک ۽ ورشچڪ راس وارن کي (۹) منگل جي مها دشا ۾.

MERCURY-EMERALD



(۴) پڌ پنو:

هيءُ رتن ٿڌي رنگ جو ٿئي ٿو. وزن ۳ ڪئرٽ کان وڌيڪ جپ جو انداز ۳۶۰۰۰۰ (ٽي لک سٺ هزار). هيءُ رتن چاندي يا سون جي منڊي ۾ سهائي پڌر تي سج اُڀرڻ کانپوءِ ۳ ڪلاڪ چڙهي پوءِ پائجي. هن رتن جي جپ جو اثر ۲ سال ٿئي ٿو. وري جپ ڪرائي پائجي. منڊي ساڄي هٿ جي ڀاچ يا چيچ ۾ پائجي.

پيدائش: هيءُ رتن کاڻ مان ملي ٿو. اجمير، اديپور، پاڪستان، رُوس، ڪولمبيا، آفريڪا، برازيل، روڊيشيا ۽ مصر ۾ ملي ٿو.

پرک: شيشي جي صاف گلاس ۾ پاڻي وجهي پنو رکبو ته سائي رنگ جون ڪرڻون ڏسڻ ۾ اينديون. (۲) اڇي ڪپڙي جي مٿان پنو جهليندا ته ڪپڙي جواِهو ڀاڱو سائو ڏسڻ ۾ ايندو. (۳) اصلي پني کي ڏسڻ سان اکين ۾ ٿڌاڻ محسوس ٿئي ٿي. (۴) اصلي پني مٿان مٿان پاڻي جون بوندون وجهبيون ته اُهي بونديون تڪليل رهنديون، پني تان ڪرنديون ڪونه. (۵) آءِ گلاس (Eye Glass) سان ڏسڻ سان پني جو رنگ گلابي ڏسڻ ۾ ايندو.

پنو ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (۱) جنهن جو پڌ گرهه ڪنڊليءَ ۾ ڪمرو هجي. (۲) جنهن جو لگن مٿن يا ڪنيا راس جو هجي ۽ پڌ گرهه مين راس ۾ هجي (۳) ۲، ۳، ۴، ۵، ۷، ۹، ۱۰ يا ۱۱ ڀاءِ جو سوامي ٿي ڪري پڌ ۶ ڀاؤ ۾

Scanned with CamScanner

وينو هجي. (۴) ٻڌ جي مها دشا ۾ (۵) ٻڌ ٢ ڀاؤ جو سوامي ٿي ڪري ٩ ڀاؤ ۾ وينو هجي. (٦) ٻُڌ ٣ ڀاؤ جو سوامي ڪري ١٠ ڀاؤ ۾ هجي. (٧٩ ٻڌ ۴ ڀاؤ جو سوامي ٿي ڪري ١١ ڀاؤ ۾. (٨) ٻڌ ڀاؤ جوسومي ٿي ڪري ٦ ڀاؤ ۾ وينو هجي. (٩) مٿن ۾ ڪنيا راس وارن کي.

(۵) گُرو(وسپت): پکراج JUPITER-TOPAZ



هيءُ رتن اڪثر پيلي ۽ اڇي رنگ جو ٿيندو آهي. پيلي رنگ جو وڌيڪ اُتم آهي. وزن گهٽ ۾ گهٽ ۴ ڪئرٽ يا اُن ڪان مٿي هجي. جپ جو انداز ٧٦٠٠٠ هزار سهائي وسپت تي سج اُڀرڻ کان وٺي ١١ وڳي جي اندر پائڻ گهرجي، منڊي سون ۾ گهڙائي ساڄي هٿ جو ڏسئي آڱر ۾ پائڻ گهرجي. منڊي تي جپ جو اثر ۴ سال ٢ مهينا ۽ ١٠ ڏينهن هلي ٿو. وري جپ ڪرائي پائجي.

پيدائش: هيءُ رتن ڪاٺن مان ملي ٿو. برهمپترا، اوڙيسا، ٻنگال، هماليہ، برازيل، برما، سيلان، رُوس، جاپان، اسڪاٽليند، آئرليند، ميڪسيڪو، ڪولريڊو، برازيل جو پکراج اُتم ۾ اُتم آهي.

پرک: (١) چيٽي ۾ گهاٽڻ سان اصلي پکراج ۾ وڌيڪ چمڪ ايندي. (٢) اڇي ڪپڙي تي پکراج رکي سوريہ جي روشنيءَ ۾ رکجي تہ ڪپڙي تي پيٽيون ڪرڻو ڏسڻ ۾ اينديون. (۴) باهہ ۾ تپائڻ سان پکراج جو رنگ اڇو ٿي ويندو. (۵) اصلي پکراج کي ٢۴، ٢٦ ڪلاڪ کير ۾ رکجي تہ اُن جي چمڪ ۾ ڏيرو ڪونہ ايندو.

پکراج ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (١) جنم ڪنڊليءَ ۾ گرو ۵، ٦، ٨ ۽ ١٢ ڀاؤ ۾ هجي. (٢) گرو مڪر راس ۾ هجي. (٣) ڌن ۽ مين لگنِ وارن کي. (۴) ڌن ۽ مين راس وارن کي. (۵) جيڪڏهن ڪنوار ڪنيا جو وواهہ ۾ دير پئجي وئي آهي تہ من وانڇتر ڪاريہ سڌي لاءِ پکراج پائڻ گهرجي. (٦) اچانڪ مرتيو ۽ حادثي کي ٽارڻ لاءِ. (٧) جيڪڏهن جنم جو ڏينهن وسپت هجي ۽ اُن ڏينهن جنم نڪشتر پشيہ، پنروسو وشاکا يا پورواياڊپدا هجي. (٨) جيڪڏهن گرو اُتم ڀاؤ جو سوامي ٿي ڪري ٦ يا ٧ ڀاؤ ۾ هجي (٩) گرو جي مها دشا ۾.

(٦) شُڪر: هيرو JUPITER-TOPAZ

هيءُ رتن اڇي رنگ جو ٿئي ٿو. استرين ۽ پُرشن جي هيءُ دل پسند رتن آهي ۽ جتي ڪٿي سولائي سان ملي سگهي ٿو. هيري جي پئدائش سڄي دنيا ۾ وڌيڪ آهي. وزن هڪ رتي يا ڏيڍ رتي (Carat_
(6_Ral جيرو وزن ۾ وڌيڪ هوندو اوترو وڌيڪ پرڀاؤ شالي ٿيندو. جو اندز ٦۴٠٠٠ چئوهٺ



هزار سوني منڊي ۾ گهڙائي ساڄي هٿ جي ڀاڄ ۾ سج اُڀرڻ کان ١١ وڳي جي اندر سهائي شڪروارتي پائجي جپ جو اثر ٧ سال تائين رهي ٿو. وري جپ ڪرائي پائجي.

پئدائش: گول ڪنڊا (اُترپرديش) ٻنيڪ ڪنڊ، (پنا نگر، مڌيہ پرديش) تامل نادو، اوڙيسا،

گجرات، پرازيل، ڏکڻ آفريڪا، بيلجيم، روڊيشيا، ڪانگو، بورنيا، امريڪا، آسٽريليا ۽ نيو ساوٿ ويلس، هيءَ رتن ڌرتيءَ جي گرڀ مان ڪاڻين مان ملي ٿو.



(٧) شني: نيلم SATURM-BLUE-SAPPHIRE

ٿدو هلو رنگ جو نيلم اُتم ٿيندو آهي. وزن: هڪ ڪئرٽ يا اُن کان مٿي، جپ جو اندزا ٩٢٠٠ آهي هيءَ رتن لوهه ۽ شيشي جي منڊي گهڙائي ساڃي هٿ جي وچين آڱر ۾ پائجي اِها پنج ڌاتون سون، چاندي، لوهه، ٽامو ۽ شيشو سهائي ڇنڇر تي منڊي سج لهڻ کان ٢ ڪلاڪ اڳ ۾ پائجي. جپ جو اثر ٥ سالن تائين هلي ٿو. وري جپ ڪرائي پائجي.

پيدائش: نيلم اوچن پهاڙن جي وڏن پٿرن کي ٽوڙي ڪري چمڪندڙ نيلي رنگ جا پٿر ڪڍندا آهن. ڪسمير جي اوچن پهاڙن جا نيلم مشهور آهن. ڀارت ۾ ڪسمير، ڏکڻ ڀارت، وديش ۾ آسٽريليا ۽ روڊيشيا، سوئزرلينڊ.

پرک: (١) ٩١ منڊيءَ ۾ گهڙائڻ کان اڳ ۾ جوهري کان نيلم مڪياريءَ (امانت طور) . ٢ ڏينهن پنهنجي ڏوتل ورسال ۾ ٻڌي رات جو ويهاڻي هيٺان رکجي يا ساڃي ٻانهن جي ڏوري ۾ ٻڌي ٣ ڏينهن ۾ ڪو به خواب نه اچي يا سٺو خواب اچي ته نيلم اصلي آهي. پر جيڪڏهن ٣ ڏينهن خراب خواب اچي ته اڳيون نيلم مٽائي وري ٻيو ونجي ايهو به ٣ ڏينهن آزمائجي. (٢) سچو نيلم شيشي جي گلاس ۾ صاف پاڻي وجهبو ته نيلم مان پاڻيءَ ۾ نيري رنگ جو ڪرنو ڏسن ۾ ايندو. (٣) پورڻماسي ڏينهن رات جو کير جي ڪٽوري مٿان نيلم جهلي ٻيهبو ته سچو کير نيرو ڏسڻ ۾ ايندو.

ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (١) مڪر، ڪنڀ لگن وارن ۽ مڪر ٧ ڪنڀ راس وارن کي (٢) شني جي ساڍي ست ورهي جي پنوتيءَ ۾ (٣) ڇنڇر جي مها دشا انتر دشا ۾.



(٨) راهو: گوميد SATURN-BLUE-SAPPHIRE

هيءَ رتن اڪثر چاڪليٽ رنگ سمان، گئو موتر رنگ جو ۽ پرندڙ ڪوئلي جي رنگ سمان ٿئي ٿو. وزن ۴ ڪئرٽ ۽ مٿي جپ جو انداز ٧٢٠٠٠ ٻاهتر هزار پنج ڌاتون. (سون، چاندي، ٽامو، لوهه، شيشو) جي منڊي گهڙائي ڏائي هٿ (کاٻي) جي وچين آڱر ۾ پائجي جنهن ڏينهن منجهند جو ١ کان ساڍا ٣ وڳي جي اندر پائجي. جپ جو اثر ٣ سال هلي ٿو.

پيدائش: هماليه پربت، شملا، ڪشمير، ڪُلو سنڌوندي، بهار ۾ هزاري باغ، ڪوئمٽور، وشاکاپٽنر، برما، سريلنڪا، سوئزرلينڊ ۽ انڊونيشيا.

پرک: (١) گئو ميد رتن ۾ ڪو به ڇير، ڪراس، اڇو يا ڳاڙهو داغ نه هجي. (٢) ڪاٽيءَ تي گسائڻ سان اصلي

گوميد ۾ وڏيڪ چمڪ ايندي.(٣) کير جي ڪٽوري ۾ گوميد رکڻ سان ڪن ڪلاڪن ڪانپوءِ کير جو رنگ ڳئو سمان ٿي ويندو.

ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (١) جنهنکي راهو نيچ آسٿان ۾ آهي. (٢) راهو جي مها دشا ۾.

(٨) ڪيتو: وئڊوريه لهسنيا DRAGON'S TAIL CRYSTAL



هيءُ رتن ٻليءَ جي اک جي تاري وانگر ٿئي ٿو. وزن ٥ ڪئرٽ يا اُن کان مٿي جپ جو انداز ٦٨٠٠٠ هزار پنج ڌاتن جي منڊي گهڙائي ڇنڇر ڏينهن رات جو سج لهڻ کانپوءِ ٨ وڳي جي اندر پائجي. ڙائي هٿ جي وچين آڱر ۾ پائجي. جپ جو اثر ٣ سال هلي ٿو.

پيدائش: سيلان، برازيل، اُتر امريڪا ۽ ڀارت ۾ ونڌيه چل پربت ۽ ستپرا (ترويندرم) پهاڙن کان ڪرندا گهاٽين جي پاڻيءَ جي نالن ۾ ملن ٿا.

پرک:(١) سچو وئڊوريه هڏي جي مٿان ٢٤ ڪلاڪ رکبو ته هڏي ۾ آر پار سوراخ ٿي پوندو (٢) اونده ۾ رکڻ سان ٻليءَ جي اک جي تاري وانگر چمڪندو.

ڪنهنکي پائڻ گهرجي؟ (١) جنم ڪنڊليءَ ۾ ڪيتو ٢، ٣، ٥، ٩ يا ١٠ ڀاؤ ۾ هجي. (٢) ڪيتو منگل، گرو يا شڪر سان گڏ وينو هجي. (٣) ڪيتو ٥ يا ٩ ڀاؤ سوامي سان گڏ وينو هجي.(٤) ڪيتو جي مُها دشا ۽ انتر دشا ۾. (٥) ڀوت، پريت ۽ مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ.

(نوٽ: مٿي گرهن جي جپ جو انداز ڪلجگ جي ڪري چئوڻو ڪيو ويو آهي.)

ڪي دنيا جا مشهور هيرا

(١١) ڪنڀ:(AQUARIUS) (گو، گي، گو سا، سي، سُو سي، سو، دا) توهان جي راس جو مالڪ شني آهي وسپت ٥ واپار



۾ اُنتي (ترقي) ٿئي، آمدنيءَ جا نوان رستا کلندا، سنتان جو سُک ملي ڇنڇر٢ زمين ۽ جائيداد جي سودي ۾ لاڀ ٿئي، سندن ۽ هڏين جي تڪليف ٿئي، راهو١ دشمن دواران خوف رهي نوان ڪم ڪرڻ ۾ رنڊڪون پون، ڪيتو٧ گڏيل ڪٽنب کان الگ ڪرائي ٻه بي آرامي ۽ آلس محسوس ٿئي،

ڪپڙو ۽ مڪان خريدي ڪرڻ جو يوگ پڻ آهي. ڪروڌ ۽ فضول خرچ تي ڪنٽرول ڪندا ڪنوارن جي شاديءَ جي ڳالهه ۾ ڪي وگهن پيدا ٿين. ڪي وروڌي جلدي پيدا ٿيندا جيڪي توهان ڪي هاڃي رسائڻ جي ڪوشش ڪندا. ڪا قيمتي ناس يا گم ٿيندي. ڀين جي ڪم ۾ تنگ نہ اڙائيندا پنهنجو ڪم پريم ۽ مٺي زبان سان ڪندا. ڪوشش ڪري ڀين مدد نہ وٺندا پنهنجو ڀوڳو ڀاڻ ڀاريندا ۽ وير وروڌ نہ رکندا. زندگيءَ جي هڪ سچائي آهي ڪنهنڪي دوکو ڏيڻ سٺو نہ ڏکن پنيان سُک ۽ سُکن پنيان ڏک لڪيل آهن مڙس تي منهن ڏيندا شُڀ ڪارجن. ڌارمڪ وستون ۾ ڀاڱ وٺڻ جو موقعو استرين ڪي مائٽن مان ڪپڙا ۽ زيور ملڻ جو امڪان آهي. پرديسي مائٽ مان لاڀ ٿيندو. ڀائرن سان بنا ڪارڻ واد ٿي سياٽپ سان ڀاڻ ۾ نبيرو ڪندا. پريمي پيار ۾ اسڦل ٿيندا. بيروزگارن ڪي واقفيت سان نوڪري ملندي. استرين سنتوشي ماتا جو ورت ۽ ڀاٺ پوڄن ڪرڻ گهرجي ۽ پرشن ڪي هيرو هڪ يا ڏيڍ رتي سون ۾ گهڙائي ساڄي هٿ جي آگر ۾ برهمڻ ڪان جپ ڪرائي سائي شڪروار ڏينهن صبح جو ٧:٣٠ وڳي ڪان ١٠:٣٠ وڳي اندر پائڻ گهرجي تہ سٺائي **توهان جو شُڀ ڏينهن:** آرتوار، منگل، شڪر ۽ ڇنڇر آهي. **توهان جو شُڀ رنگ:** ڪارو، بلو ۽ اڇو آهي. **واپارين لاءِ:** ڪريانہ وستو، ڪپڙو، عطر ۽ خوشبودار تيلجي واپار ۾ لاڀ ٿئي **نوڪري وارن لاءِ:** بدلي ٿين جي سنڀاونا آهي آفيسرن توهان ڪم مان راضي ڪونہ رهندا. **وديارٿين لاءِ:** هن سال ڪٿا منا آزموده ڏسٽا پوندام بري سنگت ڪان پاسو ڪندا. پڙهائي پنهنجو من لڳائي پڙهندا تہ امتحان ۾ پاس ٿيندا.

ميڻ: (PISCES) (دي، دُ، ٿ، جهہ، ڄ، دي، دو، چا، چي) توهان جي راس جو مالڪ گرو آهي. وسپت ۴ ماتا پتا



جي طبيعت نرم رهي خرچ جو بوجو وڌي. ڇنڇر ١ سنتان جي پرپتي ٿئي. ڪورٽ ڪيسن ۾ اينگهہ پوي ۽ خرچ وڌيڪ ٿئي. شرير ۾ ڪشٽ رهي اچانڪ ڌن جو لاڀ ٿئي. راهو ١٢ آمدنيءَ ڪان خرچ وڌيڪ ٿئي. ڪيتو ٦ ڪنن ۽ اکين جي بيماري ٿيڻ جو امڪان آهي. مئي مهيني ۾ آمد رفت جي ساڌن ڪان سنڀال ڪندا چوٽ چپيٽ لڳڻ جو انديشو آهي. جهونا زخم ۽ مسئلا ٻيهر اڀري سگهن ٿا. دور انديشيءَ سان مسئلو حل ڪندا رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڦيرو اچي. اُملهہ وستو جي خريدي جو پڻ يوگ سُک جا ساڌن پراپت ٿيندا. يوڳ ولاس ۾ روچي وڌندي. سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪرڻ جو موقعو ملندو. گهر ۾ ڪارج ڪرڻ سان ڪٽنبي خوش ٿيندا. استري ۽ پٽ جو وروڌ نہ ڪندا توهان ڪي نقصان رسڻ جو امڪان آهي. ٢ جون ٢ آگسٽ تائين پرشارٿ سان آرٿڪ حالتن ۾ ڦيرو ايندو. ٢٢ آڪٽوبر ڪان ساوڌان رهندا لهر لوڏ اچي سگهي ٿو. ۽ هرديہ روڳ ٿيڻ جو امڪان آهي. استرين لاءِ آڪٽوبر ۾ وستر ۽ زيور خريدڻ جو يوگ آهي. ڪنوارن لاءِ جون ۽ ڪان شاديون ٿيڻ جو امڪان آهي. بيروزگارن ڪي اپريل، مئي ۾ نوڪري ملڻ جو امڪان آهي. **توهان جو شُڀ ڏينهن:** وسپت ۽ ڇنڇر آهي. **توهان جو شُڀ رنگ:** هلڪو بلو ۽ اڇو آهي. **واپارين لاءِ:** پنهنجي ورٽ آهر سيڙپ ڪندا. ڀاڳيو قائم رکندا ٿوڙي ڪٽي گهٽي برڪت ۾ وشواس ڪندا. جون ڪان واپار ليول تي ايندو. ڪميشن ايجنٽ ۽ دلال سٺو ڪمائيندا. وديش ملڪن سان واپار ڪرڻ سان لاڀدائڪ ٿيندو. **نوڪري وارن لاءِ:** پروموشن جو پڻ يوگ آهي. آفيسر توهان ڪم مان راضي رهندا. آفيس جي ڪم ڪي اُڪلائڻ لاءِ گست ڪرڻا پوندا. نوڪري جي ڦير ڦار فائديمند ٿيندي. **وديارٿين لاءِ:** من تر ڪندا لڳاتار محنت ڪرڻ سان امتحان ۾ سڦل ٿيندا. محنت جو ڦل مٺو ٿيندو آهي.

٢٧ نکشترن ۾ شڀ اشڀ ڦل

(1) **اشوني**: جيڪو ماڻهو اشوني نکشتر ۾ پيدا ٿئي، اهو دولت مند هر ڪم ۾ هوشيار، خوش طبعيت وارو دوستن يارن سان ميل ميلاپ وارو، شڪر گذار، مٺو ڳالهائيندڙ ۽ تيز دماغ هوندو، سماج عزيزن ۾ عزت و احترام پائڻ وارو فراخ دل باالخلاق نيڪ سيرت هوندو سندس قسمت جو ستارو ٢٠ سال ۾ بلند رهندو.

(٢) **ڀرڻي**: هن نکشتر ۾ پيدا ٿيڻ وارو وڏي عمر پائي سڌي رستي تي هلڻ وارو صحتمند هر دل عزيز شخصيت بڻجندو آهي، نيڪ ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ ۽ هر هنڌ عزت پائڻ وارو هوندو آهي.

(٣) **ڪرتڪا**: ويسارو، بکيو لذيذ ۽ چٽ پٽيون شيون پسند ڪرڻ وارو، مغرور ڪنجوس، ناشڪر ۽ذار نيڪي ۽ وفا ڪان بلجي ويندڙ غلط رستن تي هلڻ وارو ڪاهل سست هميشہ اُداس دل وارو هوندو آهي هن نکشتر ۾ چاول ماڻهو پرائي استري سان سهنڌ رکندڙ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهي اُن کي پورو اتساهہ ۽ لگن سان سر انجام ڏئي عزيزن ۾ دوستن يارن سان ڦتائي هلڻ وارو هوندو آهي قسمت جو ستارو ٢٩ سالن ۾ بلند رهي.

(۴) روهڻي: دولت مند ۽ عزيزن ۾ دوستن سان سٺو هلڻ وارو نرم مٺو ڳالهائيندڙ ڌرمي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندڙ بلند حوصلي وارو شرڌا وان مفيد مشورن تي عمل ڪندڙ وڏن جو احترام ڪندڙ هوندو آهي اگر رات جو هجي تہ ڪٺور دل وارو ۽ پرديس وڃڻ جو شوقين ٿيندو ڀاڳ جو ستارو ٣٠ سالن ڪانپوءِ بلند ٿئي.

(۵) مرگشر: تکڙو ڀاڻ وٺائڻ وارو ٿئي، معمولي ڳالهہ تان بگڙجندڙ عورتن جي صحبت پسند ڪرڻ وارو چالاڪ ناشڪر هر وقت غصي وارو جهيڙالو فسادي مطلب پرست ۽ وڏن جي عزت نہ ڪندڙ هوندو آهي قسمت جو ستارو ٢٨ سالن کان پوءِ بلند ٿيندو.

(٦) آردرا: خوش طبعيت هر دل عزيز عقلمند حساب وارو مشڪل ۾ نہ گهبرائڻ وارو مگر ڌن دولت جي سک کان محروم ڪلئي هٿ وارو نيڪ دانا ٿئي ٿو ٢٥ سالن کان پوءِ ستارو بلند رهندو.

(٧) پنروسو: مستقبل مزاج عالم داناءِ دولتمند عزيزن ۾ راڄ دربار ۾ عزت پائڻ وارو متر دوست وڏيڪ ٿين اولاد جو سک ڏسي سيني جو خيرخواهہ سفيد وستوئن کي پسند ڪندڙ ۽ سفر ڪندڙ ٿيندو آهي ٢۴ سالن ڪانپوءِ قسمت جو ستارو بلند رهي

(٩) آشليشا: نيڪ ڪم ڪندڙ سک ماڻيندڙ ڪٽنب پريوار وارو ديوتائن بزرگن سان پيار ڪرڻ وارو ڪنهن کي نقصان نہ پهچائيندڙ ۽ ٻين جو فائدو ۽ ڀلائي ڏسي خوش ٿيندڙ مائٽن سان اٽبت رهي قسمت ۴٠ سالن ڪانپوءِ چمڪندي.

(١٠) مگها: دولت مند ۽ آسودو استري جو وفادار ۽ پيار ڪندڙ ماتا پتا جي عزت ۽ خدمت ڪندڙ ٻين کي ڏک نہ ڏيندڙ سدا خوشحال واپار ۾ ڌن لاڀ ٿئي قسمت جو ستارو ٢۵ سالن کان پوءِ چمڪندو.

(١١) **پوروا ڦالگني**: دشمن مٿان فتح حاصل ڪندڙ، هر ڪم جو هوشيار، آفيسرن ۽ اميرن جي خدمت ڪندڙ، خوش اخلاق ۽ مٺو ڳالهائيندڙ، استرين کي وڻندڙ باوقار، سواري ۽ سفر جو شوقين، حڪومت سان لاڳاپو رکندڙ، اميدن ۾ ڪامياب ٿيڻ، عزيزن جو پيارو، ۽ راڄ دربار ۾ عزت وارو، قسمت جو ستارو ٢٨ سالن کان پوءِ بلند رهي.

(١٢) **اترا ڦالگني**: دولتمند، عياش، هٿيارن ۽ ڌنش وڌيا ڄاڻڻ وارو، بهادر، طاقتور، راندين جو شوقين ذهن، سنجيده ٻين جي مدد ڪرڻ وارو، معتبر ۽ مٺو ڳالهائيندڙ قسمت ٢٨ ۽ ٣١ سالن جي وچ ۾ بلند رهي.

(١٣) **هست**: هن نکشتر وارو، پنهنجي قوم جو سردار هوندو، بلند حوصلي وارو، معتبر، دشمن سان هميشہ اٽڪندڙ، نشيدار شين

جو شوقين، برادري ۾ گهٽ رهڻ وارو عيش ۽ آرام ۽ استرين جو چاهيندڙ ڪروڌي هوندو ۳۱،۳۰ سالن ڪانپوءِ بلند رهي.

(۱۴) چترا: داناءُ همت وارو وچولو قد، دولتمند، سخي، عقلمند، خوشحال هوندو استري ۽ اولاد مان سک ملي، اڪر سُنا لڪندڙ ويدڪ وديا جو ڄاڻو خوبصورت ۽ ڌرمي خيالن وارو ڌن دولت گهڻي دير نه رهي، قسمت جو ستارو ۳۳ کان ۳۸ سالن جي وچ ۾ بلند ٿئي.

(۱۵) سواتي: وڏو سمجهدار، دوستن ۽ عزيزن تي وشواس ڪندڙ، سيتل سڀاءُ وارو، هر دلعزيز سيني سان ملندڙ جلندڙ ديوتائن سان پريت رکندڙ، تنگي جي حالت ۾ بي صبر ٿيڻ وارو، قسمت ۳۰ کان ۳۶ سالن جي عمر ۾ چمڪندڙ.

(۱۶) وشاکا: خوش قسمت، خوبصورت مالدار، ڪوڙن ڪمن ڏانهن لاڙو رکندڙ، موقعي پرست مستقل مزاج، معتبر جهڳڙي فساد مان خوش رهي.

(۱۷) انوراڌا: علم هنر، هر فن جو ڄاڻو، عزت وارو، خوش اخلاق، بُک گهٽي لڳي، ڪٽنب ڪا پالڻ وارو، سفر ڪرڻ وارو، ڀاڳ ۳۵ سالن ۾ چمڪندو.

(۱۸) جيشٽا: دولت جام هجي، ڌرمي ڪمن ڏانهن لاڙو نيڪ پراپڪاري صفت، دستڪاري، ادب، شاعري جو شوقين، سشيل سڀاءُ، سخي، فرض شناس ۽ هوشيار، ۳۹،۱۳،۲۷،۱۳ سال صحبت لاءِ خراب آهن.

(۱۹) مول: سخي، سنجيده برادري، ۽ دوستن يارن ۾ عزت پائي، ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڪاوڙ ڪندڙ اڪثر ڪري بيمار رهندڙ هوندو ڀاڳيوديه جا سال ۲۷ يا ۳۱ سال ٿيندا.

(۲۰) پوراشاڊا: ايڪتا ۽ ڀائيچاري جي معملن ۾ ثابت قدم رهڻ وارو عزت وارو سيني جو دوست، پراپڪار، ڌرمي ۽ فصل جي ڪم جو ڄاڻو چالاڪ، قسمت ۲۷ سالن ۾ چمڪي.

(۲۱) اتراشاڊا: اميرن سان ميل جول رکڻ وارو هوشيار هر معملي، ڪي خوش اصلوبي، سان ڪندڙ ڪامياب دوست گهڻا ٿين، سيني جي خير خواهه، عزت پائي، هردلعزيز، راڳ وديا جو شوقين، قسمت جو ستارو ۳۲ سالن ۾ بلند ٿئي.

(۲۲) شروڻ: دولت مند، ويسارو باهمت، ڀاڳوان، سندر استري ملي، راڳ، وديا، جوتش وغيره ۾ ڀروسو ڪندڙ پري جي نظر رکڻ وارو ٻين جي دل جي ڳالهه سڃاڻڻ وارو، زندگي ۾ ۹ ۽ ۲۴ سال اشڀ رهي.

(۲۳) ڌنشٽا: دولت مند، آسودو ڀاڳوان، راڳ وديا جو شوق رکندڙ ڪٽنب پريوار ۽ استري سان پيار ڪندڙ باهمت نيڪ ڪمن وارو سرڪاري ڪمن ۾ دلچسپي وٺندڙ عوام ۽ راڄ درٻار ۾ عزت ملي، هيرن جواهرن جو شوقين، زندگي جي ۲۹،۲۳،۱۵ سال اشڀ رهن.

(۲۴) ستڀاشا: دولت مند ڀڏيوان، داني، نيڪ ڪم ڪندڙ استري سان پيار ڪرڻ وارو دشمن سان وڃڻ هر هنڌ عزت، ملي زندگي جو ۲۸ سال خاص اهميت وارو هجي.

(۲۵) پوروا ڀادرپدا: دولتمند، خوشمزاج، گهٽو ڳالهائيندڙ ڪٽنب پريوار سان پيار ڪرڻ وارو علم وارو هر فن جو شوقين، سنت گهٽو سمهڻ وارو اولاد کان سک ملي، ۱۹ سال ۾ ڀاڳ جو ستارو چمڪي.

(۲۶) اترا ڀادرپدا: خوبصورت، اچو بدن، باهمت، باوقار، تحرير گفتگو ۾ جيتندڙ داناءُ موقع پرست، دشمن مٿان وڃڻ حاصل ڪندڙ ڌرم نيتي ڄاڻڻ وارو ثابت قدم، ڀاڳ جو ستارو ۲۷ يا ۳۱ سال ۾ شڀ رهي.

(۲۷) ريوتي: ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ وارو تيز رفتار، گهٽو ۽ تيز ڳالهائيندڙ عقلمند، سنت سڀاءُ وارو، دوستن مترن سان خوش رهي زندگي جا ۲۴،۲۱،۱۷ سال اشڀ رهن.

Scanned with CamScanner

وواهه ويچار ٽسڻ

جنم جو مهينو جنم ڏينهن جنم جو نکشتر ۽ پهرين ڄاول پُٽ يا ڌيءَ هجي ۽ جيٺ جو مهينو هجي ته شادي وواهه نه ڪرڻ گهرجي يعني پهرين ڄاول پُٽ پهرين ڄاول ڌيءَ ۽ جيٺ جو مهينو هجي ته هنن ڪي ٽي جيٺ ڪري چوندا آهن ٽي جيٺن جي شادي وواهه نه ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن ٻنهين مان ڪنهن هڪ جي وڏي ڀاءُ يا ڀيڻ جي شادي ٿيل آهي ته پوءِ جيٺ مهيني ۾ شادي ڪرڻ شُڀ آهي

راس	آستان	سوامي	رنگ	دشا ڏس
ميک	مٿو	منگل	لال	اوڀر
ورک	مُک	شڪر	ڪپوري	ڏکڻ
مٿن	ٻانهن	ٻڌر	سائو	اولهه
ڪرک	هردو	چندرما	گلابي	اُتر
شنگهه	پيٽ	سوريه	پيلو	اوڀر
ڪنيا	چيلهه	ٻڌر	چنڪبرو	ڏکڻ

راس	آستان	سوامي	رنگ	دشا ڏس
تل	ناب	شڪر	اڇو	اولهه
ورشچڪ	لُنگ	منگل	ڪارو	اُتر
ڌن	گدا	گرو	پيلو	اوڀر
مڪر	ران	ڇنڇر	ڀورو	ڏکڻ
ڪنڀ	ٽنگون	ڇنڇر	ڀورو	اولهه
مين	پير	گرو	پيلو	اُتر

دان ڪرڻ سان ڪهڙو ڦل ملي ٿو

تٿ	ديوتا	ڪهڙي دان ڪڻ سان ڪهڙ ڦل ملندو
ڀوروا	اگن	گرت جو هون ڪرڻ سان دان ۽ ان جو لاڀ ٿئي
ٻيج	برهما	برهمچاريءَ ڪي پوڄن ڪرائڻ سان سڀ وگهنن ۾ ڪاميابي ملي
ٽيج	يڇراج	ڪبير ديو جو پوڄن ڪرڻ سان واپار ۾ لاڀ ٿئي ۽ دولت مند ٿئي
چوٿ	گڻيش	گڻيش ديوتا جو اُچارڻ ڪرڻ سان سڀ ڪريا شُڀ ٿئي
پنچم	ناگراج	ناڳ پوڄا ڪرڻ سان زهر جو ڊپ نه رهي، استري پُٽ ۽ ڌن جو لاڀ ٿئي.
ڇٺ	ڪارتڪ	ڪارتڪ جو پوڄن ڪرڻ سان روپ وڏي ايش عشرت.
ساتم	سوريه	سوريه نارائڻ جو سمرن ڪرڻ سان من وانڇت ڦل پائي.
آٺم	رودر	شو جو پوڄن ڪرڻ سان لڇمي پائي ۽ سنسار ۾ گيان پراپت ٿئي.
نوم	درگو ديو	ڀاگوتيءَ جو پوڄن ڪرڻ سان سڀ پرڪارن جي ڪشٽن کان ڇٽڪارو ٿئي.
ڏسم	يم راج	يم راج جو پوڄن ڪرڻ مرتيو ۽ نرگ جو ڊپ نه رهي.
گيارس	واسديو	واسديو جو پوڄن ڪرڻ سان سنتان ڌن دولت پشو ۽ زمين ملي.
ٻارس	سوريه	سوريه نارائڻ جو پوڄن ڪرڻ سان وجيه ٿئي ۽ جڳت پوڄڻ ٿئي.
تيرس	ڪامديو	ڪامديو جو پوڄن ڪرڻ سان اُتم روپ ٿئي.
چوڏس	شو	شو جو پوڄن ڪرڻ سان گهڻا پُٽ ڌن ايش عشرت ملي
پورنما	چندرما	چندرما جو پوڄن ڪرڻ سان گهڻن ماڻهن جو آدپتي ٿئي.
اماس	پتر ديو	پتر ديو جو پوڄن ڪرڻ سان بهشتان ڌن ۽ عمر وڌي



ڇنڇر جي ساڍي ست ورهي ۽ اڍائي ورهي سنبت ٢٠٨٢

پنهنجيءَ راس کان جيڪڏهن ٢.١ ۽ ١٢ ڇنڇر هجي تہ ڇنڇر جي ساڍي ست ورهي ليکبي ۽ جيڪڏهن ۴ ۽ ٨ هجي تہ اڍائي ورهي چاٽجي. جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر مريض کي ڪنهن محل مٺي ۽ ڪنهن مهل ڪڙي دوا ڏيندو آهي، تهڙيءَ طرح زندگيءَ ۾ لاهي چاڙهي ڏيکارڻ لاءِ انسان مٿان ڇنڇر جي پنوتي اچي ٿي جيڪا ڪنهن کي راجا مان رنڪ (فقير) بڻائي تہ ڪنهنکي وري رنڪ مان راجا بڻائي ٿي. ڇنڇر جي پنوتي مدار رکي ٿي پائي تي. لوهہ ۽ سون جو پايو هجي تہ هاڃيڪار ۽ ڏکدائي ٿئي. ٽامي ۽ چانديءَ جو پايو هجي تہ فائديمند ۽ سکدائي ٿئي.

ڇنڇر جي پائي ڪيڙ جو ڪوٺو

٢	٥	٩	چاندي	سريشٽ
۴	٨	١٢	لوهہ	هاڃي ڪارڪ
٣	١٠	٧	ٽامو	سکدايڪ
١	١١	٦	سون	هاڃي ڏک دائيڪ

پائي ڪڍڻ جي ريت؛ جنهن ڏينهن ڇنڇر گرهہ هڪ راس مان ٻي راس ۾ وڃي ٿو اُن ڏينهن جنهن راس ۾ چندرما هجي سو پنهنجيءَ راس کان ڳڻجي تہ پايو ملندو.

(١) خاص ڌيان تي؛ جنم ڪنڊليءَ ۾ جيڪڏهن ڇنڇر اوچ جو (تل راس ۾ ٢٠ ڊگري تائين) يا سوگرهي (مُکر ۽ ڪنڀ راس ۾) آهي تہ خراب ڦل ڪو نہ ڏيکاريندو. (٢) جيڪڏهن ڇنڇر جنم ڪنڊليءَ ۾ لگن جو سوامي ٥ ڀاڱ جو وس وطيءَ ۽ ٩ ڀاڱ جو وس وطي ٿيڪ ي ٣، ٦ يا ١١ ڀاڱ ۾ هجي تہ سک جي پراپتي ٿئي. ڌن ۽ واپار ۾ لاڀ رسائي ٿو.

(١) **ميک راس: وارن لاءِ:** شني لوهہ جو پايو هئڻ ڪري واپار ۾ بچاءُ ٿيندو.زندگيءَ ۾ لهر لوڏا اچن.

(٢) **ورک راس وارن لاءِ:** شني سون جو پايو هئڻ ڪري آندنيءَ جا نوان رستا کلندا ۽ واپار ۾ نوان آرڊر پڻ ملندا.

(٣) **مٿن راس. وارن لاءِ:** شني ٽامي جو پايو هئڻ ڪري نئين يوجنائن ۾ سڦلتا ملي ڪارڪ ڪيتر ۾ ٿير ڦار ٿئي.

(۴) **ڪرڪ راس وارن لاءِ:** شني چاندي جو پايو هئڻ ڪري هلندڙ بيڙو پار ٿئي. ڪم ڪرڻ ۾ محنت وڌيڪ ٿئي.

(٥) **سنگهہ راس وارن لاءِ:** شني لوهہ جو پايو هئڻ ڪري من اشانت رهي ۽ وڏن جو سهڪار گهٽ ملي.

(٦) **ڪنيا راس لاءِ:** شني ٽامي جو پايو هئڻ ڪري آمدنيءَ جا نوان رستا پڻ کلندا ۽ واپار ۾ لاڀ ٿئي.

(٧) **تل راس وارن لاءِ:** شني سون جو پايو هئڻ ڪري هنرمند ماڻهوءَ کي ڏنڌي جا نوان موقعا ملندا.

(٨) **ورشچڪ راس وارن لاءِ:** شني چانديءَ جو پايو هئڻ ڪري بازاري کاڌي کان پرهيز ڪنڊليٽ جو وڪارٿين جو انديشو آهي.

(٩) **ڌن راس وارن لاءِ:** شني لوهہ جو پايو هئڻ ڪري وڏن جي طبيعت ناساز رهي انهن جي طبيعت ڏانهن ڌيان ڏيندا.

(١٠) **مڪر راس وارن لاءِ:** شني ٽامي جو پايو هئڻ ڪري مسافريءَ ۾ ڪشٽ ۽ پريشاني ٿئي ۽ واپار ۾ نرمائي اچي.

(١١) **ڪنڀ راس وارن لاءِ:** شني چانديءَ جو پايو هئڻ ڪري زمين ۽ جائيداد جي سودي ۾ لاڀ ٿئي.

(١٢) **مين راس وارن لاءِ:** شني سون جو پايو هئڻ ڪري سنتان جي پراپتي ٿئي. ڪورٽ ڪيسن ۾ اينگهہ پوي.

شادي وواهہ ۾ ورڪي سوريہ ٻل ڏسڻ ۽ ڪنيا ڪي گرو ٻل ڏسڻ جو ڪوٺو

ورڪي سوريہ شُڀ اشُڀ يا پوجا ڪاري ڏسڻ جو ڪوٺو

٣	٦	١٠	١١	٠	سوريہ شُڀ آهي
١	٢	٥	٧	٩	سوريہ پوجا ڪاري آهي
٤	٨	١٢	٠	٠	سوريہ اشُڀ آهي

ڪنيا ڪي گرو شُڀ اشُڀ يا پوجا ڪاري ڏسڻ جو ڪوٺو

٢	٥	٧	٩	١١	سوريہ شُڀ آهي
١	٣	٦	١٠	٠	سوريہ پوجا ڪاري آهي
٤	٨	١٢	٠	٠	سوريہ اشُڀ آهي

نوٽ: ورڪي سوريہ ٻل ڏسڻ ۽ ڪنيا ڪي گرو ٻل ڏسڻ کان سواءِ ور ڪنيا ڪي وواهہ ۾ چندرما جو ٻل بہ ڏسڻ ضروري آهي، جيڪو ٽپڻي جي هر مهيني جي خانن ۾ چندرما ڏنل آهي اُن مطابق ڏسڻ گهرجي

گهاتي گرهن جو دان ڪيڏل

گرهہ	دان
سوريہ	سون، ٽامو، ڪٽڪ، ڳڙ، ڪڻڪ، گيهہ، ڳاڙهو چندن، قيصر، ڳاڙهو ڪپڙو
چندرما	چاندي، چانور، مصري، گيهہ، ڏهي، اڇو چندن، ڪافور، اڇو موتي، اڇو گل، اڇو ڪپڙو
منگل	منگ، سون، ٽامون، ڪٽڪ، گيهہ، لال چندن، قيصر، ڳاڙهو گل، ڳاڙهو ڪپڙو
ٻڌر	منگ، سون، مصري، السي، ڪافور، سائو موتي، گيهہ، اڇو گل، سائو ڪپڙو.
وسپت	سون، دال چيني، هيڊ، ڳڙ، پيلو موتي، گيهہ، پيلو گل، پيلو ڪپڙو
شڪر	چاندي، چانور، مصري، گيهہ، اٽُر، کير، ڏهي، اڇو گل، اڇو ڪپڙو
ڇنڇر	لوهہ، سون، تر، اڙد، تيل، بلو موتي، ڪاري ڊاک، ڪارا پڳڙا، ڪارو ڪپڙو
راهو	ڏونگي، سون، نيلم موتي، تر، تيل، قيصر، ست ناجا، بلو گل، بلو ڪپڙو
ڪيتو	سون، ڪڻڪ، تر، گيهہ، ست ناجا، سڻ، ڳڙ، بلو گل، بلو ڪپڙو

شُڀ ڪم ڪرڻ جا مهورت

شُڀ ڪم	تِٿ	ڏينهن	شُڀ نڪشتر	ڪيفيت
ٻالڪ جو نالو رکڻ	٢،٣،٥،٧،١٠،١١،١٣ شُڀ آهن	سومر، وسپت، ٻڌر ۽ شڪر شُڀ آهن	اشوني، روهڻي، پنروسو، پشيه، اُتراڦالگني، اُترا شاڍا، اُترياڌر پدا، هست، چترا، سواتي، انوراڌا، شروڻ، ستيشا، ريوتي	لگن سٿر هجي، لگن کان ١،٤،٧،٩ ۽ ١٠ گهر ۾ شُڀ گرهه هجن ٣،١١ پاپي گرهه هجن ٨ ۽ ١٢ شُڌ هجن
جنيو پائڻ	٢،٣،٥،٦،١٠، ١١،١٢، شُڀ آهن	آرتوار، سومر، ٻڌر، وسپت ۽ شڪر شُڀ آهن	اشوني، مرگشر، روهڻي، آردرا، پنروسو، پشيه، آشليشا، مول، اُتراڦالگني، اُتراشاڍا، اُترياڌرپدا، هست، چترا، سواتي، انوراڌا، شروڻ، ڌنشٽا، ستيشا، ريوتي	برهمڻ کي ٥،٨،١٦ ورهين ۾ کترين کي ١٦،١٠،٢٢ ورهيه، وئيش کي ٨،١٢،١٤ ورهيه ۾ چيٽ، ويساک، جيٺ، آکاڙ، مانگهه، ڦڳڻ مهينا هجن ١،٥،٨ گهر ۾ پاپي گرهه نه هجن.
مڱڻي ڪرڻ	١،٤،٨،٩،١٢ ۽ ١٦ نه هجن	آرتوار، منگل يا ڇنڇر ڏينهن نه هجن	ڪرتڪا، روهڻي، مرگشر، مگها، اُتراڦالگني، اُتراشاڍا، اُترياڌرپدا، هست ۽ ٽئي پوروا نڪشتر	سواتي، انوراڌا، مول، ريوتي، نڪشتر ۽ ٤ ۽ ٨ گهر ۾ چندرما نه هجي
نئين جڳهه ٺهرائڻ	٢،٣،٥،٧،١٠، ١١،١٢،١٣، شُڀ آهن	منگل ۽ آرتوار ڏينهن نه هجن	روهڻي، مرگشر، پنروسو، پشيه، هست، چترا، سواتي، ٽئي اُترا، ڌنشٽا، ريوتي	ويساک، ساوڻ، ناهري، مانگهه، ڦڳڻ، مهينا نه هجن ڪارتڪ مديره زمين ويران نه هجي
زمين ۾ ٻج پوکڻ	٢،٣،٥،٧،١٠، ١١ ۽ ١٣ شُڀ آهن	آرتوار، ڇنڇر، منگل ڏينهن نه هجن	اشوني، روهڻي، مرگشر، پنروسو، پشيه، مگها، ٽئي اُترا، هست، چترا، سواتي انوراڌا، ڌنشٽا، مول ۽ ريوتي	لگن سٿر هجي، چوٿين گهر ۾ شُڀ گرهه يا اُن جي درشٽي هجي يا چوٿين گهر جي مالڪ جي پنهنجي گهر ڏانهن نظر هجي
علاج ڪرائڻ	٤،٨،٩،١٠، نه هجن	آرتوار، منگل، ڇنڇر ڏينهن نه هجن	اشوني، پنروسو، اُتراڦالگني، هست، چترا، سواتي، انوراڌا	مول، شروڻ، ڌنشٽا، هست، پورواشاڍا، ريوتي، چندرما شُڀ لگن سٿو ٿيندو
ڪيس داخل ڪرڻ	٤،٩،١٢ شُڀ آهن	منگل يا ڇنڇر شُڀ آهن	مگها، مول، ريوتي، جيشٽا، آشليشا ۽ آردرا	گرو چندرما لگن ۾ هجي ڏهين گهر ۾ شُڀ ۽ ڇهين گهر ۾ اشُڀ گرهه هجن

Scanned with CamScanner

مختلف گرهڻ جو انساني شخصيت تي اثر

(۱) **وسپت:** وسپت گرهه جو اثر هيٺ واري انسان جو مٿو ڪوئي جي مٽي وانگر تنگ ۽ دمي جي بيماري وارو جسم جو ڪو انگ وڏيل هجي ٿو. ڳالهه ٻولهه اٽڻ ويهڻ انگريزن وانگر ڳنڀير ۽ هر ڳالهه کي براشت ڪرڻ وارو ميل ميلاپ ۽ هر ڪنهن سان پيار ڪرڻ وارو جانورن کي نه مارڻ وارو، پنهنجي ڳالهه تي قائم ۽ جيڪو قسمت ۾ يقين رکندڙ پنهنجي ون جو پڪو اهڙن ماڻهن مان ڪنهن جو به فائدو نه ٿيندو عادت سان به فڪر حاجت مند.

(۲) **سوريه:** سوريه گرهه جي پرڀاءُ واري ماڻهو جي جسم جو ڪو انگ وڏيل يا بلڪل سوڙهو، ڪٽڪي رنگ اکيون شينهن جهڙيون مگر ڏيچاريندڙ نه هونديون. وارو ڏگها، جسم ڪمزور، هر طرح جي مصيبتن سان وڙهڻ وارو مضبوط ڏگهو چهرو، چال ۾ ساچو حصو ڀرين هلائڻ وارو شڪل صورت ڪان پولو پالو مگر اندر جي باهه جيان گرم چال چلت (ڪامديو) جو پڪو، محنتي ۽ پڪي ارادي وارو، جيڪا ڳالهه ڪري پوري ڪري.

(۳) **چندرما:** چندرما گرهه جي اثر وارو انسان اڇي (ڪير جهڙي) رنگ وارو ٿڌو سياءُ ڪليل ڇهڙو ۽ ٿي جا ها ۾ ها ملائڻ وارو ٻين کي نرم جواب ڏيئي دل جيتڻ واري سٺي پوشاڪ پائڻ وارو، ڪير ڏيندڙ جانور پالڻ جو شوقين اهڙا ماڻهو چاندي چانور پاڻي برف ۾ خوب نفعو ڪمائن ٿا.

(۴) **شڪر:** شڪر گرهه جو پرڀاءُ وارو ماڻهو سفيد (ڪير جهڙو نه) چهرو گول ٿلهو، خوبصورت اکيون، ڏگي وانگر مست، عاشق مزاج، چپ گول، سست طبعيت ڪير روئي ڪير ڪلي مگر هو پنهنجو پاڻ ۾ خوش ۽ هر وقت استرين (عورتن) وانگر سينگارڻ جو شوقين، خوبصورتي تي موهت ٿيندڙ.

(۵) **منگل:** منگل جي اثر واري ماڻهو ۾ شڪر جي پرڀاءُ وارو ماڻهو جون ساڳيون خاصيتون هونديون ۽ هوبه هو ساڳيا سوڻ ساٺ هوندس.

(٦) **ٻڌ:** ٻڌ گرهه جو اثر وارو ڪبوتر وانگر ڏجٽو چال ۾ ٻلي وانگر مسڪين، ٻارن وانگر معصوم، جادو منتر جي طاقت وارو، خوبصورت ڏند ڀروپ ۽ سانگ ڪرڻ وارو زبان کي چپن تي ڦيرڻ جي عادت ڳالهه ٻولهه ۾ تيز، خيالي مخل جوڙڻ وارو پاڻ ڪنهن جي آڏو ڪونه ايندو، خوبصورتي تي پسند ڪرڻ وارو.

(۷) **ڇنڇر:** ڇنڇر جي گرهه جي زير اثر واري ماڻهو جو نانگ جهڙو سياءُ اک ۾ به نانگن وانگر گولائي، اک جو رنگ ڪارو، پرون سڌا ليڪ وانگر وار گهاٽا آواز ۾ نانگ وانگر ٽڪ ٽڪ ڪرڻ وارو، پنهنجي دل جي ڳالهه جي خبر نه ڏيئي، ڇنڻي پاسي هلڻ وارو، ڪنهن جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ وارو، پڪو ضدي، اگر ڪنهن سان مهاڏو اٽڪائي ۽ سامهون واري جو سڀ ڪجهه برباد ٿي وڃي ته به پرواهه نه ڪندو ٻڌڻ ڪان وڌيڪ ڏسڻ تي اعتبار ڪري دشمن مٿان نانگ وانگر حملو ڪري، هن جا ڪن ننڍا هوندا ۽ الڳ ويهڻ جو شوقين هوندو.

(۸) **راهو:** راهو جي پرڀاءُ واري ماڻهو جو رنگ ڪارو سانورو هوندو آهي، ڪاٺو بغير سنتان يا بنا شادي هاٿي جهڙيون اکيون سرير ۾ بيچيني جنهن پاسي ملي وڃي ته ٿي ڏر وارن جو ناش ڪرڻ وارو، ڪاڏو وڌيڪ ڪائڻ وارو، گهر جي شين کي وڌائڻ جو شوقين مگر انهن جي خوبصورتي تي ڌيان نه ڏيندو ٻلي وانگر مسڪين نظر ايندو جڳهه جي چاهه وڌيڪ هوندو جڳهه جي مالڪ جي جان جو ڌيان ڪونه هوندس.

(۹) **ڪيتو:** ڪيتو جي گرهه جي اثر واري ماڻهو جا ڪن وڏا هوندا آهن گول نيڻ، جسم مضبوط، ٽنگن وارو حصو ٿلهو ۽ مٿيون ڏڙ سنهو، نيڪ طبعيت درويش هوندو.

Scanned with CamScanner

چار يُگن جو پرماڻ

(۱) چار يگ جڏهن گذرندا آهن تڏهن برهما جو هڪ ڏينهن ٿيندو آهي، اڻ ڏينهن جي پرماڻ سان برهما جي عمر ۱۰۰ سال جي ٿئي ٿي، هن وقت تائين برهما جي عمر جا ۵۰ سال گذري چڪا آهن. ۵۱ سال جو پهريون ڏينهن ۱۳ گهڙيون ۴۲ پل ۳ پرتي پل ۴۳ پرتي ويل گذري چڪا آهنبرهما جي هڪ ڏينهن ۾ ۱۴ منونڻ ٿين ٿيون هر هڪ منو ۷۱ مها يگ جو ٿئي ٿو اهڙي طرح شروعات ڪارتڪ جي شدي نومي ٻڌر ڏينهن شروڻ نڪشتر جي برهم يوگ ۾ ست جڳ جو آرنڀ ٿيو. جنهن جي عمر ۱۷۲۸۰۰۰ جي ٿي. هن ۾ شري وشنو مستيه ڪورم، واراهه ۽ نرسنگهه مکيه اوتار ٿيا. مستيه اوتار ويدن جو چور سنگاسور دئيت کي ماري ويد برهما کي واپس آڻي ڏنا. واراهه اوتار جل جو اودار ڪيو. ڪورم اوتار پرٿوي جي رکشا ڪئي ۽ نرسنگهه اوتار هرڻا ڪشپ کي ماري ڀڳت پهلاد جي رکشا ڪئي. ست جڳ ۾ منش جي عمر هڪ لک سال جي ٿيندي هئي. ٻال اوستا ۱۰ هزار سالن جي ٿيندي هئي، شرير جي لمبائي ۲۱ هٿ جي ٿيندي هئي جن جڳ ۾ ۲۰ وسوا پنج رهيو ۽ ۲۰ هزار سورج گرهڻ ٿيا.

(۲) ويساک شدي ٽيج سومر ڏينهن روهڻي نڪشتر شوڀجن يوگ ۾ تريتا جڳ جو آرنڀ ٿيو جنهن جي عمر ۱۲۹۶۰۰۰ سال جي ٿي، تريتا جڳ ۾ شري وامن پرسورام ۽ رامچندر مکيه اوتار ٿيا. شري وامن اوتار راجا ٻلي کان ٽي پير پرٿوي جا ڏان وٺي راجا ٻلي کي پتال موڪليو. پرسرام اوتار گهمنڊي ڪترين کي ماري برهمڻ جو راج قائم ڪيو ۽ شري رامچندر اوتار راجا راوڻ کي ماري وچن جي پالنا ڪئي. تريتا جڳ پنج رهيو. شرير جي لمبائي ۱۴ هٿ جي ٿيندي هئي، هن جڳ ۾ ۲۰ هزار سورج ۽ ۳۰ هزار چندر گرهڻ ٿيا.

(۳) مانگهه اوماس شڪروار ڏينهن ڌنشٽا نڪشتر ڌريان يوگ ۾ دواپر جڳ جو آرنڀ ٿيو. جنهن جي عمر ۸۶۴۰۰۰ سال جي ٿي دواپر جڳ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان ۽ ٻلديو مکيه اوتار ٿيا جنهن دئيتن کي ماري ڌرم جي پالنا ڪئي دواپر جڳ ۾ منش جي عمر هڪ هزار سالن جي ۽ ٻال اوستا ۱۰۰ سال جي ٿيندي هئي شرير جي لمبائي ۷ هٿ جي ٿيندي هئي ۱۰ وسوا پنج ۽ ۱۰ وسوا پاپ ٿيا ۲۴ هزار سورج ۽ ۳۶ هزار چندر گرهڻ ٿيا.

(۴) ٻڌو ٻڌ تيرس اشليشا نڪشتر اتپات يوگ ۾ ڪلجڳ جو آرنڀ ٿيو. جنهن جي عمر ۴۳۲۰۰۰ سال ٿيندي ڪلجڳ ۾ ٻڌ ۽ ڪلنڳي اوتار مڃيا ويندا آهن ٻڌ اوتار ڌرم جو دنيا ۾ پرچار ڪري حسد جو ناس ڪيو ڪلنگي اوتار اسان جي ويد ۽ ساسترن جي مطابق اڳيان اچڻو آهي. جيڪو پاپين ۽ دوشٽن کي ماري ڌرم جي جڙ جڙ ڪار ڪندو ڪلجڳ ۾ منش جي عمر ۱۲۰ سالن جي ۽ ٻال اوستا ۱۰ سال جي ٿيندي شرير جي لمبائي ۲ هٿ ۳۱ انچ جي ٿيندي، ۵ وسوا پنج ۽ ۵ وسوا پاپ ۴۶ هزار سورج ۽ ۴۶ هزار چندر گرهڻ جي ٿيندي.

Scanned with CamScanner

پنچڪ ڇا کي چئبو آهي؟

هڪڙي ڏينهن ڪنهن دئيت وشو روپ کي وچي چيو تہ تنهنجي ماتا بہ دئيت جي ڌيءُ آهي انهيءَ ڪري سيني جي بهتري لاءِ هڪڙي آهوتي دئيتن جي نالي تي بہ يگيہ ۾ ڏيو تہ چڱو جڏهن وشو روپ ان جو چوڻ ميڃي آهوتي ڏيڻ وقت دئيتن جو نالو بہ آهستگي سان ورتو تہ ان ڪري ديوتائن جو تيج يگيہ ڪرڻ سان نہ ڏيو تڏهن اندر غصي ۾ اچي ٽيئي سر وشو جا وڍي وڌا جن مان شراب پيئڻ وارو سر پونئرو سوم ٻلي پيئڻ وارو سر ڪبوتر اناج کائڻ وارو سر تتر پکي، جو روپ وٺي دنيا ۾ پيدا ٿيا وشو روپ جي مرندي ئي اندر جي صورت برهم هچا جي گهيرڻ ڪري بدلجي ويئي، جڏهن ديوتائن جي هڪڙي سال تائين پشچاتاپ ڪرڻ تي بہ اهو ڀاري پاپ برهم هچا جو بہ ڇٽو، تڏهن اندر ۽ ٻين جي وينتي ڪرڻ سان برهما جيءَ ان برهم هچا کي ٥ حصا ڪري هڪڙو حصو زمين کي ڏنو، انهيءَ سبب زمين جي پوک ڪٿي ڪٿي بنا اناج رهي ٿي، اتي پوڄا ۽ پاٺ نہ ڪرڻ گهرجي، ۽ ان جي عيوض اهو وردان زمين کي ڏنائين تہ جتي کڏ،کوهہ هوندو تہ پرجي ويندو ٻيو حصو وڻن کي ڏنائين جنهن ڪري ڪي وڻ ڪونئر ۽ لاوا لڳڻ ڪري سڪي ٿا وڃن، سواءِ گوگل جي ٻيا سڀ گود اشڌ آهن ۽ ڪين آشيرواد ڏنائين تہ وڻ وڍجڻ تي بہ پاڙ رهڻ سان وري اسرندو ٽيون حصو استرين کي ڏنائين انهيءَ سبب ڪري استري هر مهيني رجسالا (حيض سان) ٿي پهرين ڏينهن چنڊال ٻئي ڏينهن برهم گهاتي، ٽئين ڏينهن ڌوٻڻ ۽ چوٿين ڏينهن شڌ ٿئي ٿي، ۽ وردان استرين کي مليو تہ انهن هميشہ ڪامديو ٻٽيو رهي انهيءَ ڪري گرڀ واري استري جو من بہ ڀوڳ ڪرڻ جي چاهنا رکندو آهي چوٿون حصو پاڻي کي مليو جنهن ڪري پاڻي جي گجي ٿيڻ ۽ قوتا وغيره ٿين ٿا ۽ پاڻي کي اهو وردان مليو تہ ڪنهن شيءِ ۾ پاڻي پوي تہ اها شيءَ گهٽي ٿئي پنجون حصو اگني کي مليو جيڪا اگني ۾ دونهون آهي سو دونهون اگني کي ڍڪي ٿو ۽ اگني کي وردان مليو تہ مون ۾ جيڪا بہ شيءَ پئي هو تون جهڙو رنگ ڪندي اهڙي طرح اندر پاپ جي پنج حصن ۾ ورهائجي وڃڻ ڪري شڌ ٿي پنهنجو راڄ ڪرڻ لڳو اهڙي طرح برهم هچا کي پنج حصن ۾ ورهائي نالو رکيو ويو پنچڪ جيڪو ڌنشٽا نڪشتر کان وٺي ريوتي نڪشتر تائين هر مهيني ۾ ايندا آهن مهاڀارت ۾ دروپتي پنج دفعا پتي پتي پڪارڻ سان پنچالني ڪري چوندا آهن جيئن گنگا جل ۾ ڌهي کير گهي ۽ ماکي ملائڻ سان پنج امريت ڪري چوندا آهن اهڙي طرح برهم هچا کي پنجن حصن ۾ ورهائڻ سان پنچڪ ڪري چوندا آهن.س

ڪهڙي ڏينهن ڪهڙو پنچڪ لڳندو آهي

ڏينهن جو نالو	آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر
پنچڪ جو نالو	روڳ	راجا	اگني	مرتيو	ٻاڻ	چور	مرتيو

24 ڪلاڪن ۾ 12 لگنن جو پرماڻ

صبح ٦ کان ٨ بجي	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين
صبح ٨ کان ١٠ بجي	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک
١٠ کان ١٢ بجي	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک
١٢ کان ٢ بجي	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن
٢ کان ٤ بجي	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ
٤ کان ٦ بجي	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه
٦ کان ٨ بجي رات	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا
٨ کان ١٠ بجي رات	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل
١٠بجي کان ١٢بجي رات	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ
١٢ کان ٢ بجي رات	مڪر	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن
٢ کان ٤ بجي رات	ڪنڀ	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر
٤ کان ٦ بجي صبح	مين	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ

سمجهاڻي: ميک سنڪرات کان ورک سنڪرات تائين، روزانه صبح ٦:٠٠ بجي کان وٺي صبح جو ٨:٠٠ بجي تائين ميک لگن سمجهو ان کان پوءِ صبح جو ٨:٠٠ بجي کان صبح ١٠:٠٠ بجي تائين ورک لگن سمجهو اهڙي طرح ٦٠ گهڙيون يعني ٢٤ ڪلاڪن ۾ ١٢ لگن سمجهڻ گهرجن جيڪو به سنڪرانتي هلندڙ هجي ان سنڪرانتي کان صبح ٦:٠٠ بجي کان شروعات ڪريو هر هڪ راس ٢ ڪلاڪ.

24 ڪلاڪن ۾ ستن گرهن جي چال

ڪلاڪ	١	٢	٣	٤	٥	٦	٧	٨	٩	١٠	١١	١٢	١٣	١٤	١٥	١٦	١٧	١٨	١٩	٢٠	٢١	٢٢	٢٣	٢٤
آرتوار	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	گرو	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	گرو	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر
سومر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت
منگل	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر
ٻڌر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر
وسپت	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار
شڪر	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر
ڇنڇر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل	آرتوار	شڪر	ٻڌر	سومر	ڇنڇر	وسپت	منگل

سمجهاڻي: صبح جو ٦:٠٠ بجي کان آرتوار لڳو جيڪو ٧:٠٠ بجي ختم ٿيو وري ست بجي کان شڪر لڳو اهڙي نموني ٧ گرهي سمجهڻ گهرجي يعني هر هڪ ڪلاڪ هلي ٿو ٧ گرهي هلن ٿا.

ائين گهر جو اُپ سوامي

جيڪو گرهه ائين گهر ۾ موجود هوندو آهي اُن گرهه کي ائين گهر جو اُپ سوامي چئبو آهي. الگ الگ گرهن جو ائين گهر جو نتيجو هيٺ ڏجي ٿو. جاتڪ سان هيٺيون ڳالهيون ٿين ٿيون.

١ـ سوريه: متيون منجهيل، ڪمزور، پورو، وچ جي ڪري موت، دشمني کان ڊپيل، تيز بخار يا نانگ جو ڏنگ، پر جيڪڏهن سوريه پنهنجي گهر ۾ آهي يا ڪنهن ڪنهن اُوچ راسي ۾ آهي تہ سٺا نتيجا ڏئي ٿو.

٢ـ چندرما: هاتڪ جو موت پاڻيءَ ۾ ٿئي ٿو. سرڪار ۽ چورن کان ڊپجي رهي ٿو. سوچ ٿئي ٿي. دم يا بخار ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن چندرما پنهنجي گهر ۾ آهي يا ڪنهن اُچ راشيءَ ۾ آهي تہ ورثي ۾ جائيداد يا ملڪيت ملي ٿي.

٣ـ منگل: باهہ جي ڪري موت اڪثر حادثات (Accidents) ڪيس هلڻ، جهڳڙا، واد وواد ۽ اٿهوٽت وغيره نامردي ٿي سگهي ٿي. زال سان جهڳڙو موڪا (بواسير) ۽ (Fistula) ٿي سگهن ٿا. شادي شده زندگيءَ ۾ ناخوشي.

٤ـ ٻڌ: جاتڪ کي هٿن ۽ پيرن ڏکڻ جي بيماري ٿي سگهي ٿي. آنڊن جي بيماري يا بدهاضمو ٿي سگهي ٿو جاتڪ ڪنهن اُترستان ۾ مري ٿو. جائيداد يا ملڪيت ملي ٿي. هيءُ ناموس وارو دير گهہ ٿئي ٿو.

٥ـ گرو: پنهنجي زال مان ناخوش رهي ٿو. دوستن جي ڪري پئسو وڃائي ٿو. پيٽ جو تڪليفون سدائين رهن ٿيون ڳجهين بيمارين جو شڪار ٿئي ٿو. سندس هلت چلت شڪ واري ٿئي ٿي. جائيداد يا ملڪيت ملڻ جو امڪان.

٦ـ شُڪر: جاتڪ مڏو مهہ (Diabetes) جو شڪار ٿيندو. ڌن دولت ملڪيت گهٽو هوندس واهن بہ هوندس پر موت ڪنهن اُتر جڳهہ تي ٿيندس. جاتڪ نيچ ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿيندو.

٧ـ شني: شني هن گهر ۾ وڏي حياتي ڏئي ٿو. جاتڪ کي موڪا، ڳجهن هندن جون بيماريون، اکين جي تڪليف ۽ پيٽ جون بيماريون ٿين ٿيون.

٨ـ راهو: شارڪ تندرستي جي لحاظ کان هيءُ گهر نيڪ نہ آهي جاتڪ ڪمزور ٿئي ٿو ۽ نيچ ڪمن ۾ دلچسپي وٺي ٿو سنيوگ ڏانهن گهٽو ڏيان ڏئي ٿو. مصيبتون هن جو پيڇو نہ ڇڏينديون. (Glands) ڳلڙن ۾ سوڄ ٿئي ٿي. جاتڪ کي وڏي حياتي نٿي ملي. جيڪڏهن منگل گرهہ جي ڪرور درشٽي اٿس تہ جاتڪ کي خطرناڪ موت ملي ٿي.

٩ـ ڪيتو: جاتڪ کي وڏي عمر نٿي ملي. پنهنجي مائٽن کان وڇوڙو ملي ٿو. پيٽ جون تڪليفون فسٽولا موڪا وغيره بيماريءَ ۾ مبتلا ٿئي ٿو. سڀ هن جي برخلاف ٿين ٿا. دُشمن هن تي ڀاري پوندا ٻئي جي پئسي ۽ زال تي بُري وجهندڙ ٿئي ٿو.

”سوريہ چڪتسا“ ـ رنگن سان علاج

سوريہ ديوتا کي رنگن جو ڊاڪٽر ڪري ڇئبو آهي. ڇا ڪاڻ تہ سج مان نڪتل ڪرڻ شارڪ ۽ مانسڪ بيمارين جي علاج لاءِ ڪم اچن ٿا. اسان جي شاسترن ۾ سج کي ” سپت رشي“ بہ چوندا آهن ڇاڪاڻ تہ اهي ست رنگ الگ الگ بيمارين روڪڻ ۽ علاج لاءِ ڪم اچن ٿا.

اسانجي بدن جا سڀ عضوا (Cells) جا ٺهيل آهن. جيڪي وري اٽو ۽ پرماڻو (Atoms And Molecules) جا ٺهيل آهن. هر هڪ آٽي ()Atom ۾ پروٽان (Protons) ۽ نيوٽرانس (Neutrons) سدائين ڇُر پر (Vibrant) ڪندا رهن ٿا هر هڪ وضوي کي جدا جدا ڇُر پُر ٿيندي آهي. جڏهن هو اُهي عضوا پنهنجي ڇر پر واري رفتار وڃائين ٿا تہ بيماري پئدا ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ عضوا پنهنجو سنتولن وڃائي ڇڏين ٿا. بدن ۾ ساڳيو سنتلن (اسٿرنا) آڻڻ لاءِ اِهي رنگ جن جي (Frequency) ساڳي آهي. استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ شرير وري ساڳيو تندرست ٿي وڃي ٿو. هيءُ علاج سستو نقصان نہ پهچائيندڙ ۽ اُن جو ڪوبہ اُبتو اثر نہ پئدا ڪندڙ ۽ هر وقت ملندڙ آهي.

جيئن اسان کي ست چڪر آهن. تيئن جدا جدا ست رنگ آهن. جن جي (Frequency) اُن چڪر سان ملي ٿي.

اسان جي بدن ۾ مُکيہ ست چڪر آهن. جڏهن بہ اُن چڪرن جي ڇُر پُر واري (Frequency) پنهنجي اصلي (Frequency) کان ڦري وڃي ٿي تہ تمام گهڻن ڪارٽن ڪري. اسان کي هڪ خاص بيماري ٿئي ٿي. اِن حالت ۾ پڻ سوريہ چڪتسا وارو علاج ڪم اچي ٿو. آهستي آهستي جيئن جيئن چڪرن کي پنهنجي وڃايل (Frequency) اُنهن رنگن مان ملي ٿي تہ اُهي سڀ اصلي ڇُر پُر سان ڪم ڪرڻ لڳن ٿا ۽ اُن ۾ اسٿرتا

ڻ چڪر	بدن ـ عضوي تي اثر	رنگ
١ـ سهسرارا	پچوٽڙي گلانڊ. (ڳلڦڙو Centre Of Psychic (Gland	وانگٽائي
٢ـ اجنا	پنيل گلانڊ تي قبضو (Automatic Nervous System)	نيرو (ڳلي۽ جو رنگ)
٣ـ وشوڌا	ٿائرائڊ ۽ پيرا. ٿائراڊ گلانڊ	آسماني
٤ـ انهتا	ٿائمس گلانڊ. دل (Blood Vessels, Cardiac Plexus)	سائو
٥ـ منيپرا	پيٽ. (Sympathetic) تنتي سرشتي تي قبضو (Liver, Pancreas, Solarplexus)	ڦڪو (پيلو)
٦ـ سوادشٽان	Adrenal گلانڊ. (Spleen) چڪر	ترنجي (نارنگي)
٧ـ مول ڌارا	Sacral Palexus, Reproduction Coccygeal Centre	ڳاڙهو

Scanned with CamScanner

(سنتلن) اچي ٿي ۽ بيماري دور ٿي وڃي ٿي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪوبہ چڪر غلط ٿي وڃي ٿو تہ اُن کي ڪنهن خاص رنگ سان ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو.

جدا جدا بيمارين کي رنگن سان علاج ڪرڻ جا گهڻئي طريقا آهن. مثال طور.

(١) سوريہ نمسڪار. (٢) Sun Bath (٣) چڪرن سان علاج ڪرڻ. (۴) (Color Radiation) (۵) (Meditation Colour (٦) (Colour Inhalation) (٧) رتنن سان علاج.
(٨) (Charging Solide, liquids and Gases with Colours)
(٩) (Relationship Among Herbs, Plants, Foods Anttheir Colours)
(١٠) (Colours Visualisation)

رنگن کي (Electronagnetic) شڪتي (Energy) ٿئي ٿي ۽ باقي ٻين کي (Octave Energy) ٿئي ٿي. مثال طور. (١) رنگ (٢) (Cosmic) ڪرڻا (٣) گاما ڪرڻا (Rays) (۴) (X_Rays) (۵) (Ultra violet) ڪرڻا. (٦) (Infra Ret) ڪرڻا. (٧) (Radio) ڪرڻا (٨) (Television) ڪرڻا (Rays) ہي شڪتي جي چر پر (Vibrational Energy) وارا علاج هيٺيان آهن. آواز. سنگيت. خوشبو ۽ ويچار (Sound, Music Aroma And Thoughts) اُن کانسواءِ رنگن جو استعمال هنٿين نموني پڻ ٿيندو آهي.
(Aura, Kirlian Photography, Gem– Therapy And Tele_therapy)

ست رنگ هيٺين ٽن نمونن ۾ ورهايل آهن.

(١) (Blue_group): هيءَ ٿڌي گروپ وارا رنگ آهن. (Blue, Indigo, Violet And Ultra_violet)
(٢) (Red_group): هيءَ گرم گروپ وارا رنگ آهن. (Yellow, Orange, Red And Infra_red))
(٣) (Green Group): هي رنگ مٿين ٻن گروپن ۾ جي وچ ۾ اچي ٿو. هيءَ رنگ مٿي گروپن کي استر ۽ اٿل ڪري ٿو.

رنگن جون دوائون:

رنگن جون دوائون گهڻن ئي نمونن سان ٺاهي سگهجن ٿيون جيئن تہ (١) پاڻيءَ کي (Charge) ڪرڻ سان (٢) کنڊ (Sugar) کي چارج ڪرڻ سان. (٣) تيل کي چارج ڪرڻ سان (۴) گلسرين (Glycerine) کي چارج ڪرڻ سان.

رنگ ۽ کاڌو:

(١) (Orange ۽ Yellow) رنگن وارا کاڌا گرم ٿين ٿا ۽ Alkaline Nature جا ٿين ٿا.
(٢) (Green) سائي رنگ جا کاڌا نکو (Alkaline) نہ ٿي (Acidic) ٿين ٿا.
(٣) (Violet ۽ Blue) رنگن وارا کاڌا ٿڌا ۽ (Acidic Nature) جا ٿين ٿا.
ڳاڙها ۽ گلابي (Ret And Pink) رنگن وارا ميوا ۽ اچيون شرير کي گرمي ڏين ٿا.
پيلا ۽ نارنگي (Yellows And Orange) رنگن وارا ميوا ۽ ڀاڇيون جُلاب (Laxative) طور ڪم اچن ٿا.
ترن جي ۽ وانگڙائي (Indigo And Violet) رنگن وارا ميوا ۽ ڀاڄيون شرير کي ٿڌڪار ڏين ٿا.

Scanned with CamScanner

هرهڪ رنگ سان گهٽن ئي بيماري جو علاج ڪري سگهجي ٿو. جڏهن تہ بيمارين کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ٻئي علاج ناڪامياب ويندا آهن، اُن وقت رنگن وارا علاج پنهنجو چمتڪار ڏيکاريندو آهي.

هيءُ علاج:

(۱) تمام جلدي نتيجو ڏئي ٿو. (۲) سولائي سان ملي وڃي ٿو. (۳) بلڪل نہ جي برابر خرچ وارو. (۴) جلدي اثر ڏيکاري ٿو. (۵) ڪوبہ ڪونهي (٦) سيني هنڌ آساني سان ملي سگهندو.

هيٺ جدا جدا رنگن ۾ بيمارين جن جو اِهي علاج ڪري سگهندا اُنهن جي ڏجي ٿي.

1)Violet: Bladdr trouble, Bone growth, Cramps, Epilepsy, Kidneys, Leucoderma, Mental Disorders, Neuralgia, Nervous Disorders, Rheumatism, Sciatica, Scalp diseases, Skin, Tumours.

2) Indigo: Appendicitis, Asthma, Cataracts,Hypothyroidism,Insanity, Lung Troubles, Delirium, Ear, Eye, Nose, Obsessionm Palsy, Paralysis (Facial) Pnemonia, Throat diseases, Tonsilitis, Lhooping Cough.

3) Blue: Apoplexy, Baldness, Itching, Gaundise, Measles, Goitre, Gonorrhea, Polio, Renal Diseases, Vomiting, Tyhoid.

4) Green: Asthma, Heavy Fevear, H.B.P, Laryngitiac, Nervous Diseases, Piles, Syphilis, Ulcers, Veneral Diseases.

5) Yellow: Colstipation, Indigestion, Diabetes, Digestive, Enzema, Faltulence, Liver, Paraplegia, Spleen.

6) Orange: Bronchitis, Colds, Gall Stones, Gout, Lung, Mensturation, Prolapsus, Tumors.

7) Red: Anaemia, Asthma, Blood Ailments, Coccygeal, Cold, Constipation, Endocrine System, Morons, Imbeciles And Idiots, Melancholia, Pneumonia, T.B.

نوٽ: مٿي ڏنل لسٽ فقط هڪ گائيڊ آهي. حقيقت ۾ پيون بہ گهڻيون ئي ڳالهيون ڌيان ۾ رکيون آهن. تنهنڪري مهرباني ڪري فقط مٿين لسٽ موجب نہ هلجو. هن (Article) کي پڙهي پنهنجو ۽ پنهنجن سنگي، ساٿين جو پاڻ علاج نہ ڪجو. توهان کي وينتي آهي تہ ڪنهن ڄاڻو ۽ آزموديگار (_Colour therapist) کان صلاح وٺي ۽ اُن کا علاج ڪرايو.

وري ڏنو ويو آهي تہ رنگن سان علاج رتنن رستي ڪرڻ سان تمام سٺا مثال (علاج ڪرڻ جا) ملن ٿا، ڇا ڪاڻ تہ اُنهن جي برابر (Exact) Wavelength هر بيماريءَ سان ملي ٿي ۽ علاج پورو جلدي ٿئي ٿو.

Scanned with CamScanner

ٻارهن راسين جو هڪٻئي سان سنبنڌ

راس انوسار هڪٻئي کي لهڻو ڏيڻي ۽ ڪهڙي راس واري سان ڏندو ڪجي ته گهاٽو نه پوي. ڪنهن سان ڀائيواري، ڏيتي ليتي مٽي مائٽي، شادي وهنوار ڪرڻو هجي، نوڪري، ڏنڌو واپار ڪرڻو هجي ته اول اُن جي ڀرين اڪر موجب راس ڏسو ۽ هيٺ ڏنل نقشي ۾ پنهنجي راس ڏسجي. جنهن سان وهنوار ڪرڻو هجي ته اُن جي راس پيٽ ڪجي. جيڪي راسيون ڦائدو پهچائيندڙ آهن اُنهن سان ونهوار ڪرڻ ۾ لاڀ ٿيندو جيڪي نقصان پهچائيندڙ آهن اُنهن سان وهنوار نه ڪجي.

متي پنهنجي راس	١ ميک	٢ ورڪ	٣ مٿن	۴ ڪرڪ	۵ شنگهه	٦ ڪنيا	٧ تل	٨ ورشچڪ	٩ ڌن	١٠ مڪر	١١ ڪنڀ	١٢ مين
توڙو لاڀ ڪڏهن نقصان	مين ورڪ مٿن	ميک ورڪ مٿن	ورڪ مٿن ڪرڪ	مٿن ڪرڪ شنگهه	ڪرڪ شنگهه ڪنيا	شنگهه ڪنيا تل	ڪنيا تل ورشچڪ	تل ورشچڪ ڌن	ورشچڪ ڌن مڪر	ڌن مڪر ڪنڀ	مڪر ڪنڀ مين	ڪنڀ مين ميک
پورو پنو لاڀ پٽ رهجي پريم قائم	مٿن ڪرڪ تل مڪر ڪنڀ	ڪرڪ شنگهه ورشچڪ ڪنڀ مين	شنگهه ڪنيا ڌن مين ميک	ڪنيا تل مڪرمي ڪ ورڪ	تل ورشچڪ ڪنڀ ورڪ مٿن	ورشچڪ ڌن مين مٿن ڪرڪ	ڌن مڪ ميک ڪرڪ شنگهه	مڪي ڪنڀ ورڪ شنگهه ڪنيا	ڪنڀ مين مٿن ڪنيا تل	مين ميک ڪرڪ تل ورشچڪ	ميک ورڪ شنگهه ورشچڪ ڌن	ورڪ مٿن ڪنيا ڌن مڪر
نقصان پوندو پاڻ ۾ نه نهندا	ڪنڀ ورشچڪ	قل ڌن	ورشچڪ مڪر	ڌن ڪنڀ	مڪر مين	ڪنڀ ميک	مين ورڪ	ميک مٿن	ورڪ ڪرڪ	مٿن شنگهه	ڪرڪ ڪنيا	شنگهه تل
سنو لاڀ پريم قائم	شنگهه ڌن	ڪنيا مڪر	تل ڪنڀ	ورشچڪ مين	ڌن ميک	مڪر ورڪ	ڪنڀ مٿن	مين ڪرڪ	ميک شنگهه	ورڪ ڪنيا	مٿن تل	ڪرڪ ورشچڪ

جوتش گيان

١) **راسين جا نالا:** ١_ ميک ٢_ ورک ٣_ مٿن ۴_ ڪرڪ ۵_ شنگھ ٦_ ڪنيا ٧_ تُلا ٨_ ورشچڪ ٩_ ڌن ١٠_ مَڪر ١١_ ڪُنڀ ١٢_ مين.

٢) **نڪشترن جا نالا:** ١_ اَشوني ٢_ ڀرڻي ٣_ ڪرتڪا ۴_ روھڻي ۵_ مرگشر ٦(آردرا ٧_ پنروسو ٨_ پشيہ ٩_ آشيليشا ١٠_ مگھا ١١_ پورواڦالگني ١٢_ اُتراڦالگني ١٣_ ھست ١۴_ چترا ١۵_ سواتي ١٦_ وشاکا ١٧_ انوراڌا ١٨_ جيشٽا ١٩_ مول ٢٠_ پورواشاڍا ٢١_ اُترشاڍا ٢٢_ ابجت ٢٣_ شروڻ ٢۴_ ڌنشٽا ٢۵_ شتڀشا (شتتارڪا) ٢٦_ پورواڀادرپدا ٢٧_ اُترڀادرپدا ٢٨_ ريوتي.

٣) **يوگين جا نالا:** ١_ وشڪمڀ ٢_ پريت ٣_ آيشمان ۴_ سوڀاگيہ ۵_ شوڀن ٦_ اَتگنڊ ٧_ سڪرما ٨_ ڌرتي ٩_ شول ١٠_ گنڊ ١١_ ورڌي ١٢_ ڌرو ١٣_ وياگھات ١۴_ ھرشڻ ١۵_ وجر ١٦_ سڌي ١٧_ ويتيپات ١٨_ ورياڻ ١٩_ پُرگھہ ٢٠_ شِو ٢١_ سڌ ٢٢_ ساڌيہ ٢٣_ شُڀ ٢۴_ شڪل ٢۵_ برھم ٢٦_ ائيندرٚ ٢٧_ وئيڌرت.

۴) **ڪرڻ:** ١_ بو ٢_ ٻالو ٣_ ڪولو ۴_ تيتل ۵_ گر ٦_ وڻج ٧_ وشٽي (ڀڌرا) ٨_ شڪني ٩_ چتشپد ١٠_ نانگ ١١_ ڪستگھن.

۵) **شادي (وواھ) جي مھورت جو ويچار:** چندرما جو ٻل ڀنھي ور (گھوٽ) ڪنيا (استري) جو ڏسجي. ۴ ۽ ٨ چندرما ھجي تہ خراب ليکجي باقي چندرما شُڀ ليکجي. سورج جو ٻل ور لاھي ڏسجي. ۴ ٨ ١٢ خراب ١. ٢. ۵. ٧. ٩ مڌيم (پوڄا ڪاري) ۽ ٣. ۴. ٧. ١٠. ١١ شُڀ ليکجي. وسپت جو ٻل ڪنيا لاءِ ڏسجي. ۴. ٨. ١٢. خراب ١. ٣. ٦. ١٠ مڌيم (پوڄا ڪاري) ۽ ٢. ۵. ٧. ٩. ١١ شُڀ ليکجي. (**نوٽ**) وَر ۽ ڪنيا جي راس کان سورج، وسپت ۽ چندرما ڏسڻ گھرجي)

وواھ جا شُڀ نڪشتر: روھڻي، مرگشر، مگھا، اُتراڦالگني، اُترڀادرپدا، ھست، سواتي، انوراڌا، مول، ۽ ريوتي تنا ڪاتياينِي متي موجب اَشوني، چترا شروَڻ ۽ ڌنشٽا جملي ١۵ نڪشتر وواھ لاءِ شُڀ آھن.

نوٽ: ھيٺين حالتن ۾ شادي ڪارج نہ ڪجي. (١) تاري ٻڏل ۾ (شُڪر ۽ گرو اَست) (٢) چيٽ ۽ اَسو جي نوراتن ۾ (٣) ھولاشٽڪ ۾ (۴) ڪيا تٽ ۾ (۵) جوالامُکي يوگ ۾ (٦) اماس تي (٧) جنم نڪشتر (٨) ويتيپاتُ، وئيڌرت يوگ.

٦) **جٽيئي (يگيوپوت) پائڻ جي مھورت جو ويچار:** جٽين پائڻ کان اڳ مھورت ضرور ڏسڻ گھرجن ھيٺ نڪشتر، ڏينھن ۽ تٿيون ڏجن ٿيون جي شُڀ آھن.

نڪشتر پورواشاڍا، اَشوني، ھست، چترا، سواتي، شروڻ، ڌنشٽا، شتڀشا، جيشٽا، پورواڦالگني، مرگشر، پشيہ، ريوتي. اِھي نڪشتر جٽين پائڻ لا: شُڀ آھن. تٿيون: ٻيج ٽيج، پنجين، ڏسئين، گيارس ۽ تيرس اِھي شُڀ تٿيون آھن. ڏينھن: وسپت، شُڪروار ۽ آرتوار شُڀ آھن. اڪثر ڪي (وواھ) شادي جي پُٺيان ٻئي ڏينھن جٽيا پائيندا آھن. شاسترن موجب براھمڻ کي ٨ سالن جي عمر ۾ ڪتري کي ١١ سالن جي عمر ۾ وئشن کي ٻارھن سالن جي عمر ۾ جٽيون پائڻ گھرجي.

٩ گرهن جي خراب دشا گهٽائڻ جا اُپاءِ

ماڻڪ: هن کي چُني يا لعل پڻ چئجي ٿو اُن جو رنگ ڳاڙهو ٿئي ٿو اُن جي پائڻ ڪري سورج جي پيڙا جي شانتي ٿئي ٿي. **سوريه** جي شانتي لاءِ ٧ هزار جپ (اوم هران هيرن هرنون سَه سُوريا ئي نمه اوم) اِن منتر جو جاپ ڪجي. **چندرما** موتي تمام ڪواِڇو ۽ نرمل موتي پائڻ ڪري چندرما جي پيڙا جي شانتي ٿئي ٿي تنهن لاءِ هيءُ جپ ڪجي. (اوم شران شيرين شرئو سه چند سي نمه اوم) ايهو جپ ١١ هزار دفعا. منگل: منگل جي دشا خراب هجي ته مونگو پروال ۽ ۽ لعلڙي يا ڪنورو ڦل جهڙو ڳاڙهو چمڪندڙ پائڻ ڪري منگل جي شانتي شني (اوم ڪران ڪري ڪرئون سه ڀُومايه نمه اوم) هنومان تي تيل هن جو جاپ ١٠ هزار دفعا. ٻڌ: ٻڌ جي دشا خراب هجي ته پنو مرڪت مٽي يا هريت مٽي هن جو رنگ سائو ٿئي ٿو هن جي پائڻ سان ٻُڌ جي پيڙا لهي وڃي ٿي هن جو جاپ ٩ هازار آهي. (اوم براب برين برون سه ٻڌايه نمه) جو جاپ ڪجي. **ورهسپ:** گرو جي خراب دشا هجي ته پيلو پکراج پائي ۽ اُن ۾ سون جهڙي جهلڪ وارو پيلو رنگ هجي اُن جو جاپ ١٩ هزار آهي (اوم گران گرين گرئون سه گروي نمه اوم) **شڪر:** شُڪر جي دشا خراب هجي ته بي داغ اِڇو هيرو پائڻ گهرجي اُن پائڻ سان شُڪر جي پيڙا جي شانتي ٿئي ٿي. اُن جو جاپ ڪجي ته شانتي ٿئي ٿي. **شني:** شنيءَ جي خراب دشا هجي ته سچو نيلم پائڻ يا دسامني رنگ يا لاجود پائڻ سان شنيءَ ڪي شانتي اچي ٿي اُن جو جپ ٢٣ هزار آهي آهي. (اوم پران پرين پرئون سه شنيشرايه نمه اوم) اُن جو جاپ ڪجي. **راهو:** راهو جي دِشا خراب هجي ته گرمين پيلي رنگ يا لعلائڻ وارو پائڻ سان شانتي ٿئي ٿي اُن جو جپ ١٨ هزار آهي. (اوم پران برين پرون سه رهوي نمه اوم) اُن جو جپ ڪرڻ سان شانتي ملي ٿي. ڪيتو: ڪيتو جي خراب دشا هجي ته لهسينا (بند مٽي) لهسيڻ هن ۾ ٻليءَ جي اکين جهڙي چمڪ ۽ ليڪا ٿيندا آهن. اُن پائڻ سان ڪيتو ڪي شانتي ملندي اُن جو جپ ١١ هزار آهي. (اوَم سران سرئون سه ڪيتو نَمَه نمه اوم) جو جاپ ڪجي ته شانتي ملي.

نوٽ: اِهي سڀ رتن منڊي ۾ پائيبا آهن ۽ ايڪاٽو رکبو آهي. وڏيڪ صلاح ڪنهن ڄاڻو کان ڪجي.

نون جوڙين رڪڻ جا نيم: انوراڌا، اُتر ڦالگني، اُتر اشاڍا، اُتر ڀادرپدا، پشيه، روهڻي، مرگشر، چترا، هست ۽ اَشوني اِنهن نڪشترن ۾ منگل ڏينهن نه هجي چوٿ، نام ۽ چوڏس تٿ نه هجي، ڪنڀ لگن نه هجن ته دڪان جو مهورت ڪرڻ فائدو ڏيندڙ آهي.

يوگني ڏسڻ جو رستو: پروا ۽ تام اُڀرندي تي، ايڪادشي اُبر ۽ ڏڻ ڪنڊ، پانچم ۽ تيرس ڏکڻ ني، چوٿ ۽ ٻڌر ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي ۽ ڇٺ چوڏس اولهه تي، ساتم ۽ پورڻما اولهه جي ڪنڊ تي، ٻيج ۽ پسئين اُتر تي ۽ اَٺم اُماس اُتر اولهه جي ڪنڊ تي هجن ته يوگني سمجهڻ گهرجي.

ڪال راهو ڏسڻ جو رستو: ڇنڇر ڏينهن اُبر تي، شُڪر ڏينهن اُبر ڏکڻ جي ڪنڊ تي، وسپت ڏينهن ڏکڻ تي، ٻڌر جو ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي منگل ڏينهن اولهه تي سومر ڏينهن اُتر جي ڪنڊ تي هجي ته ڪال راهه سمجهڻ گهرجي.

Scanned with CamScanner

ٽئين جاءِ ۾ ويهڻ جا مهينا ۽ ڏينهن جو ڦل: ٽئين جاءِ ۾ ويهڻ لاءِ ويساک، چيٽ، اکاڙ مانگهه ۽ ڦڳڻ عمدا مهينا آهن. پراڻين جاءِ ۾ ويهڻ لاءِ سانوڻ، ڪتي ۽ ناهري آهي سٺا مهينا آهن. ويساک ۾ اٺ ۽ ڏن جو چيٽ ۾ پسن جانورن ۽ ڏن جو مانگهه ۾ ڏن جو ۽ ڦڳڻ مهيني ۾ سنتان ۽ ڏن جو لاڀ ٿئي ٿو. سهاين جي پندرهن ڏينهن ۾ اونداهه جي ڏسڻ تائين جاءِ ۾ رهڻ سان پدارٿ ۾ سنتان وڌي ٿو.

تارا ٻل ويچار ڪنيا لاءِ: ڪنيا جي نکشترن کان گهوٽ جي نکشتر تائين گهوٽ جي ۵ ۽ ۷ اچي ته شڀ، نه ته اشڀ آهي. ٻنهي جون پاڇيو شڀ اچن ته نيشٽ (خراب) سمجهڻ گهرجن.

ڇوالامکي نکشتر ۾ وهانو (شادي) نه ڪرڻ گهرجي: گهڻو ڪري وواهه (وهانو) مهل شڀ مهورت ڏسي وواهه ڪبو آهي. پر ٽنهن هوندي به جي پرواهه مول، پانچم ۾ پرٽي، چيٽ يا اٺين ۾ ڪَرتڪا، نام ۾ روهڻي، ڏسئين ۾ آشيليشا هجي ته وهانو ڪنهن به صورت ۾ نه ڪجي، نه ته گهوٽ ڪنوار مان هڪ يا ٻئي مرن ٿا. نه رڳو ايترو پر ڪو ٻالڪ ڄمي يا بيمار ٿي پوي ته هو جلدي مري ٿو.

چور جي نالي جو انومان: پرشن ڪال (سوال ڪرڻ وقت) جيڪو به نکشتر هجي اُن جو جيڪو چرڻ (پهر) هجي ۽ اُن چرڻ (پهر) جا جيڪي چار اکر (چو چي، چو ۽ چا وغيره پٺاندڙ) هجن ته چور جي نالي جو پهريون اکر ملي سگهندو.

٤	١
٢	٣

بيماريءَ لاءِ سوال جواب: سنان شيوا ڪري پوينٽر تي (منتر) اوم شرين ڪيرتي پواني نمهه. هن منتر کي ۷ دفعا اُچاري چٺن اکرن تي سوپاري اُڇلايو جنهن انگ تي پوي اُن جو هيءُ جواب آهي. ١_ موت ٢_ ڄمڻ ٣_ بيماري وڌي ۴_ چنگو ڀلو ٿيڻ.

28 نکشتر ۽ ان جا سوامي

نکشتر	سوامي	نکشتر	سوامي	نکشتر	سوامي	نکشتر	سوامي
اشوني	اشوني ڪمار	پشيه	وسپت	سواتي	وايو	ابجت	برهما
ڀرٽي	يمراج	آشيليشا	سرپ	وشاکا	اندراگن	شروڻ	وشنو
ڪرتڪا	اگن	مگها	پتر	انوراڌا	متر	ڌنشٽا	واسو
روهڻي	برهما	پورواڦالگني	ڀرگو	جيشٽا	اندر	ست تارا	ورڻ ديو
مرگشر	چندرما	اتراڦالگني	آيورما	مول	راڪشس	پوروڀاڌرپدا	اجچرڻ سوريه
آردرا	رودر	هست	سوريه	پورواشاڍا	جل	اتراڀادرپدا	آروب دين
پنروسو	ادتي	چترا	وشوڪرما	اتراشاڍا	واسوديوا	ريوتي	پوشاڪرم

وَروَڌو ميلاپ جو ويچار

وَر، وڌو جي گڻن جو ميلاپ اُنهن جي "جنم راشي" تي ڪرڻ تمام ضروري آهي. پر جيڪڏهن ٻنهي مان ڪنهن ہ هڪ جي يا ٻنهي جي چٽي نہ آهي تہ پوءِ سنڌس پرسڌ نالي سان ئي گڻن جو ميلاپ ڪرڻ گهرجي.
سڀني کان پهرين "ورگ" جي باري ۾ ويچار ڪيو ويجي ٿو. ڪُل ٨ (اٺ) ورگ ٿيندا آهن. اُنهن جا سوامي هيٺين ريت آهن.

نمبر	ورگ	ورگ جو سوامي	ورگ جو اکر
١ـ	ا	گرڙ	ا، اُ، اي، او
٢ـ	ڪ	ٻلو ٻلي	ڪ، ک، گ، گهہ، ڱ
٣ـ	چ	شينهن	چ،ڇ، ج، جهہ،ڄ
٤ـ	ٽ	ڪُتو	ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڻ
٥ـ	ت	نانگ	ت، ٿ، د، ڌ، ن
٦ـ	پ	ڪئُو	پ، ڦ، ب، ڀ، م
٧ـ	ي	هرڻ	ي، ر، ل، و
٨ـ	ش	رڍ	ش، ش،س،هہ

ورگ ڦل: پنهنجي ورگ کان پنجين ورڪ جي پاڻ ۾ دشمني، چوٿون دوست ۽ ٽيون (ساڳئي) ٿين ٿا.
(١) دشمن: گرڙ جو نانگ، ٻليءَ جو ڪئُو شينهن جو هرڻ، تي جو رڍ دشمن ٿئي ٿو.
(٢) دوست: گرڙ جو ڪتو، ٻليءَ جو نانگ، شينهن جو ڪئُو نانگ جو رڍ، ڪوئي جو گرڙ، هرڻ جي ٻلي ۽ رڍ جو شينهن دوست ٿئي ٿو.
(٣) ساڳيو: گرڙ جو شينهن، ٻلي جو ڪتو شينهن جو نانگ، ڪتي جو ڪئُو نانگ جو هرڻ، ڪوئي جو رڍ، هرڻ جو گرڙ ۽ رڍ جو ملي پاڻ ۾ ساڳيا آهن.
ڪنيا جي نالي جو پهريون اکي جنهن ورگ جوهجي، اُن جي پنجين ورگ وارو نالو وَر جو نہ هئڻ گهرجي، جيڪڏهن وَر ۽ وڌو جو اکر ساڳئي ورگ جو هجي تہ شادي سُٺي ليکي ويندي آهي.
وَر جي راشي کان ڪنيا جي راشي تائين ڳڻڻ ۾ جيڪڏهن ٨ اچن تہ موت، ٩ يا ٥ اچن تہ ڪُل ۽ ٢ يا ١٢ اچن تہ غريبي ٿيندي آهي.
هيٺينن اِڊ گڻن جي شادي کان اڳ ويچار ڪرڻ ضروري آهي.

١ ـ ورڻ

١	مين، ورشچڪ ۷ ڪرڪ	اهي راشيون "برهمڻ ورڻ" جون آهن
٢	ميش، شنگهہ ۽ ڌن	اِهي راشيون "ڪتري وَرڻ" جون آهن
٣	مٿن، تلا ۽ ڪنڀ	اِهي راشيون "شودر وَرڻ" جون آهن
٤	ڪنيا، ورشچڪ ۽ مکر	اِهي راشيون "وشيہ وَرڻ" جون آهن

ورڻ	برهمڻ	کتري	شودر	وشيه
راشيون	۴، ۸، ۱۲	۱، ۵، ۹	۳، ۷، ۱۱	۲، ۶، ۱۰

ورڻ ڦل: پاڻ کان وڏيڪ وَرڻن واري ڪنيا سان شادي نہ ڪرڻ ڪپي، خاص طور سان "برهمڻ" وَرڻن سان جيڪڏهن ڪنيا برهمڻ وَرڻ جي آهي ۽ وَر شودر وَرڻ جو تہ ڪنيا "وڌوا" ٿئي ٿي.

٢_ وشيہ

مڪر راشيءَ جو پهريون اڌ ۽ ميش، شنگهہ ڌن راشيءَ جو پويون حصو ۽ وَر شُپ راشي اِهي راشيون "۴" قد چوائجن ٿيون.
ڪرڪ راشي "ڪيٽ"
ورشچڪ راشي "سرپ"
تلا، مٿن، ڪنيا ۽ ڌن راشي جو پهريون حصو اِهي سڀ دوشد آهن.
مڪر راشيءَ جو پويون حصو، ڪنڀ ۽ مين اِهي سڀ راشيون "جل چڙ" آهن.
وشيہ ڦل: تل، مٿن، ڪنيا ۽ ڌن جو پهريون اَڌ راشيون (دُپد) پپري آهن. اِهي راشيون شنگهہ راشيءَ ڪانسواءِ ٻين سيني "چار پد" راشيون مڪر جو پهريون اڌ ميش، ڌن جو پويون اڌ ۽ ورشچڪ ۽ جل چڙ راشيون ، مڪر جو پويون حصو، ڪنڀ ۽ مين، اُنهن سيني کي پنهنجي وس ڪري ڇڏين ٿيون، پر ورشچڪ راشي کان اُنهن کي ٻپ رهي ٿو.

٣_ تارا

ڪنيا جي نکشتر کان وَر جي نکشتر ۽ وَر جي نکشتر کان ڪنيا جي نکشترِ تائين ڳڻجي پوءِ ٻنهي انگن کي الگ الگ ڪري جوڙ ڪجي ۽ اُنهيءَ کي ۹ سان ونڊ ڪجي جيڪڏهن پاڇي ۳، ۵ يا ۷ بچن تہ "اُشڀ تارو" سمجهڻ گهرجي.
جنم نکشتر کان شادي جي ڏينهن واري نکشتر تائين ڳڻبو تنهن کان ۹ سان ونڊ ڪيو. جيڪو پاڇي بچي اُن کي "تارو" چئبو آهي.

نکشتر	يوني
اشوني، شتيشا	اشو
پرٽي، ريوتي	هاٿي
پشيہ، ڪرتڪا	ڇاگ
روهڻي، مرگشر	نانگ
آردرا، مول	ڪتو
پوروافالگني، آشيليشا	ڪئؤ
پنروسو آشيليشا	ٻلي

نکشتر	يوني
اُ، ڦا، پادرپدا	گائين
سواتي، هست	مينهن
انوراڌا، جيشٺ	هرڻ
چترا، وشاکا	چيتو
پوروا شاڍا، شروڻ	مرڪٽ
ڌنشٺا، پو، پادرپدا	شينهن
ايجيت، اُ، شاڍا	نور

Scanned with CamScanner

۴_ يوني وير (دشمني) چڪر

پاڻ ۾	گانءِ	هاٿي	ڪتو	نڪل	مرڪٽ	ڪوئُو
دشمن	چيتو	شينهن	هرڻ	نانگ	ڇاڳ	ٻلي

مٿي جانورن جي دشمني تي سرسري نظر ڦيرڻ سان صاف ظاهر آهي ته جنهن وَر ۽ وڌوءَ جو نڪشتر (جانور) هڪ ٻئي جا دشمن هجن، اُنهن کي پاڻ ۾ شادي نه ڪرڻ کپي.

۵_ گرهه

گرهه	سوريه	چندرما	منگل	ٻڌ	گُرو	شُڪر	شني
دوست	م، ب، چ	سوريه، ٻڌ	چنڊ، سو	سو، شُڪر	س، م، چ	ب، شني	ب، شُڪر
ساڳيا	ٻڌ	ب، ش،شني	س، شني	م، ب، شني	شني	م، ب	ورهسپت
دشمن	شُڪر، شني		ٻڌ	چ	ٻڌ، شُڪر	چ، سو	سو، چ، م

۶_ گڻ

گڻ چڪر:

گڻ	نڪشتر

ديوتا	اشوني	مرگ	ريوتي	هستا	پشيه	پنروسو	انوراڌا	شروڻ	سواتي
منشيه	پو، ڦا	پو، شا	پو، يا	اُ، ڦا	اُ، شا	اُ، يا	آردرا	روهڻي	ڀرڻي
راڪشس	ڪرتڪا	مول	آشليشا	وشاکا	چترا	چترا	جيشٽا	ڌنشٽا	مرگ

گڻ ڦل: وَر وڌو ٻنهي جا نڪشتر جيڪڏهن ساڳئي گڻ جا هجن ته شادي ڪانپوءِ ٻنهي ۾ ڏاڍو پيار ٿيندو. جيڪڏهن هڪ جو جنم نڪشتر ديوتا گڻ آهي ۽ ٻئي جو منشيه گڻ هجي ته وَر ۽ ڪنيا ۾ پيار وچولي درجي جو ٿيندو جيڪڏهن هڪ جنم، نڪشتر منشيه_ گڻ ۽ ٻئي جو راڪشس گڻ هجي ته شادي ڪانپوءِ وَر ۽ ڪنيا مان هڪ جو موت ٿئي ٿو يا هڪ ٻئي جو راڪشس گڻ جو هجي ته وواهه ڪانپوءِ ٻنهي ۾ ڏاڍي ڪلهه ٿيندي.

Scanned with CamScanner

٧- ڀڪوٽ

ڀڪوٽ ڪي راشي ڪوٽ بہ چوندا آهن.

(١) ڪنيا ۽ ميش (٢) ورک ۽ ڌن (٣) مٿن ۽ ورشچڪ (۴) ڪنڀ ۽ ڪرڪ (۵) مڪر ۽ شنگهہ (٦) تلا ۽ مين.

انهيءَ ڇهن راشين کي مرتيو. شششٽڪ چوندا آهن اُنهن جو تياڳ ڪرڻ کپي.

(١) ميش ۽ ورشچڪ (٢) مڪر ۽ مٿن (٣) ڪنيا ۽ ڪنڀ (۴) تلا ۽ ورک (۵) شنگهہ ۽ مين (٦) ڌن ۽ ڪرڪ

انهن ڇهن راشين کي وردي شششٽڪ چوندا آهن اِهي فائدي وارا آهن.

ڀڪوٽ ڦل: ڪنيا جي جنم راشيءَ کان وَر جي جنم. راشي ۽ وَر جي جنم. راشي جي ڪنيا جي جنم ڇهين يا اٺين هجي تہ ٻنهي جو مرتيو ٿئي ٿو نائين يا پنجين هجي تہ اولاد نقصان ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ٻن يا ٻارهين هجي تہ غريبي ملي ٿي، اُن ڪانسواءِ باقي ۾ سُک ملي ٿو.

مين کان ورشچڪ تائين ۽ ورشچڪ کان مين پنجين راشي آهي تنهنڪري "۹، ۵ ڀڪوٽ" ٿيو. اُن حالت ۾ شادي نہ ڪرڻ گهرجي. ساڳي طرح ڪنڀ کان مٿن ۽ مٿن کان ڪنڀ ۽ مڪر کان ڪنيا ۽ ڪنيا کان مڪر ۾ بہ شادي ڪرڻ نہ گهرجي. "نو ۽ پنج" راشيون پاڻ ۾ سٺيون نہ ٿينديون آهن.

جيڪڏهن وَر جو جنم. راشي کان ڪنيا جي جنم ۽ راشي تائين ۽ ڪنيا جي راشي کان وَر جي راشي پنجين آهي تہ وَر جي پتا جي، ڪنيا جي ماتا جو مرتيو ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن وَر جي راشي ڪنيا جي راشي پنجين ۽ ڪنيا جي راشي کان وَر جي راشي تائين آهي تہ پٽن ۽ پوٽن جو سُک ملي ٿو "ڇ اٺ" راشي مرتيو ڏئي ٿي اِن ڪري اُن جو تياڳ ڪرڻ کپي.

جيڪڏهن وَر ۽ وڌو ٻنهي جي راشين جو سوامي ساڳيو گرهہ هجي يا ٻنهي جي راشين جو سوامي جدا جدا گرهہ هوندي بہ اُنهن ۾ دوستي هجي تہ ۽ ناري، نکشتر وغيرهہ جي سُڌي هجي تہ ڀڪوٽ ۾ بہ وواهہ شُڀ ليکيو وڃي ٿو.

٨- ناڙي (ناڙي چڪر)

ناڙي	نکشتر								
آدي	جيٺ	مول	آردرا	پنروسو	شتڀشا	پو ڀا	اُ ڦا	هست	اشوني
مڌيہ	پشيہ	مرگ	چترا	انوراڌا	ڀرڻي	ڌنشٽا	پوهہ شا	پوهہ ڦا	اُ ڀا
انت	سواتي	وشاکا	ڪرتڪا	روهڻي	آشليشا	مگها	اُ شا	شروڻ	ريوتي

ناڙي ڦل: جيڪڏهن وَر ڪنيا جا نکشتر هڪ ئي ناڙي جا آهن تہ اُنهن جي مرتيو ٿئي ٿو ۽ شادي اُشڀ ثابت ٿئي ٿي.

جيڪڏهن وَر وڌو جي "آدي ناڙي" آهي تہ وَر جي مرتيو ٿئي ٿي، "مڌيا ناڙي" هجي تہ ڪنيا جي مرتيو ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ٻنهي جي " انت ناڙي" آهي تہ ٻنهي جي مرتيو ٿئي ٿي.

جيڪڏهن وَر ۽ وڌو ٻنهي جو نکشتر ساڳيو آهي تہ ناڙي دوش نٿو ليکيو وڃي، پر جيڪڏهن ٻنهي جو الگ الگ نکشتر ساڳي ناڙي ۾ آهي تہ اُن حالت ۾ وواهہ نہ ڪرڻ گهرجي.

Scanned with CamScanner

ڳڻن موجب شُڀ ۽ اَشُڀ ڦل جو ڳيان

ورڻ، وشيہ: جيڪڏهن وَر، وڌو جو وَرڻ هڪ ئي هجي ۽ وَر جو وَرڻ اُتم هجي تہ هڪ ڳڻ ٿئي ٿي. جيڪڏهن وشيہ يڪشڪ آهي تہ اڌ ڳڻ ملي ٿو دشمن وشيہ هجي تہ هڪ ڳڻ ملي ٿو ۽ دوست ٿيا ساڳيو هجي تہ ٻہ ڳڻ ٿين ٿا.

تارا: جيڪڏهن وَر ۽ ڪنيا ٻنهي جو "تاررو" شُڀ آهي تہ ٽي ڳڻ ٿين ٿا. ۽ هڪ تارو شُڀ ۽ هڪ اشڀ جي حالت ۾ ڏيڍ ڳڻ ڏئي ٿو باقي نہ تہ بُري ڳڻ سمجهڻ گهرجي.

يوني: جيڪڏهن مهاوير (دشمن) يوني هجي تہ ٻڙي ڳڻ سمجهڻ گهرجي جيڪڏهن ويہ هجي تہ هڪ ڳڻ ساڳي يوني ٽي ڳڻ ۽ دوست يوني ۾ چار ڳڻ ٿين ٿا.

دوستي (ميتري): جيڪڏهن وَر ڪنيا جي راشي ۾ دشمني هجي تہ ٻڙي ڳڻ ملي ٿو. هڪ دشمن هڪ ساڳئو تہ هڪ ڳڻ ملي ٿو، هڪ دشمن هڪ دوست تہ ٻہ ڳڻ ملن ٿا ٻئي ساڳيا هجن تہ ٽي ڳڻ ملن ٿا. هڪ "ساڳيو" ۽ هڪ دوست هجي تہ چار ڳڻ ملن ٿا جيڪڏهن ٻنهي راشين جو سوامي هڪ ئي هجي يا ٻنهي راشين جو سوامي ۾ دوستي هجي تہ پنج ڳڻ ٿين ٿا.

ڳڻ: جيڪڏهن وَر ڪنيا جو ساڳيو ڳڻ آهي تہ ڇهہ ڳڻ ملن ٿا. وَر ديوتا ڳڻ ۽ ڪنيا منشيہ ڳڻ هجن تہ ڇهہ ڳڻ ملن ٿا ڪنيا ديوتا ڳڻ ۽ وَر راڪشس ڳڻ هجي تہ هڪ ڳڻ ٿيندو آهي. جيڪڏهن هڪ منشيہ ۽ ٻيو راڪشس ڳڻ هجي تہ ٻڙي ڳڻ ٿئي ٿو.

ڀڪوٽ: جيڪڏهن وَر وڌو ششٽڪ غلط. ڀڪوٽ هجي پر وَر جي راش: ڪان ڪنيا جي راشي پريان هجي ۽ ٻنهي جي يوني ۾ دوستي هجي يعني يوني ڳڻن ۾ دوستي هجي تہ چار ڳڻ ٿين ٿا. جيڪڏهن اِهي ڳالهيون نہ هجن تہ ٻڙي ڳڻ سمجهجي، جيڪڏهن وَر وڌو جو نڪشتر تہ ساڳيو هجي، پر اُن ۾ چرڻن، فرق هجي تہ هڪ ڳڻ ٿيندو آهي. جيڪڏهن ٻنهيءَ جا نڪشتر ۽ چرڻن الڳ الڳ هجن تڏهن ٻہ هڪ ڳڻ ٿئي ٿو جيڪڏهن دُشٽ ڪانو ڪوٽ هجي، راشين ۾ دشمني هجي ۽ ڪنيا ڪان وَر پريان هجي تہ ڇهہ ڳڻ ليکبا آهن، جيڪڏهن نڪشتر جدا جدا هجن، پر راشي ساڳي هجي تہ پنج ڳڻ ٿيندا آهن، اُن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ هجي تہ ست ڳڻ ٿيندا آهن.

ناڙي: جيڪڏهن وَر ۽ ڪنيا جي ناڙي جدا جدا هجي تہ اَٺ ڳڻ ٿين ٿا. جيڪڏهن ٻنهي جي ناڙي هڪ ئي هجي تہ ٻڙي ڳڻ ٿئي ٿو.

مٿين ٻڌايل ڳڻن جو جوڙ جيڪڏهن ارڙهن(١٨) کان وڌيڪ هجي تہ وواهہ سُک دائڪ ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن ارڙهن کان گهٽ هجن تہ وواهہ اُشڀ سمجهڻ گهرجي.

سندر شيوا منڊلي طرفان هرسال نئين سال جا ڊرمي وال، پاڪيٽ، ٽيبل ڪئلنڊر ڇاپيا ويندا آهن جنهن ۾ توهان ڊرمي ڏڻ وار پڻ شامل هوندا آهن.
توهان بہ پنهنجن وڏن جي ياد ۾ يا پوءِ پنهنجي ڪاروباري پبلسٽي لاءِ سندر ڪئلنڊر ٺهرائڻ چاهيو تہ اسان سان رابطو ڪريو.

واستو شاستر

اڳئين سال سندر ٽيپڻي ۾ توهان کي واستو شاستر جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون هيون. اسان کي بيشمار پاٺڪن وٽان اِن واستو شاستر جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي آهي. اِن ڪري هن ٻي (Second) قسط ۾ اسان ڪجهه (Points) پيون ڏيون ٿا. اُميد ته توهان لاءِ اِهي ڪارگر ثابت ٿيندييون ۽ اُن موجب پنهنجي. نواس استان ۾ ڦير گهير آڻي سگهندا. شانت ۽ صحت وارو جيون گذاريندا.

واستو شاستر موجب هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ کپن:

(١) گهر جو مُکيه دروازو ڪڏهن به ڏکڻ ۾ نه هئڻ گهرجي. اِهو اَشُڀ آهي اِن اَشُڀتا کي دُور ڪرڻ لاءِ (Pyramid) رکجي يا ڪمري جي اندر در جي قد جيتري آرسي اِن طريقي سان رکجي جيئن دروازي جو سڄو عڪس آرسي ۾ ڏسڻ ۾ اچي.

(٢) پاڻيءَ جو مٽڪو ۽ پاڻي پيئڻ جا باسڻ سدائين اُتر اُپر ۾ هئڻ گهرجن.

(٣) رڌڻي جون ضروري شيون اناج، مصالا، داليون وغيره ڏکڻ يا اولهه پاسي رکڻ گهرجن.

(٤) پوڄا پاٺ ڪرڻ وقت پڳوانن جي اکين ۾ اکيون نه ملائڻ کپن. سدائين ديوتائن جي چرڻن ۾ نظرون هئڻ گهرجن يا اکيون بند ڪري ويهڻ گهرجي.

(٥) استوپ يا گئس برنر سدائين پٽ کان ٿورا انچ پري ڏکڻ، جي اُپر پاسي هئڻ کپي.

(٦) ٻه شو لنگ، ٻه شالنگ رام، ٻه شنک، ٽي درگائون، ٽي گڻيش اُنهن جي پوڄا واستو شاستر موجب جهليل آهي.

(٧) باٿروم ۾ موريون (ناليون) ڪڏهن به ڏکڻ، اُتر ڏکڻ، اولهه ۾ نه هئڻ گهرجن.

(٨) گهر کي مرمت ڪرائڻ کانپوءِ يا سجائڻ کانپوءِ يا اُن کي وڌائڻ کانپوءِ وري واستو پوڄن تمام ضروري آهي.

(٩) گهر ۾ گٽر (Gutters) ڏکڻ کانسواءِ ڪنهن به طرف لڳائي سگهجن ٿا.

(١٠) دريون ۽ دروازا سدائين ٻڏي (٢، ٤، ٦، ٨ وغيره) ۾ هئڻ کپن پر ڪڏهن به ٻڏي ۾ ختم نه ٿيڻ يعنيٰ ١٠، ٢٠، ٣٠ وغيره.

(١١) پوڄا گهر ۾ جوت سدائين ڏکڻ، اُپر ۾ هئڻ گهرجي.

(١٢) پوڄا گهر ۾ شو ڪيسن (Show,cases) ۽ الماريون (Almirhas) سدائين ڏکڻ ۽ اولهه طرف هئڻ گهرجن.

(١٣) ماني ڪرڻ وقت منهن اُوپر پاسي هئڻ گهرجي.

(١٤) زمين (فرش) جولا ڪڏهن به ڏکڻ پاسي نه هئڻ گهرجي.

(١٥) ڪمري (Room) ۾ ويهڻ جي جڳهه اُوپر، اولهه يا اُتر ۾ هئڻ گهرجي پر ڪنهن به حالت ۾ ڏکڻ پاسي نه هئڻ گهرجي.

Scanned with CamScanner

(١٦) پوڄا گهر شو چاليها (Toilet) جي بلڪل هيٺيان يا بلڪل مٿان نه هئڻ گهرجي.
(١٧) ڇت جولا (Slope) اُتر يا اُوڀر ۾ هئڻ سٺو آهي.
(١٨) ڪمري (Room) ۾ ڪٿي به موري نالي نه هئڻ گهرجي.
(١٩) گهر جيڪڏهن گهڻن ماڙن جو هجي ته گهر جي مالڪ کي سڀني کان مٿي واري ماڙي ۾ رهڻ کپي.
(٢٠) اڀيئن، گهر (Study Room) ۾ ڪتاب اُتر يا اُوڀر ۾ هئڻ گهرجن.
(٢١) ڪولر (Cooler) سدائين اولهه ۾ هئڻ کپي پر ڪڏهن به ڏکڻ، اُوڀر پاسي نه هئڻ گهرجي.
(٢٢) گهر ۾ ڪنهنجو به بيڊروم (Bed Room) گهر جي بلڪل وچ ۾ ڪڏهن به نه هئڻ گهرجي.
(٢٣) ماني کائڻ وقت اُوڀر پاسي منهن ڪري ويهڻ سُٺو آهي، اُتر ۽ اولهه به ٺيڪ آهي پر ڪنهن به حالت ۾ ڏکڻ پاسي منهن ڪري نه کائڻ کپي.
(٢٤) ڌيان رهي، گهر ۾ ڪڏهن به چارا نه ٽيڻ کپن.
(٢٥) گهر جو ڏکڻ اولهه پاسو ڪڏهن به خالي (Vacant) نه رکڻ کپي.
(٢٦) قدرتي نظارا ۽ مورتيون کائڻ واري ڪمري (Dimming Room) ۾ خوشي جو ماحول پيدا ڪندا آهن.
(٢٧) اُوڀر يا اُتر ۾ تُلسي جو وڻ ضرور لڳائڻ کپي.
(٢٨) جي ڪٻٽ جي تجوڙي ۾ پئسا ۽ زيور رکيا هجن اُن ۾ ڪڏهن به ڪپڙا يا ٻاسڻ ڪڏهن به نه رکڻ گهرجن. جيڪڏهن تمام ضروري هجي ته ڪٻٽ جي هيٺين اڌ ۾ رکڻ گهرجن.
(٢٩) سون، چاندي ۽ ٻيون قيمتي شيون تجوڙي ۾ اولهه يا ڏکڻ پاسي رکڻ گهرجن.
(٣٠) تجوڙي جي مٿا ڪڏهن به ڳرا سامان (Heavy.Lugauge) جهڙين ته سوٽ ڪيس (Suit Cases) وغيره نه رکڻ کپن. چاڪاڻ ته ڌرتيءَ جي ڪشش جي دوران اُن تي پوندو.
(٣١) جنهن ڪمري ۾ مال ملڪيت جا پنا (ڪاغذ) رپيا، پئسا، سون، چاندي وغيره هجن ته اُن ڪمري کي پيلي (Yellow) رنگ جون سرون (Tiles) يا رنگ (Colour) هڻائڻ کپي ائين ڪرڻ سان پئسي ۾ برڪت پوندي.
(٣٢) تجوڙي ڪڏهن به ڪنهن ٻيم (Beam) جي هيٺيان نه هئڻ گهرجي.
(٣٣) جنهن ڪمري ۾ اناج هجي اُتي لڇمي، نارائڻ جي تصوير (Photo) اُوڀر واري پٽ تي لڳائجي.
(٣٤) جنهن ڪمري ۾ اناج هجي اُن ڪمري ۾ سدائين اُتر اُوڀر ۾ هڪ پاڻيءَ سان ڀريل مٽ (Pitch) هئڻ گهرجي ۽ ڌيان رهي ته اِهو ڪڏهن به خالي نه ڇڏڻ گهرجي ۽ سدائين ڀريل هجي.
(٣٥) گهر جي وچ ۾ سو چاليها، رنڌڻو، بيڊروم وغيره ڪڏهن به نه ٺهرائڻ گهرجن.
(٣٦) ورانڊي ۾ جيڪڏهن پينگهه (Swing) آهي ته اُها سدائين اُوڀر اولهه پاسي ئي هئڻ کپي.
(٣٧) ورانڊي ۾ ويهڻ جي جڳهه سدائين ڏکڻ يا اولهه ۾ هئڻ گهرجي.
(٣٨) ڏاڪڻ سدائين اُڀر کان اولهه ڏانهن مٿي هئڻ گهرجي يا اُتر کان ڏکڻ پاسي هئڻ گهرجي.
(٣٩) ڏاڪڻ يا ڏاڪڻ جو ڦيريون ڏاکو ڪڏهن به گول (Round) نه هئڻ گهرجي.
(٤٠) گهر جي ڀرين ماڙي تي فقط بيڊروم (Bed Room's) پڙهائي جو ڪمرو (Study Room) وغيره يا وڏي عمر وارن جي رهڻ جو ڪمرو هئڻ کپي.

(۴۱) بيسمنٽ (Basement) ۾ جيڪڏهن پاڻي آهي تہ اُهو جيڪڏهن گهٽي وقت کان وٺي استعمال نہ کيو ويو آهي تہ اُن پاڻيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ وڃڻ گهرجي، تمام خطرناڪ آهي.

(۴۲) اور هيڊ ٽينڪ (Over Head Tank) ڪڏهن بہ ڏکڻ يا اُوپر پاسي نہ هئڻ گهرجي پئسي ۾ گهاٽو پوي ٿو ۽ اپ، گهاٽ (Accident) ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو.

(۴۳) گهرو جانور يا پکيءَ جا گهوسلا (آکيڙو) اُتر اولهہ پاسي پيلي هجن.

(۴۴) گهر جي مُکيہ دوار (Main Entrance) جي سامهون کو بہ ننڍو وڏو سٿو يا ميووي وارو وڻ ڪڏهن بہ نہ لڳائڻ گهرجي (نہ هئڻ گهرجي).

(۴۵) نئين گهر ۾ گرهڻ کان اڳ ستيہ نارائڻ سوامي جي پوڄا، گڻيش پوڄا، نو گرهہ شانتي ۽ واستو پرويش جي پوڄا ڪري پوءِ گهر ۾ پرويش ڪرڻ گهرجي.

(۴۶) واستو پوڄڻ کانپوءِ گهر جي چؤڌاري پڳوان جو نالو وٺندي هڪ دفعو پُرڪرما (دان پُڄ) ڏڻ ضروري آهي. زالن کي کپي تہ مٽي تي مٽ رکي، خوشبو وارا گل کيرائيندي گهر جي چؤڌاري هڪ دفعو ڦيرو ڏين.

(۴۷) جيڪڏهن ڪنهن وڏي مندر ۾ ٻيا ننڍا مندر آهن تہ پڳوان هنومان ۽ ديوي ڪالي ماتا جو منهن ڏکڻ پاسي هئڻ گهرجي.

(۴۸) ڪپڙا يا ٻاسڻ اُتر اُوپر يا اُتر اولهہ پاسي ڪڏهن بہ نہ ڌوئجن.

(۴۹) اسٽور روم (Stor Room) ۾ ڳريون شيون رکڻ کپن، اُتي لوهہ جو سامان ، ڪپ، ڪينچيون، ڪارايون وغيرہ رکي سگهجن ٿا.

(۵۰) اسٽور روم (Store Room) ۾ ڌن، دولت، سون، چاندي، زيور وغيرہ يا ضروري پنا (Important Documents) ڪڏهن بہ نہ رکڻ گهرجن. اُن ڪمري مان ڪابہ شي جلدي ٻاهر نٿي نڪري سگهي نہ چاهيندي بہ اسان جو اُنهن ڏانهن ڌيان نٿو وڃي.

نوٽ: ڪنهن بہ جڳهہ جو جيڪڏهن واستو ٺيڪ نہ آهي تہ اُن کي ماپيو بہ وڃي ٿو ۽ دُور بہ ڪيو وڃي ٿو. خاص طور سان لڏ ڪٽي (Pndunum) جي ڊائوزينگ (Dowsing) سان اُتي جي (Negativity) ماپي وڃي ٿي. (Negativity) ماپڻ جا ٻئي اوزار آهن (Latcher Antennae Lobe Antennae, Biometer) ڏکڻ امريڪا ۾ برازيل ۾ ۳، ۴ هزار سال جهونيون ڪرسٽل (Silicon_Di_oxite) جون ڪاٺيون آهن اُنهن مان جڏهن جدا جدا ماپ جا پرئمڊ (Pyramit) ٺاهي واستو دوشي واري جڳهہ تي رکجن ٿا تہ اُتي جو واستو دوش ۽ پنوتي دُور ٿي وڃي ٿي. سراسري ننڍي ۾ ننڍي پرئمڊ (Pyramid) جي شڪتي ۱۴ هزار بونس آهي. (شڪتي جي ماپ جو ايڪو بونس آهي، Gy=bons Unit Of Measuning Ener) مٿي واستو شاستر جي هڪ جهلڪ ڏني ويئي آهي. ياد رهي تہ واستو وديا تمام گهري ۽ پيچيدہ آهي. توهان کي وينتي آهي تہ واستو دوش پنهنجو پاڻ سڌارڻ جي ڪوشش نہ ڪندا، نہ ئي ڪنهنجي چڪر ۾ اچي جنهن ۴، ۵ واستو تي پستڪ پڙهيا هجن ۽ اُن جي چوڻ ۾ اچي واستو دوش جو اُن کان نوارڻ ڪرايو. ڪنهن سٺي واستو گياني ۽ ودوان کان صلاح وٺي واستو ٺيڪ ڪرايو.

Scanned with CamScanner

ڌرم شنڪائون ۽ اُن جو نوارڻ

سوال: هندو ڌرم موجب ٻار جيڪڏهن مري وڃي ته ڪهڙي عمر تائين زمين ۾ دفن ڪجي؟

جواب: ٻار ٢٧ مهينن تائين زمين ۾ دفن ڪجي. (نوٽ: هن حالت ۾ ٩ مهينا گرڀ جا پڻ ليکجن) ٻار کي اڇي نئين ڪپڙي ۾ ويڙهي، ٥ ڪلو ٿلهو لوڻ به اُن سان گڏ زمين ۾ مٿان وجهجي ۽ ڪير ڪچو مٿان ڇنڊجي، زمين ۾ دفن ڪري مٿان ڏئو ۽ اگربتيون ٻارجن.

سوال: اڌ ڪريا ڇا ٿيندي آهي؟

جواب: اڌ ڪريا ١٢ سالن تائين ٿيندي آهي. جيڪڏهن ٻار کي جٽيون نه پيل هجي. اگني سنسڪار ڪري اُن جون هائيون سمنڊ يا نديءَ ۾ پروان ڪجن. ٧ ڏينهن ڏهاڪو، اٺين ڏينهن يارهو ۽ نائين ڏينهن ٻارهو ڪرڻ ۾ ايندو. پر جيڪڏهن ٻار کي جٽيو پيل آهي ته اُن جي سَي ڪريا يعنيٰ ڏهين ڏينهن ڏهاڪو، يارهين ڏينهن يارهو ۽ ٻارهين ڏينهن ٻارهو ٿيندو.

سوال: ڏهاڪو الڳ ڪهڙي حالت ۾ ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اڄ ڪلهه وڏن شهرن ۾ اڪثر پهرين ڏينهن پراڻي سان ڏئو ساڻ ڏين ٿا. جيڪي ڏيئو ساڻ ڏين ٿا اُنهن کي ڏهاڪي ۽ يارهين جي ڪريا، يارهين ڏينهن گڏ ڪرڻ گهرجي، پر جيڪي گهر ۾ ٽي ڏينهن يا ڏهه ڏينهن ڏيئو ٻارين ٿا اُنهن کي ڏهاڪي جي ڪريا الڳ ڪرڻ گهرجي.

سوال: ڪي انگريزي تاريخ موجب شراڌ ڪن ٿا ڇا اهو سهي آهي؟

جواب: انگريزي تاريخ موجب شراڌ ڪرڻ سرار غلط آهي. جنهن ڏينهن پراڻي شرير تياڳيو آهي، اُن ڏينهن جيڪا تٿ هجي (سائي يا اونداهي) اُن تٿ تي شراڌ ڪرڻ گهرجي.

سوال: نوراتن ۾ جيڪڏهن ٻارهو يا ٻارهن ماسي ٿئي ته اُن جو هون ڪرائجي يا نه ؟

جواب: نوراتن ۾ جيڪڏهن ٻارهو يا ٻارهن ماسي اشٽمي جي اندر ٿئي ٿو ته اُن جو هون ڪونه ڪرائبو باقي، ٻي سڀ پوڄا پنڊ ۽ ترپڻ ٿيندا. شاسترن ۾ نومي کان وٺي هون ڪرڻ جي آگيا ڏنل آهي؟

سوال: گيا ۾ وڏن جي نمت پنڊ پراڻ ڪڏهن ڪرڻ گهرجي ؟

جواب: گيا ۾ وڏن جي نمت پنڊ سال پوري ٿيڻ کانپوءِ ڇيو ويو آهي. سرڳواس ٿيل پيچ آتمائون پيون واجهائينديون آهن ته ڪير اسان جي ونش مان اچي گيا ۾ پنڊ دان ڪري. سرڳواس ٿيل آتمائون پنهنجي اولاد کي آشرواد ڏينديون آهن ته سندس اولاد خوشحال ۽ سُکي گذاري.

پريه پاٺڪو: جيئن ته اِها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي نه آهي ته سندر شيوا منڊلي ڪيترن سالن کان توهان تائين ڌرمي پُستڪ ڇپائي توهان تائين پهچايا آهن ڪجهه ٻن ٽن سالن کان اسان جي رفتاري ۾ فرق آيو آهي اُنهن جون ڪجهه ذاتي ڪارڻ به آهن پر ڀڳوان جي ڪريا سان هاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر نئي جوش ۽ جذبي سان سندر شيوا منڊلي توهان جي سامهون اچي رهي آهي جيڪو تمام جلد توهان پاڻ محسوس ڪندا اسان کي توهان جي ساٿ جي ضرورت آهي جيئن اڳي توهان اسان جو ساٿ ڏيندا رهيا آهيو. آئون اُميد ٿو ڪريان ته هن ڀيري به توهان اسان جو ساٿ ڏيندا.

شيوا ۾: سندر شيوا منڊلي ڪوٽڙي

نقصان پهچائيندڙ گهرن جو راجا ٨ (اٺون گهر)

جنم پتري (چنيءَ) ۾ ٦، ٨ ۽ ١٢ گهر نقصان پهچائيندڙ بيماري آڻيندڙ موت يا وڏي حادثي، موت جو ڪارڻ وغيره جي باري ۾ مٿي ڏنل گهرن مان خبر پوي ٿي. اُنهن گهرن کي ترڪ چئبو آهي. اُنهن ٽنهين مان ٨ گهر سڀني کان خراب ليکيو ويندو آهي ۽ اُن جي سوامي سڀني کان وڏيڪ نقصان ڪار ليکيو ويندو آهي ۽ ٨ گهر ۾ نقصان پهچائيندڙ ڏن سمپتي جو ناس ڪري ٿو. ٨ گهر مان موت، موت جو ڪارڻ، شاررڪ بيماري ۽ سمپتي جي تباهي وغيره جي ڄاڻ پوي ٿي. فقط شني هن گهر جو ڪارڪ آهي ٨ گهر جو سوامي پنهنجي شني جي مها دشا ۾ نقصان پهچائيندڙ نتيجا ڏيندو آهي. اِهي ڪيئن ٿا نقصان پهچائين اُهو هيٺ ڏجي ٿو. اڪثر اِهو ٨ گهر جي سوامي جي جدا جدا گهرن مان اسان کي خبر پوي ٿي ۽ اُن جي درشٽي جدا جدا گهرن تي ڪيئن پوي ٿي.

پهرين گهر ۾، ڳري ۽ اينگهائيندڙ بيماري يا موت (پنهنجي مها دشا ۾)

ٻئين گهر ۾، پئسي جو نقصان نظر تي اثر، ملڪيت جو خاتمو.

ٽئين گهر ۾، ننڍن ڀائرن سان وادَ وواد يا جهڳڙو ۽ اُنهن مان ڪنهنجو موت.

چوٿين گهر ۾، ماءُ سان گهڙو، پورو جن (وڏن) جي ملڪيت ڪي نقصان، شادي نه ٿيڻ ڀاءُ جو بيمار پوڻ

پنجين گهر ۾، ٻارن سان جهڳڙو اُنهن کان الگ رهڻ يا ٻارن جو موت.

ڇهين گهر ۾، زوري رٽائرمنٽ، پئسي جي گهوٻين جو الزام ۾ نوڪري مان ڪڍي ڇڏڻ.

ستين گهر ۾، زال سان جهڳڙو، جدائي يا طلاق، ڏنڌي ۾ نقصان.

اٺين گهر ۾، گنڀير موت يا گوليءَ سان موت، آڪسيجن وغيره

نائين گهر ۾، پيڙهائي ۽ ڏکهي مسافري ۾ رنڊڪون.

ڏهين گهر ۾، نوڪري مان ڪڍي ڇڏڻ، نوڪري بدلائڻ، الزام لڳائڻ.

يارهين گهر ۾، آمدني تمام گهٽ يا بلڪل نه.

ٻارهين گهر ۾، آ جيون (عمر قيد) جي سزا، زال جو موت يا جدا ٿيڻ.

جيڪڏهن اٺين گهر جو سوامي منگل آهي ته اُهو پنهنجي گهر کان ۴، ۷ ۽ ۸ گهر تي درشٽي وجهندو ۽ نتيجو ڏيڪاريندو. جيڪڏهن ٨ جو سوامي شني آهي ته جنم پتري ۾ پنهنجي گهر کان ۳، ۷ ۽ ۱۰ گهر تي پنهنجي درشٽي وجهندو ۽ نتيجو اُن موجب ٿيندو. باقي گرهه پنهنجي گهر کان فقط ۷ گهر تي پنهنجي پورن درشٽي وجهندا. راهو ۽ ڪيتو جيڪڏهن ٨ گهر جا اُپ. سوامي آهن ته پنهنجو نتيجو ڏيڪاريندا. اڪثر مٿيون ڳالهيون ٨ گهر جي سوامي جي مها دشا ۾ ٿين ٿيون يا اُن جي ڪارڪ شني جي مها دشا ۾ ٿين ٿيون. گرو ئي هڪ گرهه آهي، جيڪو مٿي جيڪو مٿي ڏنل نقصانن کي گهٽ ڪري ٿو. گرو جي درشٽي پنهنجي گهر کان ۵، ۷ ۽ ۹ گهر تي پوي ٿي. اُن ڪري گرو گرهه جو آشيرواد فائدو پهچائي ٿي.


لهڻا ڏيڻي- گهوٽ- ڪنوار، مالڪ، نوڪر، پائيوار وغيره


	ميک ل_ڏ	ورک ل_ڏ	متن ل_ڏ	ڪرڪ ل_ڏ	شنگھ ل_ڏ	ڪنيا ل_ڏ	تل ل_ڏ	ورشچڪ ل_ڏ	ڌن ل_ڏ	مکر ل_ڏ	ڪنڀ ل_ڏ	مين ل_ڏ
۱_ ميک	سَر	۲_۱۲	۳_۱۳	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲
۲_ ورک	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳
۳_ متن	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۱۰_۵	۱۰_۴
۴_ ڪرڪ	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۹_۶	۹_۵
۵_ شنگھ	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۸_۷	۸_۶
۶_ ڪنيا	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۷_۸	۷_۷
۷_ تل	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۶_۹	۶_۸
۸_ ورشچڪ	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۳_۱۱	۱۰_۵	۵_۹
۹_ ڌن	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲	۴_۱۱	۴_۱۰
۱۰_ مکر	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۳_۱۲	۳_۱۱
۱۱_ ڪنڀ	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر	۲_۱۲
۱۲_ مين	۲_۱۲	۳_۱۱	۴_۱۰	۵_۹	۶_۸	۷_۷	۸_۶	۹_۵	۱۰_۴	۱۱_۳	۱۲_۲	سَر

سمجهاڻي: لهڻا ڏيڻي معنيٰ ضَنت (۱) ٽوٽل هميشہ ۱۴ ايندو. (۲) سرَ راس معنيٰ پنهي جي ساڳي راس سرَ راس ۾ پاڻ ۾ اُتي پريت ٿئي يا اُتي اٽبت ٿئي. (۳) گهوٽ ڪنوار جي ساڳئي (سرَ) راس هجي تہ ضنت جي حساب سان ڪنوار جو نالو مٿائيجي (۴) اٺ ڇنڪو (۸، ۶) ڏوئا باري (۶، ۱۲) يا ڪنوار جي لهڻا ڏيڻي گهڻ هجي تڏهن بہ نالو مٽائيجي ڪنوار جيترو

گهوٽ کي وڌيڪ لهڻيندي تہ پتي کي ڀاڳ وارو بڻائيندي نالو ويڏي تي مٽائجي (۵) شُڀ اَشُڀ لهڻا ڏيڻي جو پڻ چارٽ ڏسندا (۶) لهڻا ڏيڻي گهوٽ ڪنوار ڪانسواءِ ٻين حالتن ۾ پڻ ڏسبي آهي جهڙوڪ مالڪ، نوڪر، پائيوار، سس، ننهن، نراڻ، ڀاڄائي، ڏير، سُهرو نُهن، پائر پُٽ، ماءُ ڌيءُ وغيره (۷) واپار جي لاءِ جي خيال کان پڻ ڏنڏي جو نالو اهڙو رکجر جنهن نالي جي ضَنت اُن شهر مٿان هجي جنهن شهر ۾ واپار ڪجي ٿو.

ٻہ ڪنڊلين جا اسڪيچ پوندا





اُپيڪت ٻنهي ڪنڊلين کي ڏسندا تہ مين کان ڪنيا راشيءَ جي اندر سيئي گرهہ آهن مين ۾ راهو ۽ راهوءَ جي چال مين کان ڪنڀ، مڪر، ڌن، ورشچڪ، تل کان ڪنيا تائين ۽ انهيءَ حساب سان ٻيا گرهہ سوريہ، چنڊ، منگل، ٻڌ، گرو، شُڪر، شني آهي. مطلب تہ سڏو سئنون ڪال سُروپ يوگ آهي. پر ٻئي ڪنڊليءَ ۾ ڏسندا تہ راهو ڪنيا راشيءَ ۾ آهي ۽ اُن جي چال شنگهہ، ڪرڪ، مٿن، ورک، ميک، مين جي اندر سڀ گرهہ نہ ٽي ڪري اُن جي اُبتڙب آهن. اهڙي ريت ۾ ڪال سُروپ يوگ ڪونہ ٿيندو آهي. ڪجهہ الپگيہ جوتشي اُن کي چنگيءَ طرح نہ سمجهي اُن کي بہ ڪال سُروپ يوگ چئي وجهندا آهن جيڪو بلڪل غلط آهي.

نوٽ: ڪنهن ڄاڻو جوتشيءَ کي ڇنني ڏيکاريو پوءِ ئي وڃي "**ڪال سُروپ دوش**" جي پوڄا ڪرايو.

کهڙو رتن ڪنهن کي ڌارڻ ڪرڻ کپي؟

ماڻڪ: ماڻڪ رتن سج جو هوندو آهي جنهن ماڻهوءَ جي ڪنڊليءَ ۾ سج شُڀ گڻن جو سوامي هجي تہ اُنهن گڻن کي وڌائڻ لاءِ ماڻڪ رتن ڌارڻ ڪرڻ لاڀ دائڪ ٿيندو آهي.

جنهن ڪنڊليءَ ۾ سج جو لگن هجي تہ سوريہ يوگ جو پرڀاؤ کي وڌائڻ لاءِ ماڻڪ پائڻ کپي.

جيڪڏهن سج ٽيون، ڇهون يا ايڪادش يوگ ۾ هجي تہ ماڻڪ رتن پائڻ کپي.

اگر سوريہ اٺين جڳهہ تي يا سج اشٽميش هجي تہ ماڻڪ رتن نہ پائڻ گهرجي.

اگر سج جي استٿي سپتم يوگ ۾ ٿئي تہ گرهست سُک جي لاءِ ماڻڪ پائڻ گهرجي.

جنم ڪنڊليءَ ۾ سج پنجم يا نوم يوگ ۾ هجي تڏهن بہ ماڻڪ ڌارڻ ڪرڻ کپي.

موتي: موتي چندرما جو رتن آهي. جنهن جاتڪ جي جنم ڪنڊليءَ ۾ چندرما شُڀ يوگ جو مالڪ هجي اُن کي موتي پائڻ گهرجي.

اگر چندرما پنچميش ٿي ڪري دوادش ڀاؤ ۾ هجي تڏهن موتي ڌارڻ ڪرڻ شُڀ آهي.

اگر چندرما ڀاؤ يوگ جو سوامي هجي ۽ اُن ڪنڊليءَ ۾ ڪٿي بہ هجي تڏهن بہ موتي پائڻ سُٺو آهي.

مرڪز ۾ چندرما جي موجودگي هلڪي ميڃي وينئي آهي. اهڙي چندر کي ٻلوان ڪرڻ لاءِ موتي پائڻ ضروري آهي.

اگر چندرما، راهو ڪيتو يا منگل جي نظر ۾ هجي تہ موتي پائڻ تمام لاڀدائڪ ٿيندو آهي. جنهن جاتڪ جي ڪنڊليءَ ۾ چنڊ، ورشچڪ راشيءَ جو ٿي ڪري ڪٿي بہ موجود هجي تہ اُن کي موتي ضرور ڌارڻ ڪرڻ گهرجي.

اگر چندرما نيچ ورک راهوءَ سان گڏ يا اشٽم هجر تہ چندرما موتي پائڻ گهرجي.

جنم نڪشتر موجب پاوا، ورڻ، سوامي، ويريوني گڻ ۽ ناڙي

راس	نڪشتر ۽ پاد		ورڻ	سوامي	يوني	ويريوني	گڻ	ناڙي
١_ ميک	آشوني	۴	ڪتري	منگل	گهوڙو	مينهن	ديو	آديہ
	پرٽي	۴	ڪتري	منگل	هاٿي	شينهن	منش	مڌيہ
	ڪرتڪا	١	ڪتري	منگل	گهيٽو	باندر	راڪاس	انتيہ
٢_ ورک	ڪرتڪا	٣	وئش	شُڪر	گهيٽو	باندر	منش	انتيہ
	روهڻي	۴	وئش	شُڪر	نانگ	نوڙيئڙو	ديو	مڌيہ
	مرگشر	٢	وئش	شُڪر	نانگ	نوڙيئڙو	ديو	مڌيہ
٣_ مٿن	مرگشر	٢	شودر	ٻڌ	نانگ	نوڙيئڙو	ديو	مڌيہ
	آردرا	۴	شودر	ٻڌ	ڪُتو	هرڻ	منش	آديہ
	پنروسو	٣	شودر	ٻڌ	ٻلي	ڪوئو	ديو	آديہ
۴_ ڪرڪ	پنروسو	١	براهمڻ	چندرما	ٻلي	ڪوئو	ديو	آديہ
	پشيہ	۴	براهمڻ	چندرما	گهيٽو	باندر	ديو	مڌيہ
	آشيليشا	۴	براهمڻ	چندرما	ٻلي	ڪوئو	راڪاس	انتيہ
۵_ شنگهہ	مگها	۴	ڪتري	سوريہ	ڪوئو	ٻلي	راڪاس	انتيہ
	پو ڦال	۴	ڪتري	سوريہ	ڪوئو	ٻلي	منش	مڌيہ
	اُڦال	١	ڪتري	سوريہ	گانءِ	چيتو	منش	آديہ
٦_ ڪنيا	اُڦال	٣	وئش	ٻڌ	گانءِ	چيتو	منش	آديہ
	هست	۴	وئش	ٻڌ	مينهن	گهوڙو	ديو	آديہ
	چترا	٢	وئش	ٻڌ	چيتو	گانءِ	راڪاس	مڌيہ
٧_ تُل	چترا	٢	شودر	شُڪر	چيتو	گانءِ	راڪاس	مڌيہ
	سواتي	۴	شودر	شُڪر	مينهن	گهوڙو	ديو	انتيہ
	وشاکا	٣	شودر	شُڪر	چيتو	گانءِ	راڪاس	انتيہ
٨_ ورشچڪ	وشاکا	١	براهمڻ	منگل	چيتو	گانءِ	راڪاس	انتيہ
	انوراڌا	۴	براهمڻ	منگل	هرڻ	ڪُتو	ديو	مڌيہ
	جيشٽا	۴	براهمڻ	منگل	هرڻ	ڪُتو	راڪاس	آديہ
٩_ ڌن	مول	۴	ڪتري	گرو	ڪُتو	هرڻ	راڪاس	آديہ
	پو.شاڍا	۴	ڪتري	گرو	باندر	گهيٽو	منش	مڌيہ
	اُ.شاڍا	١	ڪتري	گرو	نوڙيئڙو	نانگ	منش	انتيہ

Scanned with CamScanner

١٠۔ مڪر	اُ. شاڍا شروڻ ڌنشٽا	٣ ٤ ٢	وئش وئش وئش	شني شني شني	نوڙيئڙو باندر شينهن	ناڳ گهيٽو هاٿي	منش ديو راڪاس	انتيه انتيه مڌيه
١١۔ ڪنڀ	ڌنشٽا ستڀشا پو ڀادر	٢ ٤ ٢	شودر شودر شودر	شني شني شني	شينهن گهوڙو شينهن	هاٿي مينهن هاٿي	راڪاس راڪاس منش	مڌيه آديه آديه
١٢۔ مين	پو ڀادر اُ. ڀادر ريوتي	١ ٤ ٤	براهمڻ براهمڻ براهمڻ	گرو گرو گرو	شينهن ڳانء هاٿي	هاٿي چيتو شينهن	منش منش ديو	آديه مڌيه انتيه

تقدير جو سچو حال ٻڌائيندڙ ڦال ناما امتحان جو نتيجو

٦	٧	٢
١	٥	٩
٨	٣	٤

پربوءَ جو نالو وٺي ڪري سامهون ڏنل ڦال نامي ۾ ڪنهن ﺑﮧ هڪ نالي تي پنهنجي ساڄي هٿ جي پاچ آڱر رکو. خاني جو نتيجو. شُڀ اَشُڀ هيٺ ڄاڻائجي ٿو. ڀاوَنا پوتر ۽ شُڌ آهي ته توهان کي جواب سچو ملندو سچي ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو آزمايو.

جواب: (١) تون امتحان ۾ پاس ٿيندين. (٢) اُدير ڪر. پڳوان توکي سڦلتا ڏيندو. (٣) اڪلهه تنهنجو نصيب چڪر ۾ آهي. (٤) ڪوشش سان ڀڳوان کي به ياد ڪر. (٥) تنهنجو پاس ٿيڻ مُشڪل آهي ڇاڪاڻ جو تون پڙهڻ ۾ ڌيان گهٽ ٿو ڏين. (٦) تون ضرور پاس ٿيندين فقيرن کي دان ڪندو ڪر. (٧) همت ڪندين ته ضرور پاس ٿيندين. (٨) محنت نه ڪندين ته ناپاس ٿيندين. (٩) من لڳائي پڙهه نتيجو سُٺو نڪرندو.

اڄ جو وقت ڪيئن گذرندو؟

١٠	٧	٤	١
١١	٨	٥	٢
١٢	٩	٦	٣

جيڪڏهن توهان ڪنهن خاص سوال جو جواب ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته پهريائين ايشور جو نالو وٺي سامهون ڦالنامي ۾ ڪنهن ﺑﮧ هڪ خاني تي پنهنجي ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر رکو. سچي ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو سوال پُڇو.

جواب: (١) ڏينهن سٺو گذرندو. (٢) چنتا ۽ ڏک ستائيندا. (٣) اڄ جو ڏينهن سٺو ڪٽجندو. (٤) پرسنتا پراپت ٿيندي.(٥) ڏينهن سٺو نه گذرندو. (٦) ڏينهن سٺو ڪٽجندو. (٧) سٺو نه گذرندو. (٨) خراب گذرندو. (٩) چنتا ۽ ڏک گهيرو ڪندا. (١٠) تمام خراب گذرندو. (١١) خراب گذرندو. (١٢) مڌير گذرندو) يعنيٰ وچولو گذرندو.

Scanned with CamScanner

واستو دوش (عيب) ڪئنسر رنگن سان علاج

برهمانڊ ۾ ايڪاچار شڪتيون آهن، پر انهن مان ٻه مُکيه شڪتيون آهن جيڪي انسان تي اثر ڪن ٿيون. اِهي آهن Positive ۽ Negative شڪتيون.

جنهن گهر ۾ Positive شڪتي آهي اُتي رهندڙ ماڻهون خوش رهن ٿا، اُهي ترقي ڪن ٿا ۽ اُهي موج ۾ رهن ٿا. بنا ڪنهن فڪر يا بيماري جي. پر جيڪڏهن ڪنهن گهر جي شڪتي Negative آهي تہ اُتي رهندڙ گهڻين بيمارين جو شڪار رهن ٿا ۽ خوشي ۽ موج کان ونڃت(ترسن) رهن ٿا ۽ ماڻهون دُکي ۽ موڳا ٿين ٿا، اِهي جلدي غصو ڪن ٿا، اندر ۾ ٻين لاءِ ڌڪار ٿئي ٿو ۽ گهڻن ئي لاچارين کي منهن ڏين ٿا. اُهي گهر ۽ دماغ جو سنتلن وڃائي وهن ٿا ۽ ترِ ترِ ڳالھ تي گهر ۾ جهڳڙو ڪن ٿا.

اِنهن ٻنهين شڪتين کي برابر ڪرڻ لاءِ اسين گهر جو نرماڻ واستو شاستر موجب ڪندا آهيون. جيئن پنج "ڀوت" اگني، جل، وايو، پرٿوي ۽ آڪاش جو پاڻ ۾ سٺو تال ميل ٿئي.

اسان کي هر نعمت سان ڀريل وڏن ماڻهن واريون جڳهيون، فليٽ ۽ ٽاوَر آهن جن ۾ هر قسم جو آرام ۽ سهولتون آهن، جيڪي سوچي بہ نٿيون سگهجن. پر گهر جي نرماڻ ويل اسين واستو شاستر جي اهميت کي وساري ٿا ڇڏيون، ۽ اڄڪلهہ ٻين شهرن ڪانسواءِ ڪيترن ئي بيمارين کي ڇڙ نيننند ٿا ڏيون. هڪ اهڙي ڀيانڪ بيماري ڪئنسر واستو عيب جي اُتپتي آهي.

پنهنجي اٿاھ "واستو صلاح" جي آزمودي مان مون ڏٺو آهي تہ جيڪي ماڻهون جيڪڏهن ڪنهن بہ قسم جي ڪئنسر ۾ مبتلا آهن تہ اُنهن جي گهر جو واستو، واستو شاستر موجب نہ آهن.

مون اهڙا سوين گهر نظر مان ڪڍيا آهن جتي ڪئنسي جو مريض هجي ۽ اُن جا گهر ڏسڻ ڪانپوءِ، سي جوڙ جڪ ملائي، مون ڏٺو آهي تہ جتي بہ ڪئنسر جو مريض، اُن گهر ۾ ٻہ يا ٽن کان وڌيڪ واستو عيب آهن. هڪ عيب جيڪو سڀني ۾ هڪ جهڙو (Common) آهي اِهو آهي Ne ايشان ۽ اُن سان گڏ ٻيو ڪو بہ پاسو يا ڪنڊ جيئن تہ se, sw, s يا w.

ايشان ڪنڊ ۾ هيٺيان واستو عيب ٿي سگهن ٿا. ايشان ٻين پاسن کان مٿڀرو هئڻ، اُتي ڪاڪوس هئڻ، Ne وٽ L ڪنڊ وانگر هئڻ، Ne (ايشان) کي گول ڪرڻ يا ايشان جي هيٺان پاڻي جو وهڻ.

منهنجي نظر موجب جيڪي ڪينسر جي واستو عيب جي ڪري ٿين ٿا اُنهن هر هڪ جو بيان هيٺ ڪجي ٿو.

نوٽ: مهرباني ڪري ڌيان ڏيو تہ Ne (ايشان) ڪنڊ جو وستو عيب سڀني ۾ Common آهي ئي آهي.

١_ بلڊ ڪينسر: Ne واستو دوش + Sw ڪنڊ عيب وارو.

٢_ بريسٽ ڪينسر: Ne واستو دوش + E يا Se عيب وارو.

٣_ ڪڊني ڪينسر: Ne واستو دوش + W يا Sw عيب وارو.

٤_ لنگ ڪينسر: واستو دوش + N يا W پاسو عيب وارو.

Scanned with CamScanner

٥_ انٽيسٽائين ڪينسر: Ne واستو دوش + W يا Sw عيب وارو.
٦_ اسٽمڪ ڪينسر: Ne واستو دوش + W يا Sw عيب وارو.
٧_ يوٽيرس ڪينسر: Ne واستو دوش + S يا Sw عيب وارو.
٨_ بيينڊ ڪينسر: Ne واستو دوش + W پاسو عيب وارو.

جيڪڏهن ڪنهن به گهر ۾ ڪينسر جو مريض آهي ته ڪينسر جي ڊاڪٽر (Oncologist) جو علاج ڪرڻ گهرجي، ساڳئي وقت ڪنهن سٺي ڄاڻو ۽ آزموديڪار واستو صلاهڪار جي صلاح صلاح وٺڻ گهرجي ۽ اُن واستو عيب کي جلدي ٺيڪ ڪرائجي. جنهن سان مريض کي آرام ملندو. مريض جي عمر وڌندي ۽ جيڪڏهن مٿي ٻڌايل واسو عيب کي گهر ۾ ڏنا ٿا وڃن ته اُنهن واستو عيبن کي دُرست ڪرڻ سان ڪينسر ٿيڻ جي امڪان کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سگهو ٿا يا بلڪل ڪينسر کان بچي سگهو ٿا.
هيٺيان ڪينسر ڪهڙي واسو عيبن جي ڪري ٿين ٿا. اُنهن لاءِ ليکڪ سان سمپرڪ ڪريو.

1.Thyroid Cancer	7. Skin Cancer
2.Throat Or Tongue Cancer	8. Cervical Cancer
3.Urinary Bladder Cancer	9. Prostate Cancer (Gland)
4.Ovarian Cancer	10. Bone (Marrow) Cancer
5.Liver Cancer	11. Lymphatic Cancer
6.Anus Cancer	12. Food Pipe Cancer
	13. Large Intestine Cancer etc.

رنگن سان علاج

ڪنهن به قسم جي ڪينسر جي علاج لاءِ رنگن سان علاج سيني کان بهتر آهي. هن علاج ۾ ڪينسر سان مبتلا عضوي کي سائي رنگ جي روشني ڏني وڃي ٿي (سيني قسمن جي ڪينسر ۾).
مريض کي سائي رنگ جو سج سان چارج ٿيل پاڻي نيرائڻي، منجهند ۽ رات جو کادي کائڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ ۾ سئو ml (ملي ليٽر) پياريو وڃڻ ڪپي ۽ نيرائڻي، منجهند ۽ رات جي کادي کائڻ کان ڏهه منٽ پوءِ 100 ml سج جو چارج ٿيل نارنگي پاڻي پيارڻ گهرجي. ڪينسر جي مريض لاءِ هن کان وڌيڪ سٺو پيو ڪو به علاج نه آهي.
نوٽ: ليکڪ کي هنن ڪينسر جي قسمن ۾ اچرج ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪرامتي (Resluts) مليون آهن.

٢_ هر هڪ ڪينسر جي قسم جي علاج لاءِ مهرباني ڪري ليکڪ سان سمپرڪ (رابطو) ڪريو.
٣_ هن علاج ۾ رنگين بلب پڻ ڪم ۾ آڻبا آهن.

Scanned with CamScanner

راسين جو گهات چڪر

راس	ميک	ورک	مٿن	ڪرک	شنگھ	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين
مهينو	ڪتي	ناهري	آکاڙ	پوھ	چيٽ	ٻڊو	مانگھ	اَسو	سانوڻ	ويساک	چيٽ	ڦڳڻ
تٿيون	١، ٦، ١١	٥، ١٠، ١٥	٢، ٧، ١٢	٦، ٧، ١٢	٣، ٨، ١٣	٥، ١٠، ١٥	٤، ٩، ١٤	١، ٦، ١١	٣، ٨، ١٣	٤، ٩، ١٤	٣، ٨، ١٣	٥، ١٠، ١٥
ڏينھن	آرتوار	ڇنڇر	سومر	ٻڌي	ڇنڇر	ڇنڇر	وسپت	شُڪر	شُڪر	منگل	وسپت	شُڪر
نڪشتر	مگها	هست	سواتي	انوراڌا	مول	شروڻ	شتيشا	ريوتي	پرٽي	روھڻي	آردرا	آشيليشا
يوگ	وشڪمڀ	شڪل	پرگھ	وياگھات	ڌرتي	شڪل	شڪل	وتيپات	وجر	وئيڌرت	گنڊ	وجر
ڪرڻ	ٻو	شڪني	ڪؤلو	ناگ	ٻو	ڪؤلو	تئتل	گر	تيئتل	شڪني	ڪشتگهن	چتشيد
پھر	١	٤	٣	١	١	١	٤	١	١	٤	٣	٤
پرشن لاءِ چندرما	١	٥	٩	٢	٦	١٠	٣	٧	٤	٨	١١	١٢
استرين لاءِ چندرما	١	٨	٧	٩	٤	٣	٦	٢	١٠	١١	٥	١٢

بدني بناوت موجب ماڻهن جو سڀاءُ سڃاڻ

جن مانحن جا ڪن ننڍا ٿيندا آهن. اُهي ماڻهون زدي ۽ لاپرواهہ ٿيندا آهن. اهڙا ماڻهون گهر گرهستي جو گهڻو سُک نہ ماڻي سگهندا آهن. اُن ڪري سدائين چنتا پيا ڪندا آهن.

وڏن ۽ ويڪرن ڪننَ وارو ماڻهون هٺيلو ۽ اهنڪاري ٿئي ٿو. پر اُن سان گڏو گڏ اهڙو ماڻهون هوشيار ۽ ٻُڌي مان ٿئي ٿو.

جنهن ماڻهوءَ جي ڪن تي وار گهڻا ٿين ٿا. گنڀير (سنجيدھ) ۽ وڏي عمر وارو ٿئي ٿو.

ون: وڏين اکين وارا ماڻهون گنڀير ۽ وديا وان ٿئي ٿو ۽ محنتي بہ ٿئي ٿو.

ننڍين اکين وارو ماڻهون خود مطلبي. ٻاهران سُٺو ۽ مٺو ڳالهائيندڙ ٿئي ٿو پر سوارٿي ٿئي ٿو.

ڇاتي: جنهن ماڻهوءَ کي ڇاتيءَ تي وار نہ هوندا آهن اُهو خرچائو، سوارٿي، وشواس نہ ڪرڻ جوڳو مٺو ڳالهائيندڙ ٿئي ٿو: چوندا آهن! جنهنجي جي ڇاتيءَ تي نہ وار تنهنجي ڳالهہ تي ڪهڙو اعتبار!

ون: ننڍي ۽ سنهين پيرُن وارو ماڻهون شانت، گنڀير ۽ سادو ٿيندو آهي ۽ رواجي زندگي گذاريندو آهي.

جَنهن ماڻهوءَ جون پيرُون ڏنش وانگر گهٽيون گهاٽيون هجن. اُهو گياني ڪلاڪار، ناموس پائيندڙ ٻين تي سٺو اثر پئدا ڪندڙ مان مَريادا وارو سکي انسان ٿئي ٿو. اهڙي ماڻهوءَ جي سڀ ساراهہ ڪندا آهن.

جنهن ماڻهوءَ جون ٻئي پيرُون پاڻ ۾ ملن ٿيون. اُهو انسان چالاڪ ۽ چُست ٿئي ٿو پر مطلبي ٿئي ٿو. اهڙو ماڻهون دل جي ڳالهہ دل ۾ ئي سانڍي رکندو آهي.

جنهن ماڻهوءَ جون پيرُون تمام گهٽيون گهاٽيون هجن اُهو ماڻهون ٻين تي رعب رکندو آهي. ۽ اهنڪاري ۽ ولاسي ٿئي ٿو.

جنهن ماڻهن جو مٿو ويڪرو ۽ منهن سنو ٿئي ٿو اُهو ماڻهون دُور درشٽي، هوشيار، ڪاميابي حاصل ڪندڙ، ڀاڳ وارو ۽ عزت پائيندڙ ٿئي ٿو. پر اهڙي انسان کي گهر جو سُک نٿو ملي سندن دوست بہ گهٽ ٿيندا آهن.

جنهن ماڻهوءَ جو مٿو ننڍو پر ڳلهہ ڀريل هجن اُهو ماڻهون ڏن ڪادو ۽ پيا سُک تہ سولائيءَ سان حاصل ڪري ٿو سگهي پر گيان ۽ وديا کان ونچت رهي ٿو. اهڙو ماڻهون هلت چلت ۾ هبڪندو آهي.

جنهن ماڻهونءَ جو مٿو ڊگهو، ويڪرو ۽ منهن ڀريل ٿئي ٿو. اُهو انسان سُکي جيون جئي ٿو ۽ وديا وان، ڏنوان ۽ گهڻا دوست ڪندڙ ٿئي ٿو. اهڙو ماڻهون سو ايماني ٿئي ٿو سڀني مان عزت پائي ٿو. جنهن انسان جو مٿو گهٽ ويڪرو ۽ منهن سنڙو ٿئي ٿو اُهو ٺلو سڀاءُ جو ٿئي ٿو. سڀ سندس سادگيءَ جا فائدو وٺي سگهن ٿا. اهڙو ماڻهون محنتي تہ ٿيندو آهي پر لڪل رستن سان پنهنجو مطلب سڌ ڪري ٿو.

Scanned with CamScanner

منهن: پريل منهن ۽ ڦليل ڳلن وارو ماڻهون اُدار چت ٿئي ٿو. اهڙو انسان پوڇن ڪندڙ سدائين سُکي رهي ٿو. سدائين کل مُک چهرو ۽ منهن تي هميشہ مُرڪ رکندڙ ٿئي ٿو. اهڙو ماڻهون پين تي جلد اثي ڪري ٿو. سنهي منهن وارو ماڻهون، زدي، ڪاوڙ ڪندڙ، چنتا ڪندڙ، دل جو ڪمزور، سڦلتا پائڻ لاءِ غلط ڪم بہ ڪندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جا دوست بہ گهٽ ٿين ٿا.


ماڻهن جو رنگ: سنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي ضروري شين کي سوالائي سان حاصل ڪري سگهي ٿو. اهڙو ماڻهون ڪلا پريمي ٿئي ٿو اُن سان دوستي رکڻ لاءِ گهڻيئي ماڻهون اُتاولا هوندا آهن.
ڪٽڪ رنگ ماڻهون محنتي ۽ مٺو ڳالهائيندڙ، چُست ۽ نيڪ ڪرم ڪندڙ ٿئي ٿو. اهڙو ماڻهون پيڱوان ۾ وشواس رکندڙ ۽ اُن جي ڀڳتي ڪندڙ ٿئي ٿو ۽ ڏارين جو مان ڪندڙ ٿئي ٿو.

قد: ڊگهو ماڻهون مغرور، لاپرواهہ، ولاسي ۽ سوارٿي ٿئي ٿو. سدائين پنهنجي من سان هلندڙ ٿئي ٿو. گهڻو ماڻهون ناستڪ ٿئي ٿو.
ننڍي قد(ڍمڙو) ماڻهون وڏيڪ سوارٿي ٿئي ٿو پر تمام گهڻو محنتي ٿئي ٿو. مقدر ڀاشي ۽ نوڙت سان ڳالهائيندڙ ٿئي ٿو. اندران سدائين چنتا ڪندڙ ملي ٿو پنهنجو مطلب ڪڍڻ ۾ هوشيار ٿئي ٿو.
پوري پني قد وارو ماڻهون وقت موجب ڪاوڙ ڪندڙ، ساوڌان ٻڌيوان ٿئي ٿو. سيني سان ساٿيو وهنوار ڪندڙ انسان ٿئي ٿو. سدائين وويڪ ڪان ڪم وٺي اچرڻ ڪرڻ وارو ٿئي ٿو. پنهنجو نيمن جو پاليندڙ ڪومل دل وارو انسان ٿئي ٿو. سيني سان پريم سان هلي ٿو ۽ سيني سان ساٿيو هلي ٿو اُن ڪري سندس دوست بہ گهڻا ٿيندا آهن.

سنهو يا ٿلهو شرير: سنهي شرير وارو ماڻهون گهڻو ڪري دل ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ چنتا ڪندڙ، ٿوڙو سنتوش ٿوڙو سو ايماني ۽ ٿوڙو ڪاوڙ وارو ٿئي ٿو. اُن ڪري اهڙي انسان جي جيون ۾ ڪا نہ ڪا ڪمي سدائين رهندي آهي، اهڙو ماڻهو پنهنجي مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪندو آهي، سندس هلت چلت وشواس واري نہ ٿيندي آهي.
ٿلهي شرير وارو ماڻهون کل مُک، دل ڦينڪ سُست ۽ گهڻو کائيندڙ ٿئي ٿو، سدائين پنهنجو فائدو گهڻو سوچيندڙ ٿئي ٿو. سنساري سڦلتائن کي گهڻو اهميت ڏيندڙ ٿئي ٿو. هلت چلت ۾ ٺيڪ ۽ صاف ٿئي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين ڌرم جو پالن ڪندڙ ٿئي ٿو.

Scanned with CamScanner

يوگني ڏسڻ جو ڦل




يوگني ڏسڻ جو طريقو

پرواءِ نوم اپرندي تي، ٽيج ۽ اگيارس، اوپر ۽ ڏکڻ ڪنڊ تي، پانچم ۽ تيرس ڏکڻ تي چوٿ ۽ پارس ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي، چٿ ۽ چوڏس اولهه تي، ساتم ۽ پورڻما اولهه جي ڪنڊ تي، پيج ۽ ڏسئين اترين تي. اماس ۽ آٺم اتر ۽ اوپر جي ڪنڊ تي هجن ته يوگني سمجهڻ گهرجي.

يوگنين جي سامهون هميشه نه وڃڻ گهرجي


ڪال ڏاهو ڏسڻ جو ڦل



ڪال راهو ڏسڻ جو رستو

چنڇر ڏينهن اوپر تي، شڪر ڏينهن اوپر، ڏکڻ جي ڪنڊ تي، وسپت جي ڏينهن ڏکڻ تي، ٻڌر جو ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي، منگل ڏينهن اولهه تي ۽ سومر جي ڏينهن اتر جي ڪنڊ تي هجي ته ڪل راهو سمجهڻ گهرجي.

چندرما جو ڦل



طريقه ڪار

اشوني نکشتر کان مقرر نکشتر ڳڻجي، نمبر وار آرتوار ڏينهن کان مقرر ڏينهن تائين ڳڻجي.
ايڪم تٿ کان مقرر تٿ تائين ٽئيون ڳڻجن.

ڦل

چندرما سامهون ۽ ساڄي سنڌو ڦل ۽ شُڀ آهي.
چندرما پُٺ ۽ کاٻي پاسي ته خراب ۽ اشڀ آهي.

27نکشتر سوامي ۽ ان جو ڦل

نکشتر	سوامي	ڦل
اشوني	اشوني ڪمار	اشوني ڪمار جو پوڄن ڪرڻ سان وڏي عمر ٿئي
ڀرڻي	گوبند	گوبند جو لڳن سان پوڄن ڪرڻ سان يم راجا ۽ مرتيو جو ڀو نہ رهي
ڪرتڪا	اگن	اگن جو لال لڳن سان پوڄن ڪرڻ سان گهڻي سنپتي ملي
روهڻي	پرجاپتي	پرجا پتي جو پوڄن ڪرڻ سان وديڪ ڌن جو لاڀ ٿئي
مرگيشر	چندرما	چندن جو پوڄن ڪرڻ سان وڌيڪ ڌن جو لاڀ ٿئي
آردرا	شو	شو جي پوڄا ڪرڻ سان سنتان ۽ ڌن جو لاڀ ٿئي
پنروسو	آدشڪتي	آد شڪتي جو پوڄن ڪرڻ سان ماتا جي سمان رڪشا ڪري
پشيہ	وسپت	وسپت جو پوڄن ڪرڻ سان پوساگر جو سُک ۽ شانتي ملي
آشيليشا	نانگ ديو	نانگ ديو جو پوڄن ڪرڻ سان پوساگر ۾ سُک ۽ شانتي ملي
مگها	پترديو	پترن جو پوڄن ڪرڻ سان ڌن، پُتر ۽ پئسو ملي
پورواڦالگني	ڀگتام آدي	ڀگتام آدي جو پوڄن ڪرڻ سان جنگ ۾ جيت ٿئي ٿي
اتراڦالگني	ڪنيا آئون	ڪنيا آئون جو پوڄن ڪرڻ سان اُتم پتي ملي
هست	سوريہ	سوريہ جي پوڄا ڪرڻ سان گهڻو ڌن ملي
چترا	تريشٽا	تريشٽا جو پوڄن ڪرڻ سان راجا ٿئي
سواتي	پون	پون جو پوڄن ڪرڻ سان سنپتي ملي
وشاکا	اندر	اندي جي پوڄا ڪرڻ سان اَن، ڌن ۽ روپ جي پراپتي ٿئي
انوراڌا	متر	متر جو پوڄن ڪرڻ سان سيني جو پيارو ٿئي
جيشٽا	اندر	اندر جي پوڄا ڪرڻ سان اَن، ڌن ۽ اُتم گڻ ملي
مول	پترديو	پترن جي پوڄا ڪرڻ سان شرير ۽ من دُک کان ڇٽي
پورواشاڍا	جل	جل جو پوڄن ڪرڻ سان شرير اروڳي ٿئي
اتراشاڍا	وشوديو	وشو ديو جو پوڄن ڪرڻ سان من وانڇت ڦل ملي
شرون	سوريہ	سوريہ جو پوڄن ڪرڻ سان لڪشمي ملي ۽ جنگ ۾ جيت ٿئي
ڌنشٽا	واسو	واسو جي پوڄا ڪرڻ سان وڏي ۾ وڏو ڊپ لهي
ستتارا	ورڻ ديو	ورڻ ديو جي پوڄا ڪرڻ سان ڪشٽ دور ٿئي
پوروا ڀادرپدا	رودر	رودر جو پوڄن ڪرڻ سان مُڪتي ملي
اترا ڀادرپدا	رودر	رودر جو پوڄن ڪرڻ سان سيني پرڪارن جي شانتي ملي
ريوتي	ڀگتي	ڀگتي جو پوڄن ڪرڻ سان زمين، سنپتي ۽ سنتوش ملي

چار جُڳ ڪيئن ٿيا؟

اسان جي عمر جو حساب رات ڏينهن ٢٤ ڪلاڪن ۾ اسان جي هلندڙ رات ڏينهن جي ٢١٦٠٠ سواسن تي ٻڌل آهي جيڪو ٻالپڻ، جواني ۾ ٻڍاپڻ ڪيئن گذري ويو جنهن جي اسان کي خبر ڪانه پئي، انسان جي عمر ائين وئي جيئن بادل جي ڇانو اسان تان گذري وڃي ٿي. اسان جي ڪوڙ ڳالهائڻ سان ۽ ٻين برن ڪرمن جي ڪرڻ سان اسان جا سواس ڪنجن ٿا سواس ڪنجڻ جو ڪارڻ آهي عمر گهٽ ٿيڻ. هن ڪلجڳ ۾ انسان جي عمر اسان جي ڌرمي پُستڪن ۾ سراسر ١٢٠ سال لکيل آهي پر اسان ٧٠، ٦٠، ٥٠ يا ٨٠ سالن مس پورا ڪندا آهيون. مثال طور سمجهاڻي. توهان جا رات ڏينهن جا ٢١٦٠٠ سواس آهن ۽ توهان رات ڏينهن ۾ ٢٢٥٠٠ سواس ڪنيا جيڪو حساب ڪان ٩٠٠ سواس وڌيڪ ورتا ٩٠٠ سواس جو ٿيو هڪ ڪلاڪ هاڻ سمجهون ته اسان جي عمر جو هڪ ڪلال گهٽ ٿيو اهڙي طرح مهيني ۽ سال جو حساب ڪبو ته اسان جي عمر جو اندازو ٿي ويندو. اهڙي طرح سواس وڌيڪ کڻڻ سان عمر ڪنجي ٿي ۽ سواس گهٽ کڻڻ سان عمر وڌي ٿي سواس جي حساب ڪان هر هڪ جُڳ کي ٢٩ انس مليل آهن، جيڪو چار ويهو ٨٠ ٿيو ۽ ڪلاڪ جي حساب ڪان هر هڪ جُڳ کي ٥٠ انس مليل آهن.

جيڪو چا پنجاهه ٢٠٠ ٿيا هاڻ اسان ڪٿون ٿا سواس جو حساب رات ڏينهن جا ٢١٦٠٠ سواس هن کي ٨٠ سان ضرب ڪريو ته ٿيا ١٧٢٨٠٠٠ هزار سال جيڪو ست جُڳ ٿيو هاڻ ٨٠ مان ٢٠ گهٽ ڪيا باقي رهيا ٦٠ هاڻ اسان ٢١٦٠٠ کي ٦٠ ڪان ضرب ڪيو ته ٿيا ١٢٩٦٠٠٠ هزار سال جيڪو تريتا جُڳ ٿيو. ٦٠ مان ٢٠ گهٽ ڪيا باقي رهيا ٤٠ هاڻ اسان اسان وري ٢١٦٠٠ کي ٤٠ سان ضرب ڪيو ته ٿيا ٨٦٤٠٠٠ هزار سال جيڪو دواپر جُڳ ٿيو. هاڻ اسان ٤٠ مان ٢٠ گهٽ ڪيا ته باقي رهيا ٢٠ اسان ٢١٦٠٠ کي ٢٠ ڪان ضرب ڪيو ته ٿيا ٤٣٢٠٠٠ هزار سال جيڪو ڪلجُڳ ٿيو. اهڙي نموني چار جُڳ ٿيا.

هاڻ اسان وٺون ٿا ڪلاڪن جو حساب رات ڏينهن جا ٿيا ٢٤ ڪلاڪ هڪ مهيني جا ٿيا ٧٢٠ ڪلاڪ ۽ سال جا ٿيا ٨٦٤٠ هاڻ اسان مٿي چيل ٢٠٠ انس ورتا سون ۾ ٨٦٤٠ کي ٢٠٠ ڪان ضرب ڪيو سون ته ٿيا ١٧٢٨٠٠٠ هزار سال جيڪو ست جُڳ ٿيو. هاڻ ٢٠٠ مان اسان ٥٠ گهٽ ڪيا ته باقي رهيا ١٥٠ هان وري ٨٦٤٠ کي ١٥٠ ڪان ضرب ڪيو ته ٿيا ١٢٩٦٠٠٠ هزار سال جيڪو ٿيو تريتا جُڳ هاڻ اسان هن مان ٥٠ ٻيا گهٽ ڪيا ته باقي رهيا ١٠٠ هان ٨٦٤٠ کي ١٠٠ ڪان ضرب ڪيو ته ٿيا ٨٦٤٠٠٠ جيڪو ٿيو دواپر جُڳ. هاڻ وري ١٠٠ مان ٥٠ ڪيا ته باقي رهيا ٥٠ هاڻ وري ٨٦٤٠ کي ٥٠ ڪان ضرب ڪيو ته ٿيا ٤٣٢٠٠٠ هزار سال جيڪو ٿيو ڪلجُڳ اهڙي طرح اسان جي عمر جو حصو ڪلاڪ مهينا سال هلندڙ سواس تي ٻڌل آهي اميد ته توهان کي هيءُ حساب سمجهه ۾ اچي ويو هوندو.

شيوا ۾: ڪيول داس رائوڙ

گهڙي پل مان ڪلاڪ منٽ ٺاهڻ

٦٠ گهڙي جو هڪ ڏينهن ٿئي ٿو ڪڏهن ڏينهن وڏو ٿئي ٿو ته ڪڏهن رات وڏي ٿئي ٿي، هڪ گهڙي جي ٦٠ پل ٿين ٿا ٦٠ پل جا ٦٠ وپل ٿين ٿا ٢ وپل جو هڪ منٽ ٿئي ٿو ٢٤ منٽن جي هڪ گهڙي ٿئي ٿي. اهڙي طرح ٢ گهڙين جو هڪ ڪلاڪ ٿئي ٿو.

سمجهاڻي لاءِ: ٦٠ گهڙين کي ٢٤ منٽن سان ضرب ڪيو ته ١٤٤٠ منٽ ٿيا ٢٤ ڪلاڪن کي ٦٠ منٽن سان ضرب ڪيو ته ١٤٤٠ منٽ ٿيندا.

٢٧ نکشترن ۾ شڀ اشڀ ڦل

(1) **اشوني:** جيڪو ماڻهو اشوني نکشتر ۾ پيدا ٿئي، اهو دولت مند هر ڪم ۾ هوشيار، خوش طبعيت وارو دوستن يارن سان ميل ميلاپ وارو، شڪر گذار، مٺو ڳالهائيندڙ ۽ تيز دماغ هوندو، سماج عزيزن ۾ عزت و احترام پائڻ وارو فراخ دل بااخلاق نيڪ سيرت هوندو سندس قسمت جو ستارو ٢٠ سال ۾ بلند رهندو.

(٢) **ڀرڻي:** هن نکشتر ۾ پيدا ٿيڻ وارو وڏي عمر پائي سڌي رستي تي هلڻ وارو صحتمند هر دل عزيز شخصيت ٻڌجندو آهي، نيڪ ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ ۽ هر هنڌ عزت پائڻ وارو هوندو آهي.

(٣) **ڪرتڪا:** ويسارو، ٻڪيو لذيذ ۽ چٽ پٽيون شيون پسند ڪرڻ وارو، مغرور ڪنجوس، ناشڪر ۽ذار نيڪي ۽ وفا ڪان ٻلجي ويندڙ غلط رستن تي هلڻ وارو ڪاهل سست هميشہ اُداس دل وارو هوندو آهي هن نکشتر ۾ چاول ماڻهو پرائي استري سان سهڻد رکندڙ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهي اُن کي پورو اتساهہ ۽ لگن سان سر انجام ڏئي عزيزن ۽ دوستن يارن سان ڦنائي هلڻ وارو هوندو آهي قسمت جو ستارو ٢٩ سالن ۾ بلند رهي.

(۴) روهڻي: دولت مند ۽ عزيزن ۽ دوستن سان سٺو هلڻ وارو نرم مٺو ڳالهائيندڙ ڌرمي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندڙ بلند حوصلي وارو شرڌا وان مفيد مشورن تي عمل ڪندڙ وڏن جو احترام ڪندڙ هوندو آهي اگر رات جو هجي تہ ڪنور دل وارو ۽ پرديس وڃڻ جو شوقين ٿيندو ڀاڳ جو ستارو ٣٠ سالن ڪانپوءِ بلند ٿئي.

(٥) مرگشر: تڪڙو پاڻ وٽائڻ وارو ٿئي، معمولي ڳالهہ تان بگڙجندڙ عورتن جي صحبت پسند ڪرڻ وارو چالاڪ ناشڪر هر وقت غصي وارو جهڳڙالو فسادي مطلب پرست ۽ وڏن جي عزت نہ ڪندڙ هوندو آهي قسمت جو ستارو ٢٨ سالن ڪان پوءِ بلند ٿيندو.

(٦) آردرا: خوش طبعيت هر دل عزيز عقلمند حساب وارو مشڪل ۾ نہ گهبرائڻ وارو مگر ڌن دولت جي سک ڪان محروم ڪلئي هٿ وارو نيڪ دانا ٿئي ٿو ٢٥ سالن ڪان پوءِ ستارو بلند رهندو.

(٧) پنروسو: مستقبل مزاج عالم داناءُ دولتمند عزيزن ۽ راڄ درٻار ۾ عزت پائڻ وارو متر دوست وڏيڪ ٿين اولاد جو سک ڏسي سيني جو خيرخواهہ سفيد وستوئن ڪي پسند ڪندڙ ۽ سفر ڪندڙ ٿيندو آهي ٢۴ سالن ڪانپوءِ قسمت جو ستارو بلند رهي.

(٩) آشليشا: نيڪ ڪم ڪندڙ سک ماڻيندڙ ڪٽنب پريوار وارو ديوتائن بزرگن سان پيار ڪرڻ وارو ڪنهن کي نقصان نہ پهچائيندڙ ۽ ٻين جو فائدو ۽ ڀلائي ڏسي خوش ٿيندڙ مائٽن سان اٽبت رهي قسمت ۴٠ سالن ڪانپوءِ چمڪندي.

(١٠) مگها: دولت مند ۽ آسودو استري جو وفادار ۽ پيار ڪندڙ ماتا پتا جي عزت ۽ خدمت ڪندڙ ٻين کي ڏک نہ ڏيندڙ سدا خوشحال واپار ۾ ڌن لاڀ ٿئي قسمت جو ستارو ٢٥ سالن ڪان پوءِ چمڪندو.

(١١) **پوروا ڦالگني:** دشمن مٿان فتح حاصل ڪندڙ هر ڪم جو هوشيار، آفيسرن ۽ اميرن جي خدمت ڪندڙ، خوش اخلاق ۽ مٺو ڳالهائيندڙ، استرين کي وڻندڙ باوقار، سواري ۽ سفر جو شوقين، حڪومت سان لاڳاپو رکندڙ، اميدن ۾ ڪامياب ٿيڻ، عزيزن جو پيارو، ۽ راڄ درٻار ۾ عزت وارو، قسمت جو ستارو ٢٨ سالن ڪان پوءِ بلند رهي.

(١٢) **اترا ڦالگني:** دولتمند، عياش، هٿيارن ۽ ڌنش وديا ڄاڻڻ وارو بهادر، طاقتور، راندين جو شوقين ذهن، سنجيده ٻين جي مدد ڪرڻ وارو، معتبر ۽ مٺو ڳالهائيندڙ قسمت ٢٨ ۽ ٣١ سالن جي وچ ۾ بلند رهي.

(١٣) **هست:** هن نکشتر وارو پنهنجي قوم جو سردار هوندو بلند حوصلي وارو معتبر، دشمن سان هميشہ اٽڪندڙ نشيدار شين

جو شوقين، برادري ۾ گهڻ رهڻ وارو عيش ۽ آرام ۽ استرين جو چاهيندڙ ڪروڙپتي هوندو. ٣١،٣٠ سالن کانپوءِ بلند رهي.

(١٤) **چترا:** داناءُ، همت وارو وچولو قد، دولتمند، سخي، عقلمند، خوشحال هوندو استري ۽ اولاد مان سک ملي اڪر سُنا لکندڙ ويدڪ وديا جو چاڻو خوبصورت ۽ ڌرمي خيالن وارو ڏن دولت گهٽي دير نہ رهي، قسمت جو ستارو ٣٣ کان ٣٨ سالن جي وچ ۾ بلند ٿئي.

(١٥) **سواتي:** وڏو سمجهدار، دوستن ۽ عزيزن تي وشواس ڪندڙ سيتل سڀاءُ وارو هر دلعزيز سيني سان ملندڙ جلندڙ ديوتائن سان پريت رکندڙ تنگي جي حالت ۾ بي صبر ٿيڻ وارو قسمت ٣٠ کان ٣٦ سالن جي عمر ۾ چمڪندڙ.

(١٦) **وشاکا:** خوش قسمت، خوبصورت مالدار ڪوڙن ڪمن ڏانهن لاڙو رکندڙ موقعي پرست مستقل مزاج، معتبر، جهڳڙي فساد مان خوش رهي.

(١٧) **انوراڌا:** علم هنر هر فن جو چاڻو عزت وارو خوش اخلاق، بُک گهٽي لڳي، ڪٽنب ڪا پالڻ وارو سفر ڪرڻ وارو ڀاڳ ٣٥ سالن ۾ چمڪندو.

(١٨) **جيشٺا:** دولت جام هجي، ڌرمي ڪمن ڏانهن لاڙو نيڪ پراپڪاري صفت، دستڪاري، ادب، شاعري جو شوقين، سشيل سڀاءُ، سخي، فرض شناس ۽ هوشيار، ٣٩،١٣،٢٧،١٣ سال صحبت لاءِ خراب آهن.

(١٩) **مول:** سخي، سنجيده برادري، ۽ دوستن يارن ۾ عزت پائي، ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڪاوڙ ڪندڙ اڪثر ڪري بيمار رهندڙ هوندو، ڀاڳيوديہ جا سال ٢٧ يا ٣١ سال ٿيندا.

(٢٠) **پورواشاڍا:** ايڪتا ۽ ڀائيچاري جي معملن ۾ ثابت قدم رهڻ وارو عزت وارو سيني جو دوست، پراپڪار ڌرمي ۽ نصل جي ڪم جو چاڻو چالاڪ، قسمت ٢٧ سالن ۾ چمڪي.

(٢١) **اتراشاڍا:** اميرن سان ميل جول رکڻ وارو هوشيار هر معملي، ڪي خوش اصلوبي، سان ڪندڙ ڪامياب دوست گهٽا ٿين، سيني جي خير خواهہ، عزت پائي، هردلعزيز، راڳ وديا جو شوقين، قسمت جو ستارو ٣٢ سالن ۾ بلند ٿئي.

(٢٢) **شرون:** دولت مند، ويسارو باهمت، ڀاڳوان، سندر استري ملي، راڳ، وديا، جوتش وغيره ۾ پروسو ڪندڙ، پري جي نظر رکڻ وارو، ٻين جي دل جي ڳالهہ سڃاڻڻ وارو، زندگي ۾ ٩ ۽ ٢٤ سال اشڀ رهي.

(٢٣) **ڌنشٺا:** دولت مند، آسودو ڀاڳوان، راڳ وديا جو شوق رکندڙ ڪٽنب پريوار ۽ استري سان پيار ڪندڙ باهمت نيڪ ڪمن وارو سرڪاري ڪمن ۾ دلچسپي وٺندڙ عوام ۽ راڄ درٻار ۾ عزت ملي، هيرن جواهرن جو شوقين، زندگي جي ٢٩،٢٣،١٥ سال اشڀ رهن.

(٢٤) **ستڀاشا:** دولت مند ٻڌيوان، داني، نيڪ ڪم ڪندڙ استري سان پيار ڪرڻ وارو دشمن سان وجهہ هر هنڌ عزت، ملي زندگي جو ٢٨ سال خاص اهميت وارو هجي.

(٢٥) **پوروڀادرپدا:** دولتمند، خوشمزاج، گهڻو ڳالهائيندڙ، ڪٽنب پريوار سان پيار ڪرڻ وارو، علم وارو، هر فن جو شوقين، سست گهڻو سمهڻ وارو اولاد کان سک ملي، ١٩ سال ۾ ڀاڳ جو ستارو چمڪي.


(٢٦) **اتراڀادرپدا:** خوبصورت، اڇو بدن، باهمت، باوقار، تحرير گفتگو ۾ جيتندڙ داناءُ، موقع پرست، دشمن مٿان وجهہ حاصل ڪندڙ ڌرم نيتي چاڻڻ وارو، ثابت قدم، ڀاڳ جو ستارو ٢٧ يا ٣١ سال ۾ شڀ رهي.

(٢٧) **ريوتي:** ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ وارو، تيز رفتار، گهڻو ۽ تيز ڳالهائيندڙ عقلمند، سنت سڀاءُ وارو، دوستن مترن سان خوش رهي زندگي جا ٢٤،٢١،١٧ سال اشڀ رهن.

Scanned with CamScanner

جنم ڪنڊلين جي ٻارهن گهرن جي ڄاڻ

1. گهر ۾ شرير روپ اوستا گڻ جات ساهس سُک جي هاڃي ۽ شرير جي ڇاهه هي سڀ پرٿم گهر ۾ ڏسو.



2. گهر سو ورڻ ڌن ونڻ ڏيڻ گڏ ڪرڻ گو لهڻ هن سڀ جو ويچار ٻئي گهر ۾ ڏسو.
3. گهر پنهنجي سهار آجيوڪا ڪرڻ واري نوڪر جو پراڪرم سويڪ جو اوگر ڀاءُ ڀيڻ جو گرام گهر جي مالڪ چوپائي ڦل واري سورنگ ٽاهڻ ان ۾ ڊرڻ پرديسي زمين اشُڌ ماتا پتا جو ويچار هي سڀ ٽئين گهر ۾ ڏسو.
4. اڇڻ وارو ڇاڻ موڙاڪوٽ وروڏي ڏن ڪوٺني پورڻ جو آستان هن سڀ جو ويچار چوٿين گهر ۾ ڇاڻ.
5. وروڏي پربند نون شاسترن جي ڪتا بندوبست ينتي پٽ گرڀ ويگا پڙهڻ منتر چوهٽ ڪال هنن سين جو ويچار پنجين گهر ۾ ڏسندا.
6. مهينن جو روڳ پوري ساڙهڻ اٺ ٻڪري جو روڳ هي سڀ ڇهين گهر ۾ ڏسو.
7. وواد جهڳڙ اڇڻ وڃڻ خريدي ڪرڻ وڪڻڻ ودو استري جو روئڻ هن سڀ جو ويچار ستئين گهر ۾ ڪرڻ گهرجي.
8. انچ نيچ حل ستول دوش پرويش ڪٽنب جو ٽوڙڻ ڪلهي ڪرڻ ندي ۾ ترڻ رستي جو سُک هٿيار ڪان رخمي ٿيڻ ڪتي ۽ نانگ جو ڏنگ يا ڇڪ هڻڻ مرتيو جنم ڪرڻ ڀاءُ جو دشمن ودو پودي واد ۽ ويگا حسو شاڪني ڊاڪني ڪروڌ دوش مڪر ڪرڻ مرتيو هن سڀ جو ويچار اٺين گهر ۾ ڄاڻ.
9. ديو ياترا تيرٿ ياترا گرو سالو ڀاءُ راجا ملن هن سڀ جو ويچار نائين گهر ۾ ڏسو.
10. آڪاش جو ورتمان راج گدي راج مودا راجا جي مهر يعنيٰ نپو ۽ بينڪ ۾ بيلنس جمع ڪرڻ هنن سڀنين جو ويچار ڏهين گهر ۾ سمجهڻ گهرجي.
11. پالڪي هاٿي گهوڙا وستر مڻ لاڀ خرچ هي سڀ ڪجهه يارهين گهر ۾ ڏسو.
12. ڏنڊ ٻنڌن هاني پشو دان چاچو مامون هن جو ويچار ٻارهين گهر ۾ ڏسو.

انگ ۽ اکرن جو ڪوٺو

اکر	1	ب ٻ پ ڀ	ج ڄ جھ چ ڇ ڃ	د، ڍ، ڊ	ھ	و	ز
انگ	1	2	3	4	5	6	7
اکر	ح	ط	ي	ڪ، ک، گ، ڳ، گھ، ڱ	ل، ء	م	ن، ڻ
انگ	8	9	10	20	30	40	50
اکر	س	ع	ف، ڦ	ص	ق	ر، ڙ	ش
انگ	60	70	80	90	100	200	300
اکر	ت، ٽ	ث، ٺ، ٿ	خ	ذ، ڌ، ڏ	ض	ظ	غ
انگ	400	500	600	700	800	900	1000

ست ڏينهن ۽ اُن جا انگ

ڏينهن	آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر
انگ	608	313	140	213	468	520	360

ٻارهن راسيون ۽ اُن جا انگ

راس	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگھ	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مکر	ڪنڀ	مين
انگ	3	22	33	25	19	17	22	12	16	19	33	25

سوال 1: منهنجي هن مقابلي ۾ هار ٿيندي يا جيت سوال ڪندڙ جي نالي جا انگ خاني هڪ مان ڪليو ۽ جنهن ڏينهن سوال ڪيو آهي اون ڏينهن جا انگ خاني 2 مان ڪيو نالي ۽ ڏينهن جا انگ جوڙ ڪريو ۽ منگل جنهن راس ۾ هجي اُن جا انگ بہ ڇڪر 3 مان ڪٿو ۽ اُن ۾ جوڙ ڪريو پوءِ 2 سان ونڊ ڪريو جي 1 بچي تہ توهان جي هار ٿيندي ۽ جي 2 بچن تہ توهان جي جيت ٿيندي.

سوال 2: ٻنهي جي ويڙھ مان جيت ڪنهن جي ٿيندي؟ ٻنهي وڙهڻ وارن جي نالي جا اکر ڪڍي الگ الگ رکو ۽ منگل جنهن راس ۾ هجي اُن راس جا انگ ڇڪر 3 مان ڪيو 2 جڳهين تي رکو ۽ ٻنهين جي نالي جي انگن کي الگ الگ جوڙ ڪريو پوءِ ٻنهين کي الگ الگ 9 سان ونڊ ڪريو پوءِ جنهن جا 21 يعنيٰ 1،3،5 اچن اُن جي جيت ٿيندي ۽ ٻڌي انگ وارن جي هار سنجهو ۽ جي ٻئي ونڊ ۾ برابر اچن تہ جيڪو عمر ۾ ننڍو هوندو اُن جي جيت ٿيندي.

سوال 3: ڪو منش مصيبت ۾ هجي هو مصيبت مان آجو ٿيندو يا نہ؟ سوال جي وقت جيڪو اکشر هجي اُن جو انگ چندرما جي راس ۾ هجي اُن جو انگ منگل جي راس ۾ هجي اُن جو انگ هنن سيني کي جوڙ ڪري سورج جي راس ۾ هجي اهو جوڙ ڪيل مان گهٽ ڪيو باقي جيڪو رهي ان کي 4 کان ونڊ ڪريو باقي 1 بچي تہ جلد ڇُٽي ۽ 2 بچن تہ وڏي مشڪل سان ڌن خرچ ڪرڻ سان ڇُٽي 3 بچي تہ دير سان ڇُٽي ۽ 4 بچن تہ هن مصيبت ۾ گهٽي تڪليف آهي.

Scanned with CamScanner

سوال 4: امتحان ۾ پاس ٿيندو يا نہ سوال ڪندڙ ڪان ڪنهن بہ ڦل جو نالو ڪڍايو پوءِ اُن ڦل جي انگ کي 7 سان ضرب ڪريو پوءِ سوال ڪندڙ جي نالي جا انگ ڪيو ۽ اُن ڏينهن جي تٿي ۽ نڪشتر جي انگ کي جوڙ ڪريو پوءِ ڦل وارو انگ ضرب ڪيل جيڪو آهي اُن ۾ جوڙ ڪريو پوءِ 2 ڪان ونڊ ڪريو جي 1 بچي تہ پاس ٿيندو جي 2 بچن تہ امتحان ۾ فيل ٿيندو.

سوال 5: هن سال اناج مهانگو ٿيندو يا سستو؟ سوال ڪرڻ وقت تٿي نڪشتر ڏينهن جا انگ ڪڍي سڀ جوڙ ڪريو 7 سورج جنهن راس ۾ هجي اُن راس جا بہ انگ اُن ۾ ملايو ۽ 3 ڪان ضرب ڪريو گُرو جنهن راس ۾ آهي اُن جا 2 انگ ڪڍي جوڙ ڪريو پوءِ 3 سان ونڊ ڪريو اگر 1 بچي تہ اناج جو اگهہ وڌي ۽ جي 2 بچن تہ اگهہ گهٽ ٿئي اگر 3 بچن تہ ڏُڪار جهڙي حالت رهي اهڙي طرح هر مهيني جو حساب ڪندا ڪريو.

سوال 6: مونکي ڪهڙي ڏس ۾ وڃڻ سان لاڀ ٿيندو ؟ سوال ڪرڻ وقت تٿي ۽ نڪشتر جا انگ ڪڍي 4 سان ضرب ڪريو پوءِ حاصل انگن مان 7 انگ گهٽ ڪريو باقي ۾ سوال ڪندڙ جي انگن کي جوڙيو ۽ 4 سان ونڊ ڪريو اگر 1 بچي تہ اوڀر ڏس ۾ وڃڻ سان لاڀ ٿيندو اگر 2 بچن تہ ڏکڻ ڏس ۾ اگر 3 بچن تہ اُتر ڏس ۾ اگر 4 بچن تہ اولهہ ڏس ۾ وڃن سان لاڀ ٿيندو.

سوال 7: استريءَ جي گرڀ مان ڌيءُ ٿيندي يا پُٽ؟ سوال ڪرڻ وقت نڪشتر جي ڳڻپ ڪريو ۽ آرتوار سان ڏينهن جي ڳڻپ ڪريو. اُن انگن کي جوڙ ڪري ضرب ڪريو پوءِ جنهن راس ۾ چندرما هجي اُن راس جا انگ ڪڍو ۽ جوڙ ڪيل ۾ ملايو پوءِ 3 سان ونڊ ڪريو 1 بچي تہ پُٽ ٿيندو ۽ جي 2 بچن تہ ڌيءُ ڄمي اگر 3 بچي تہ گرڀ ڪرڀ جو ڊپ رهي اگر گرڀ پات نہ ٿئي تہ ڌيءَ جو جنم ٿيندو.

سوال 8: گم ٿيندڙ ماڻهون ڪڏهن گهر ايندو؟ سوال ڪندڙ ڪان ڪنهن ڏينهن جو نالو ڪڍايو آرتوار يا ٻڌي جو نالو ڪڍي تہ جلدي گهر ايندو. گرو يا شڪر جو نالو ڪڍي تہ گم ٿيل ماڻهون گهر اچڻ وارو آهي. اگر ڇنڇر چوي تہ گهر وينو آهي يا پهچي چڪو آهي اگر منگل چوي تہ گم ٿيل ماڻهون بيمار آهي اگر سومر چوي تہ گهر دير سان ايندو.

سوال 9: غائب ڪهڙي ڏس ۾ آهي؟ غائب ٿيندڙ نالي جا انگ ڪڍو ۽ جنهن ڏينهن غائب ٿيو هجي اُن ڏينهن جا انگ ڪڍي ٻنهين کي جوڙ ڪري 4 سان ونڊ ڪريو اگر 1 بچي تہ اوڀر ڏس ۾ آهي اگر 2 بچن تہ اولهہ ڏس ۾ آهي اگر 3 بچي تہ اُتر ڏس ۾ آهي ۽ اگر 4 بچن تہ غائب ٿيندڙ ماڻهو ڏکڻ ڏس ۾ آهي ۽ هو جلدي گهر ايندو.


سوال 10: ڪو ڪٽي پچي تہ ڦلاڻو ڪم ڪڏهن شروع ڪريان؟ سوال ڪرڻ وقت جيڪو نڪشتر هجي جيڪا تٿي هجي اُن ڏينهن چندرما جنهن راس ۾ هجي انهن جا انگ ڪڍي سڀ جوڙ ڪريو ۽ 7 سان ونڊ ڪريو جي 1 بچي تہ آرتوار 2 بچن تہ سومر 3 بچي تہ منگل 4 بچي تہ ٻڌر 5 بچي تہ گرو 6 بچي تہ شڪر 7 بچي تہ ڇنڇر سمجهڻ گهرجي.

سوال 11: بيمار کي آرام ايندو يا نہ؟ بيمار جي نالي جي نڪشتر ڪان سوال ڪندڙ ڏينهن جي نڪشتر تائين ڳڻو جيڪو ۽ اُن ڏينهن جيڪا تٿي هجي چاهي هو سائي هجي يا اونداهي اُن کي جوڙ ڪريو پوءِ 4 ڪان ضرب ڪري 3 ڪان ونڊ ڪريو باقي 1 بچي تہ بيمار مري ويندو اگر 2 بچي تہ دير سان آرام ايندو جيڪڏهن 3 بچن تہ بيمار کي جلدي آرام ايندو.


سوال12: پيچي ويل ماڻهون ملندو يا نہ سوال ڪرڻ وقت پڳل ماڻهوءَ جي نالي جا انگ جنهن ڏينهن پڳو آهي اُن ڏينهن جا انگ ڪڍي جمع ڪريو ۽ پوءِ انهن کي 4 سان ضرب ڪري 3 سان ونڊ ڪريو 1 بچي تہ پڳل ماڻهون ڪونہ ملندو 2 بچي تہ ڳولهڻ سان ملندو اگر 3 بچن تہ گهنن ڏينهن ڪانپوءِ پڳل ماڻهوءَ جي خبر پوندي

(١) چيٽ، سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 31 مارچ کان 29 اپريل 2025 تائين


چيٽ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرهه ڪنڊلي




چيٽ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرهه ڪنڊلي



چيٽ مهيني جي انڌاري پک جي (٣) گرهه ڪنڊلي




چيٽ مهيني جي انڌاري پک جي (٤) گرهه ڪنڊلي




(٢) ويساک، سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 30 اپريل کان 28 مئي 2025 تائين

ويساک مهيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرهه ڪنڊلي




ويساک مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرهه ڪنڊلي



ويساک مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٣) گرهه ڪنڊلي




ويساک مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٤) گرهه ڪنڊلي




(۳) چيٽ سنبت ۲۰۸۲ شاڪ ۱۹۴۷ برابر 29 مئي کان 26 جون 2025 تائين


چيٽ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۱) گرھ ڪنڊلي




چيٽ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۲) گرھ ڪنڊلي



چيٽ مهيني جي انڌاري پک جي (۳) گرھ ڪنڊلي




چيٽ مهيني جي انڌاري پک جي (۴) گرھ ڪنڊلي



(۴) آکاڙ ۲۰۸۲ شاڪ ۱۹۴۷ برابر 27 جون کان 26 جولاءِ 2025 تائين


آکاڙ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۱) گرھ ڪنڊلي




آکاڙ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۲) گرھ ڪنڊلي



آکاڙ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۳) گرھ ڪنڊلي



آکاڙ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۴) گرھ ڪنڊلي




(٥) سانوڻ سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧ 27 جولاءِ کان 24 آگسٽ 2025 تائين


سانوڻ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرهه ڪنڊلي




سانوڻ مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرهه ڪنڊلي



سانوڻ مهيني جي انڌاري پک جي (٣) گرهه ڪنڊلي




سانوڻ مهيني جي انڌاري پک جي (۴) گرهه ڪنڊلي




(٦) بدو سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 25 آگسٽ کان 23 سيپٽمبر 2025 تائين


بدو مهيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرهه ڪنڊلي




بدو مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرهه ڪنڊلي



بدو مهيني جي انڌاري پک جي (٣) گرهه ڪنڊلي




بدو مهيني جي انڌاري پک جي (۴) گرهه ڪنڊلي




(۷) اَسو سنبت ۱۹۸۲ شاڪ ۱۹۴۷، برابر 24 سيپٽمبر کان 23 آڪٽوبر 2025 تائين


اسو مهيني جي چانڊوڪي پک جي(۱) گرھ ڪنڊلي




اسو مهيني جي چانڊوڪي پک جي(۲) گرھ ڪنڊلي



اسو مهيني جي انڌاري پک جي(۳) گرھ ڪنڊلي




اسو جي انڌاري پک جي(۴) گرھ ڪنڊلي




(۸) ڪتي سنبت ۲۰۸۲ شاڪ ۱۹۴۷ برابر 24 آڪٽوبر کان 22 نومبر 2025 تائين


ڪتي مهيني جي چانڊوڪي پک جي(۱) گرھ ڪنڊلي




ڪتي مهيني جي چانڊوڪي پک جي (۲) گرھ ڪنڊلي



ڪتي مهيني جي انڌاري پک جي (۳) گرھ ڪنڊلي



ڪتي مهيني جي انڌاري پک جي (۴) گرھ ڪنڊلي




Scanned with CamScanner

(٩) ناهري سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 23 نومبر کان 21 ڊسمبر 2025 تائين


ناهري مهيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرهه ڪنڊلي




ناهري مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرهه ڪنڊلي



ناهري مهيني جي انڌاري پک جي (٣) گرهه ڪنڊلي




ناهري مهيني جي انڌاري پک جي (٤) گرهه ڪنڊلي




(١٠) پوهه سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 22 ڊسمبر کان 20 جنوري 2026 تائين


پوهه مهيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرهه ڪنڊلي




پوهه مهيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرهه ڪنڊلي



پوهه مهيني جي انڌاري پک جي (٣) گرهه ڪنڊلي




پوهه مهيني جي انڌاري پک جي (٤) گرهه ڪنڊلي




(١١) مانگھ سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 21 جنوري کان 18 فيبروري 2026 تائين


مانگھ مھيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرھ ڪنڊلي




مانگھ مھيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرھ ڪنڊلي



مانگھ مھيني جي انڌاري پک جي (٣) گرھ ڪنڊلي




مانگھ مھيني جي انڌاري پک جي (٤) گرھ ڪنڊلي



(١٢) ڦڳڻ سنبت ٢٠٨٢ شاڪ ١٩٤٧، برابر 19 فيبروري کان 20 مارچ 2026 تائين


ڦڳڻ مھيني جي چانڊوڪي پک جي (١) گرھ ڪنڊلي




ڦڳڻ مھيني جي چانڊوڪي پک جي (٢) گرھ ڪنڊلي



ڦڳڻ مھيني جي انڌاري پک جي (٣) گرھ ڪنڊلي



ڦڳڻ مھيني جي انڌاري پک جي (٤) گرھ ڪنڊلي





Scanned with CamScan